Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

رياست خيرپور

مرزا قليچ بيگ

ايڊيشن، پهريون 2007

روشني

روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

فهرست

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ديباچو

هندستان ۾ گھڻو ڪري سڀني هندو توڙي مسلمان راڄواڙن ۽ رياستن جون مفصل تاريخون لکيل آهن جي انهن رياستن جي والين ڇپائي پڌريون ڪيون آهن، مگر سنڌ ۾ جيڪا فقط هڪڙي رياست خيرپور جي آهي، تنهن جي اهڙي ڪا مفصل تاريخ ڇپايل نظر ڪا نہ آئي. ٻہ ٽي ورهيہ ٿيا تہ پالن پور رياست جي تازي تاريخ اردو ۾ لکيل ۽ رياست جي ڇپايل، ان جي مصنف سيد گلاب ميان مير منشي، مهرباني ڪري تحفي طور مون ڏي موڪلي، اها اهڙي خوشخط لکيل ۽ ڇپايل هئي ۽ ڪاغذ اهڙا عمدا ڪم آيل هئا ۽ جلد اهڙو خوبصورت ٻڌل هو ۽ وري منجهس ايتريون تصويرون ڏنل هيون، جو تعريف ڪرڻ کان ٻاهر آهي. اهڙو ڪتاب هر ڪنهن ڪتبخاني جو زيب زينت ٿي سگھي ٿو ۽ انهيءَ رياست جو اهو هڪڙو عجيب تحسين جهڙو تحفو سڏي ٿو سگهجي. اهو ڪتاب ڏسي مون کي دل ۾ آيو تہ اسان جي سنڌ ۾ جا خيرپور رياست آهي ۽ تنهن جي ڇو نہ اهڙي تاريخ لکجي، جو اڳئي سنڌ جي تاريخ انگريزي ۾ لکي اٿم. جا سرڪار ڇاپائي آهي ۽ سنڌي ۾ بہ لکي اٿم جا سنڌ جي تعليم ڪاتي ۾ ڪم پئي اچي. انهيءَ ارادي سان آئون انگريزي ۽ فارسي ڪتابن تان گھربل مضمون گڏ ڪرڻ لڳس. سن 1919ع ۾ جڏهن خيرپور ۾ آل انڊيا محمدن ايڊوڪيشنل ڪانفرنس گڏ ٿي ۽ آئون بہ اتي ويس، تڏهن گھربل مڪاني احوال بہ روبرو گڏ ڪيم ۽ وزير ميان محمد ابراهيم خان صاحب جي مهرباني سان رياست جي ڪتبخاني مان بہ ڪي انگريزي، فارسي ۽ اردو ڪتاب هٿ ڪري مطالعو ڪيم ۽ انهن مان ضروري انتخاب ڪييم، بلڪ رياست جي دفتر مان بہ ڪي ڳالهيون ڪڍي موجود ڪيم. اهي ڪتاب هي آهن، بلوبڪ پارليامينٽ جو يعني سنڌ ڪرسپانڊنس، خاص رياست خيرپور بابت سرڪاري ڪرسپانڊنس، لانگلي صاحب وارو ڪتاب، برنس صاحب وارو ڪتاب، سنڌ گزٽيئر ۽ ڪي ٻيا انهن کان سواءِ پنهنجي انگريزي سنڌ جي تاريخ مون کي زياده ڪم آئي. ڪتاب جي پوري ٿيڻ کان پوءِ سگھو ئي هزهائينس مير سرامام بخش خان وفات ڪئي ۽ هزهائينس مير علي نواز خان صاحب رياست جي گادي تي ويٺو ۽ ميان محمد ابراهيم جي وچڻ ڪري شيخ محمد قادر وزير ٿيو. انهيءَ پوئين ورهيہ ٻن جو احوال، جو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪتاب جي پوري ڪرڻ لاءِ گهربل هو. سو شيخ صاحب مٿين موجود ڪري ڏنو ۽ ڪتاب ۾ وجهڻ لاءِ گهربل تصويرون بہ خاص طرح ڪيدائي موڪليائين ۽ ڪتاب جي ڇاپڻ جو بہ رياست جي طرفان ذمو کنيائين. انهيءَ لاءِ آئون مير صاحب هاٽوڪي واليءَ جو ۽ اڳوٽي وزير جو گهڻو شڪر گذار آهيان.

حيدرآباد　　　قليچ بيگ

1 جنوري 1922ع

ڪتبخانو
واٽس ايپ لائبريري

سنڌي، اردو، انگريزي ادبي، تعليمي ڪتابن ۽ اخبارن جي مفت ونڊ جي فورم ۾ جو حصو بڻجڻ لاءِ گهربل معلومات

١. نالو
٢. شهر جو نالو
٣. تعليمي قابليت
۴. مصروفيت
۵. تصوير

ميمبرشپ حاصل ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ ڪتبخانو جو فيسبڪ گروپ جوائن ڪرڻ لازمي آهي...!!
facebook.com/kutabkhano

گروپ ايڊمن: امير عدنان
00923337516944

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب پهريون

خيرپور جي جاگرافيائي ۽ ٻيو طبعي احوال

رياست خيرپور جون حدون هي آهن. اتر اپرندي ڏي سکر ضلعو اپرندي ڏي جوڌپور ۽ جيسلمير جا راڄواڙا، ڏکڻ ۽ ڏکڻ اپرندي ڏي ٿرپارڪر ۽ حيدرآباد جا ضلعا ۽ اتر الهندي ڏي سنڌو ندي آهي. ان جي تمام وڏي ڊگهائي 120 ميل آهي ۽ ان جي تمام وڏي ويڪرائي 70 ميل آهي. انجي پکيڙ 605 چورس ميل آهي، اگرچہ اها درياه جي ڦرڻ ڪري ٿورو گهڻو گهٽ وڌ ٿئي ٿي. سن 1921ع ۾ ان جي آدمشماري 193152 هئي جا اڳوٽي ڏهہ سالي آدمشماريءَ کان 30636 ماڻهو گهٽ هئي.

هن رياست جي حدن اندر ٽي ٽڪر انگريز سرڪار جي ملڪ جا آهن، جي ڪنگري ۽ مينگهوالي جا ٽپا آهن ۽ روهڙي تعلقي ۽ سکر ضلعي سان لاڳو آهن.

رياست خيرپور جو ڏکڻ اپرندي وارو اڌ انهيءَ ريگستان جو ڀاڱو آهي، جو ٿورو سکر ضلعي ۾ ۽ گهڻو ٿرپارڪر ضلعي ۾ اچي ٿو وڃي انهن ۾ گهڻي آبادي ڪا نہ ٿئي ٿي، مگر انن ۽ ڍورن جي چاري جهڙا وڻ ٻوٽا آهن. رياست جي الهندي ۽ اتر وارا ڀاڱا سکر ۽ حيدرآباد ضلعن جي پاسي وارن ڀاڱن جهڙا آهن ۽ جيستائين انهن کي اپرندي ناري جو ۽ سنڌو ندي ۽ انهيءَ ما نڪتل واهن جو پاڻي پهچي ٿو سگهي، تيستائين چڱا آباد آهن. خيرپور شهر جي آسپاس واري ملڪ ۾ ٽاليءَ جا وڻ گهڻا ٿين ٿا ۽ انهن کي ڏاڍو سهڻو ڪيو بيٺا آهن. هڪڙي ٽڪرن جي قطار جا اٽڪل ارڙهن ميلن تائين روهڙي کان ڏکڻ ڏي روهڙي تعلقي ۾ وڃي ٿي ۽ 450 فوٽ سمنڊ جي سطح کان مٿي آهي ۽ 300 فوٽ آسپاس جي زمين کان مٿي آهي، سا انهيءَ کان پوءِ ساڳئي طرف ٽيهہ ميل ٻيا بہ خيرپور مان هلي ويئي آهي ۽ اتي وڃي سترهن ميلن ۾ پکڙي آهي. انهن ٽڪرن ۾ ڪو وڻ ٻوٽو ڪونهي، مگر منجهان برسات جي موسم ۾ نيون نڪرن ٿيون، جن کان سواءِ ملڪ ۾ ڪا ندي يا نهر ڪانهي، سواءِ اپرندي ۽ ناري جي، درياهہ جي اٿل آبڪلاڻيءَ جي ڏينهن ۾ اتر کان سکر ضلعي مان ناري جي پاسي کان اڳي ايندي هئي، پر هاڻي نٿي اچي، وات تي آئي آبادي جي ڪم ۾ اچي وڃي ٿي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

خيرپور رياست جي آبهوا گهڻو ڪري سنڌ جي اتر واري ڀاڱي جهڙي آهي يعني سياري ۾ گهڻي سرد آهي ۽ اڪثر پارو ڄمي ٿو ۽ آرڙهه ۾ گهڻي گرمي آهي ۽ ٿرما ميٽر 120 درجي تائين چڙهي ٿو. سيارو نومبر مهيني کان شروع ٿئي ٿو ۽ اونهارو مارچ کان. مينهن سراسري ٻه انچ يا ٿورو مٿي پوي ٿو جيئن سکر ضلعي ۾ آهي.

نباتي، معدني ۽ حيواني پيدائش هي آهي: 331 چورس ميل ٻيلي هيٺ آيل آهن، جن مان 200 چورس ميل خاص شڪارگاهه آهن. ٻيلن ۾ ٻير ۽ ڪنڊي جا گهاٽا وڻ آهن ۽ ڪنڊ ۽ لَين جو جهنگ گهڻو آهي. ٻيلي جي نظرداريءَ لاءِ عملدار مقرر آهن ۽ ڪاٺين جي وڪري مان چڱي پيدائش ٿئي ٿي. هڪڙي سال ۾ اٽڪل 36. 37 هزار ٿيندي آهي. درياهه کي ويجهو ٻهڻ ۽ ٽاليءَ جا وڻ گهڻا ٿين ٿا، عمارتن جي ڪم لاءِ ٽڪرن مان پٿر اچن ٿا. مگر ٻي ڪا ڪمائتي معدني پيدائش ڪانهي، سواءِ ميٺ ۽ چانيهي جي، ميٺ ٽڪرن مان نڪرندو آهي ۽ چانيهو ٿر وارين ڍنڍن مان گڏ ٿيندو آهي. هن حد جو چانيهو ٿرپارڪر جي چانيهي کان بهتر آهي، جو منجهس لوڻ تمام ٿورو ٿئي ٿو تنهن ڪري انهيءَ جو گهڻو انداز انگريز سرڪار جي ملڪ ۾ وڪري لاءِ ويندو آهي، جهڙو سنڌ ۾ تهڙو بمبئي جي پاسي، انهيءَ مان رياست کي چڱي پيدائش ٿئي ٿي.

رياست جي حد ۾ نباتات مان هيٺيان قسم لين ٿا، جي ٻيلن، جهنگ ۽ باغن ۾ ٿين ٿا، ٻير، ڪنڊي، سرنهن، پپر، ٽالي، نم، گدامڙي، گيدوڙي، ليسوڙي، ليار، لئو ڪرڙ ڪبڙ، ڪانڊيرو، اڪ وغيره. پنين ۾ هيٺيون جنسون پوکبيون آهن، جهڙوڪ: ساريون، ڪڻڪ، جوار، ٻاجهري، جَوَ چڻا، مٽر، مڪائي، سرنهن، چانيو تر چونئرا وغيره. ميون مان هيٺيان ٿيندا آهن: انب، صوف، توت، ڏاڙهون، نارنگيون، زيتون، ڪيوڙا، ڊاک، ڄمون، صوفي ٻير، ليمان، چاهيون، گدرا، ونگا، ڪدو، ميها ۽ ٻيون سنڌي ڀاڄيون.

حيوانات مان رواجي چوپائي مال ۽ وهٽن کان سواءِ ٻيلن ۽ جهنگن ۾ هيٺيان جانور آهن: گدڙ بگهڙ، لومڙ، سَها، جهنگلي ٻلا، هرڻ، ڦاڙا، چراغ وغيره، سرنڌڙ جانورن مان گهڻن قسمن جا نانگ ۽ بلائون، نور نوريئڙا، ڄاها، ڳوهون، ڪرڙيون، ڪئا وغيره، پکين مان پاليلن ۾ ڪڪڙن ۽ بدڪن کانسواءِ هي آهن. ڪانگ، جهرڪيون، بلبليون، ڪبريون، ٻيرا، چبرا،

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

وهيا ،ڳيرا ،پاريل ڪبوتر، مور، ڪهنگ ۽ پاڻي جا پکي، پاڻي جي ساهه وارن مان پلا ۽ ڏنيرا ۽ ٻيون رواجي مڇيون ۽ انهن کان سواءِ ڪميون ۽ ڪچون ۽ سيسر واڳون بہ آهن.

خيرپور رياست جي ڪل آدمشماري سن 1921ع واري پوئين سينس موجب 193152 آهي، جيئن مٿي بہ ڏيکاريل آهي. اها اڳوڻن آدمشمارين کان گهٽجو گهٽيل آهي، سراسري آدمشماري مان سَوَ تي اٽڪل 18.3 هندو آهن ۽ 81.7 مسلمان آهن. هندن مان گهڻا مڙئي لوهاڻا يا واڻيان آهن، مسلمانن مان گهڻا سنڌي آهن ۽ٿورا ٻروچ، سنڌين مان بہ گهڻا سَما آهن ۽ ٿورا سومرا ۽ ٻروچن ما مکيہ رند، مري، چانڊيا، جتوئي ۽ ٿورا ٻڙدي ۽ ڊومڪي آهن. ساري آدمشماري مان سَوَ تي 69 سيڪڙو پوک ڪندڙ آهن. خلاصي خيرپور شهر جي آدمشماري پندرهن هزارن کان مٿي آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب ٻيو

سنڌ جو قديمي تاريخي احوال
هاڪڙو کير پور واري پاڳي سميت

رياست خيرپور جو قديم تاريخي احوال سنڌ جي قديم تاريخي احوال ۾ اچي وڃي ٿو. هاڪڙو خيرپور جي آسپاس وارو ملڪ سنڌ جي قديم گادي جي هنڌ الور يا اروڙ جي ويجهڙائيءَ ۾ هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ پنجاب به شامل هو هاڪڙو سنڌ کان ٻيڻو ٽيڻو وڏو هو. ڏکڻائي ۾ ڪشمير کان وٺي عربي سمنڊ تائين هو ۽ ويڪرائي ۾ ايران کان وٺي راجپوتانا تائين هو. افغانستان ۽ بلوچستان جا پاڳا به انهيءَ ۾ داخل هئا. انهيءَ جي جدا جدا پاڳن ۾ جدا جدا قلعا هئا ۽ جدا جدا حاڪم هئا. الور گادي جو هنڌ هو. انهن ڏينهن ۾ درياهه الور وٽان وهندو هو. الور يا هاڪڙو اروڙ روهڙي يا لوهري کان ٽي چار ميل پري هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جا حاڪم راءِ گهراڻي جا هئا، جن جي حڪومت اٽڪل سوا سؤ ورهيه هلي، انهيءَ گهراڻي جو پنجون راجا راءِ سهسي هو جو بنا اولاد مري ويو ۽ سندس راڻي انهيءَ راجا جي وزير چچ برهمڻ کي ڪٺي تخت تي ويهاريو ۽ پاڻ انهيءَ سان شادي ڪيائين. انهيءَ طرح برهمڻ گهراڻي جي حڪومت شروع ٿي. اهي برهمڻ ٻڌ ڌرم جا هئا. انهن جي حڪومت اسي ورهيه هلي، پڇاڙي جو راجا ڏاهر نالي هو. جو چچ جو پٽ هو. جڏهن هو ٽيٽيهه ورهيه راڄ هلائي رهيو. تڏهن ڏارين سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ راجا ڏاهر کي ماري سنڌ پنهنجي هٿ ڪيائون. اهو هجري سال 92 ۽ عيسوي 711ع هو. محمد بن قاسم ثقفي عربن جو سپهه سالار هو. جنهن الور ۾ اچي راجا کي ماريو ۽ الور ورتو. تنهن کان پوءِ بني اميه ۽ بني عباس گهراڻن جي خليفن هيٺ سنڌ ۾ چڱو سڌارو ٿيو. اها عربن جي حڪومت اٽڪل پوڻا ٽي سؤ ورهيه هلي، پوءِ خليفن جي ضعيفي ڪري سنڌ ۾ فساد ٿيڻ لڳا ۽ هڪڙا زور وارا ماڻهو ٻين ڪمزورن تي غالب پئجي حڪم هلائڻ لڳا. اهو بي بندوبستيءَ جو زمانو به چاليهه ورهيه هليو. جڏهن 1024ع ۾ محمود غزنوي هندستان تي ڪاهه ڪئي تڏهن وري سنڌ ۾ آرام ٿيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

غزنوي گهراڻي جي هٿ ۾ بہ سنڌ پنجويهہ ورهيہ رهي، پوءِ جڏهن غزني ۾ فساد ٿيڻ لڳو تڏهن سنڌ ۾ بہ زور واريون قومون خود مختيار ٿيڻ لڳيون، انهن مان مکيہ سومرا ماڻهو هئا جي اصل ۾ هندو هئا، پوءِ مسلمان ٿيا، ۽ جن جو سردار ابن سومار ملتان جو حاڪم هو. سومرن جو راڄ بہ سنڌ ۾ قريب ٽي سؤ ورهيہ هليو. پوئين حاڪم حمير سومري جي ظلمن ڪري فساد ٿيڻ لڳو ۽ سما ماڻهو جي زور پريا هئا تن هن کي ماري پنهنجي سردار ڄام انڙ کي گادي تي ويهاريو. اهو واقعو 1351ع ۾ ٿيو. سما بہ سومرن وانگي اصل هندو هئا جي پوءِ مسلمان ٿيا هئا، هنن بکر هڪڙي پاسي ۽ ڪڇ ٻئي پاسي ورتو. انهي گهراڻي جي حڪومت هڪ سئو ستر ورهيہ هلي، پوين ڄام نظام الدين هو. جنهن جي ڏينهن ۾ شاهہ بيگ ارغون قنڌار کان سنڌ تي ڪاهہ ڪئي ۽ اهو ملڪ ورتائين ۽ بکر ۽ ٻين هنڌن تي ڪوٽ جوڙايائين. اهڙيءَ طرح 1521ع ۾ ارغون گهراڻي جي حڪومت شروع ٿي، شاهہ بيگ ۽ سندس پٽ شاهہ حسن ٽيٽيهہ ورهيہ سنڌ ۾ حڪومت ڪئي. پوءِ سنڌ جي حڪومت ڇڇي بہ ڀاڱا ٿي ۽ ارغون گهراڻي جي ٻن وڏن سردارن مرزا عيسيٰ ترخان ۽ سلطان محمد پاڻ ۾ اهي ڀاڱا ورهائي ورتا. پهريون ٺٽي ۾ رهيو ۽ ٻيو بکر ۾ سگهو ئي انهن ٻنهي جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو. سلطان محمد ڏيءَ جو سڱ دهلي جي مغل بادشاهہ اڪبر کي ڏنو هو، سو جڏهن پاڻ مئو ۽ ٻيو وارث ڪو نہ هئس، تڏهن بکر اڪبر بادشاهہ جي هٿ ۾ آيو جنهن پنهنجي پاران سنڌ ۾ نواب مقرر ڪيو. اهڙيءَ طرح 1590ع ۾ دهلي جي شهنشاهن جي نوابي يا صوبيداري شروع ٿي. ميان نواب ميان يار محمد ۽ سندس پٽ ميان نور محمد عباسي ڪلهوڙا هئا. 1939ع ۾ جڏهن نادر شاهہ پهرين هندستان تي ۽ پوءِ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، تڏهن ميان نور محمد، جنهن پاڻ کي انهيءَ گڙٻڙ ۾ خودمختيار ڪيو هو، تنهن کي سنڌ جو حاڪم مقرر ڪري پنهنجو ڍل ڀرو ڪيائين. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت شروع ٿي جا 1781ع تائين هلي. پويون حاڪم ميان عبدالنبي هو جنهن جي ڏينهن ۾ ٽالپر بلوچن زور ورتو ۽ ميان جي مٿن ظلم ڪرڻ ڪري هنن انهن تي ڪاهہ ڪري سنڌ ورتي ۽ پوءِ ٽالپرن جي حڪومت شروع ٿي جا 1843ع تائين هلي، جڏهن سنڌ انگريز سرڪار جي هٿ ۾ آئي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

اها آهي مختصر ڳالهه سنڌ جي اڳوڻي ۽ هاڻوڪي تاريخ جي جا اسان هن وقت تائين آندي آهي، جنهن وقت هاڻوڪي خيرپور جي رياست ۽ انهيءَ جي هاڻوڪن حاڪمن جي خاندانن جو واسطو شروع ٿيو. رياست خيرپور واري ڀاڱي الور، روهڙي ۽ بکر وارن شهرن سان تہ تعلق رهيو آهي، جي اڳي حڪومت جون مکيہ جايون هيون ۽ رياست جا ڪي مڪان آهن جن جا نالا اڳوڻي تاريخ ۾ اچن ٿا، مثلاً ٻيرلوءِ جو ڳوٺ، جو رياست جي حد اندر آهي ۽ روهڙيءَ کي ويجهو آهي، مرزا شاهہ حسن ارغون جي ڏينهن ۾ مرزا ڄام فيروز سمي کي آخري شڪست ڏئي انهيءَ ڳوٺ ۾ آيو. گهڻا ڏينهن اتي شڪار ڪري پوءِ بکر ۾ آيو ۽ اوٻاوڙي ۾ ماڇيلي جي ڏهرن، ماڇين ۽ ٻين قومن کي ماري مڃايائين.

وري جن ڏينهن ۾ دهليءَ جي غزنوي ۽ غوري گهراڻن جي بادشاهن جا نواب سنڌ ۾ حاڪم هوندا هئا، تن ڏينهن ۾ ڪلهوڙن جي وڏن مان ڄام چينہ لوهري جي پرڳڻي پرالوءِ جي تعلقي ۾ هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو. جنهن کي سندن نالي جي پٺيان چينہ ٻيلي چوندا هئا. پرالوءِ جو ڳوٺ جو هاڻي رياست خيرپور ۾ داخل آهي، روهڙي کي ويجهو آهي ۽ انهن ڪلهوڙن جي بزرگن مان ميان آدم شاهہ هو جو بکر ۾ رهندو هو جتي آدم شاهہ جي ٽڪري اڃا مشهور آهي ۽ جنهن کي نواب خان خانان چانڊڪي تعلقي ۾ زمينداري ڏني، جنهن کي هاڻي لاڙڪاڻو ٿا چون.

انهيءَ مان معلوم ٿيندو تہ قديم وقت کان وٺي هاڻوڪي خيرپور جو آسپاس وارو ملڪ روهڙي ۽ اروڙ بلڪ مٿي اوٻاوڙو ۽ ميرپور ماٿيلو ۽ هيٺ بکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جي حد تائين ۽ درياهہ جي هن پاسي اترادي يا ساهتي پرڳڻو يعني ڪنڊياري ۽ نوشهري وارو پاسو، اهو سڀ ملڪ هڪڙو ڀاڱو شمار ٿيندو هو. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي حڪومت ۾ بہ ائين شمار ٿيندو هو ۽ مٿي اتر ڏي بهاولپور يعني داؤدپوٽن جي پرڳڻي سان دنگئي هوندو هو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب ٽيون

اوائل وارن ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جو احوال

هاڻي اسين پهرين ٽالپرن، ميرن جو ۽ پوءِ خاص خيرپور وارن مير صاحبن جو ذڪر ڪنداسين. سنڌ جي تاريخ ۾ ٽالپرن ميرن جو نالو پهرين ميان يار محمد ڪلهوڙي جي حڪومت وارن ڏينهن ۾ اچي ٿو، جڏهن دهلي جي شاهزادي محمد معزالدين ميان کي خدا يار خان جو خطاب ڏئي سيوي جو حاڪم ڪيو ۽ ميان انهيءَ پاسي روانو ٿيو. ڪلهوڙا تڏهن سرائي سڏبا هئا ۽ فقير ۽ پير گهر سمجهيا ويندا هئا ۽ مريد رکندا هئا. جيئن تہ ميان آدم شاهہ، ميان شاهل محمد ۽ ميان فقير محمد چانڊڪي پرڳڻي ۾ اڳئي ٿي گذريا آهن. ۽ ٽالپر بلوچ بہ سندن مريدن مان هئا. انهن بلوچن مان مير شهداد خان انهيءَ وقت ۾ ميان يار محمد وٽ زور هو. انهيءَ وقت واري ديرن واري پرڳڻي ۾ يعني ديري غازي خان ۽ ديري اسماعيل خان جي پاسي فساد برپا ٿيو هو. شاهزادو بکر کان ملتان مان ٿيندو انهيءَ پاسي ويو ۽ مير شهداد خان ٽالپر بلوچ کي لشڪر جو مهندار ڪري فساد بند ڪرڻ لاءِ اوڏانهن موڪليائين. هن ڏاڍي بهادري ۽ تجويز سان فساد وڃي بند ڪيو جنهن ڪري شاهزادو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن کي پَٽَ باران واري زمين جاگير ڪري ڏنائين.

اهو ئي مير شهداد خان آهي، جو ٽالپرن جو وڏو ڏاڏو شمار ۾ اچي ٿو ۽ جنهن جي پٽيان هو شهدادا ڻي سڏجن ٿا ۽ جنهن پوءِ شهدادپور جو شهر ٻڌو. اهو هوتڪ خان ولد سليمان خان جو پٽ هو جو وري شاهي خاندان جو پٽ هو. هوتڪ خان کي ست پائر هئا، جن مان هڪڙي جو نالو مالڪ خان هو جو ميرپور خاص وارن ماڻڪاڻي ميرن جو ڏاڏو هو ۽ جنهن جو پٽ الهيار خان هو، جنهن جي پٽيان الهيار جو ٽنڊو ٿو سڏجي. مير شهداد خان کي بہ پٽ هئا، هڪڙو مير چاڪر خان ۽ ٻيو مير بهرام خان. مير چاڪر خان خيرپور وارن ميرن جو ڏاڏو هو ۽ مير بهرام خان حيدرآباد وارن ميرن جو ڏاڏو هو. مٿي جيڪو شاهو خان سيني ٽالپرن جو وڏو ڏيکاريو ويو آهي. تنهن جي چاچي جو نالو ٽالو خان هو، جو انهيءَ وقت ڏاري سيني کان وڏو هو ۽ ٽالپرن کي اهو نالو بہ انهيءَ کان مليو آهي. مير شهداد خان جي قبر شاهپور جي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ويجهو ديهہ قبا شهداد ۾ آهي، سندس وفات جي تاريخ 2 رجب 1147هہ مطابق 1734ع ڏيڪاريل آهي.

ميان يار محمد ڪلهوڙي جي مرڻ تي سندس پٽ محمد مرادياب خان کي دهلي جي شهنشاهہ سر بلند خان جو خطاب ڏيئي سنڌ جو نواب مقرر ڪيو. سگهو ئي هو ظلم ڪرڻ لڳو تنهن ڪري سردار ڪانئس ناراض ٿيڻ لڳا. انهن ۾ مکيہ مير شهداد خان جو پٽ مير بهرام خان هو. انهيءَ ٻين سردارن سان صلاح ڪري ميان کي گادي تان لاهي سندس ڀاءُ عطر خان کي ويهاريو. پر هن بہ گهڻو سوجهرو ڪو نہ ڪيو تنهن ڪري عطر خان کي بہ گادي تان لاهي سندس ڀاءُ ميان غلام شاهہ کي گادي تي ويهاريائون. پوءِ تہ ڪنهن ڏينهن تائين ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ جنگ پي هلي. مير بهرام ميان غلام شاهہ جو سپهہ سالار هو ۽ عطر خان کي احمد شاهہ دراني جي مدد هئي. آخر عطر خان اوٻاوڙو ۾ شڪست کاڌي ۽ ميان غلام شاهہ دهلي جي بادشاهہ جي طرفان شاهہ وردي خان جي خطاب سان سنڌ جو نواب مقرر ٿيو. (1762ع).

ميان غلام شاهہ جي مرڻ تي 1772ع ۾ سندس پٽ ميان محمد سرفراز ”خدا يار خان“ جي خطاب سان سنڌ جو نواب ٿيو. خدا آباد جو تازو ٻڌل شهر تن ڏينهن ۾ ڪلهوڙن حاڪمن جو تخت گاهہ هو. مير بهرام خان جو ميان غلام شاهہ وٽ ڏاڍو مان هو جيئن تہ هو پير مرد هو تنهن ڪري پنهنجي پٽ مير بجار خان کي دربار ۾ پاڻ سان آڻڻ ۽ ملڪ جي صلاح مشورن ۾ شامل ڪرڻ لڳو. سگهو ئي راڄي ليکي جي حسد ۽ چورت ڪري ميان جي مير بهرام ۽ سندس پٽن مير بجار ۽ مير صوبدار سان اڻ بڻت ٿي پيئي، نيٺ ميان مير بهرام ۽ سندس پٽ مير صوبدار خان کي مارائي ڇڏيو ۽ مير بجار خان ڀڄي حج ڪرڻ لاءِ هليو ويو. ميرن کي خدا آباد ۾ دفن ڪيو ويو.

انهيءَ کانپوءِ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دشمني شروع ٿي، مير صوبدار خان کي مرڻ وقت چار پٽ هئا، مير فتح علي خان، مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان، اهي سڀ اجا ننڍا هئا، منجهن وڏو ٽالپر مير فتح علي خان هو جو هن جي پيءُ جو سؤٽ هو. سو بلوچ لشڪر وٺي ميان تي ڪاهي ويو ۽ حيدرآباد جو قلعو وٺي، ميان کي شڪست ڏيئي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

پوءِ موٽي وڃي پنهنجي ڳوٺ شهدادپور ۾ رهڻ لڳو. جيستائين مير بجار موٽي اچي تيستائين ميان ٻيجي ويو.

انهيءَ وچ ۾ راڄي ليکي محمد سرفراز جي جاءِ تي سندس پٽ محمود خان کي ويهاريو. پر پوءِ انهيءَ کي بہ ناپسند ڪري ميان غلام نبي کي گادي تي ويهاريائين جو ميان نور محمد جو پٽ هو. سگهو ئي مير بجار خان حج پڙهي موٽي آيو ۽ پنهنجا بلوچ ڇهہ هزار ماڻهو گڏ ڪري ميان غلام نبي سان لانياريءَ ۾ وڙهيو. جنهن ۾ ميان مارجي ويو ۽ بلوچن فتح ڪئي. مير بجار خان حيدرآباد مان ميان عبدالنبي کي گهرائي گادي تي ويهاريو. جو ڪلهوڙن مان باقي اهو جيئرو هو ۽ ٻيا حقدار هن اڳيئي مارائي ڇڏيا هئا. پهرين تہ بلوچ سردار ميان جي پاران جنگيون ڪندا رهيا، پر نيٺ ميان بدگمان ٿيو ۽ ڪن دشمنن چورت تي جوڌپور جي رراجا جي مدد سان ميربجار خان کي مارائي ڇڏيائين (1781ع). هن جي مرڻ تي سندس پٽ مير عبدالله بلوچن جو سردار ٿيو. اهو مير چاڪر جي پٽ مير سهراب خان ۽ مير صوبدار جي پٽ مير فتح خان سان گڏجي ميان ڏي تي ويو تہ ميان ڊپ کان ملڪ ڇڏي قلات ڏي ڀڄي ويو. تنهن ڪري مير عبدالله سندس هڪڙي عزيز ميان صادق علي کي ڪٽي گادي تي ويهاريو. سگهو ئي پوءِ ميان عبدالنبي جا پٽ جيڪي جوڌپور ڏي ڀڄي ويا هئا سي راجا جي مدد وٺي سنڌ ۾ آيا. ميان بلوچن جو لشڪر وٺي وڃي هنن کي شڪست ڏني، بلوچن جي لشڪر ۾ مير عبدالله خان وچ لشڪر ۾ هو ۽ مير سهراب خان هڪڙي پاسي هو ۽ مير فتح علي خان ٻئي پاسي،مير فتح علي خان وري سيني جي اڳيان لشڪر وٺي هليو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ بلوچن کي ڏاڍو لٽ جو مال هٿ لڳو. تنبو غاليچا، توبون، هاٿي، اُٺَ ۽ سون جا ڪنگڻ وغيره.

اجا فتحمند بلوچن آرام مس ورتو تہ مير غلام علي خان جو خط هڪڙو قاصد ڪٽي آيو. جنهن ۾ لکيل هو تہ ميان عبدالنبي قلات جي خان محمد نصير کان بروهين جو لشڪر وٺي لاڙڪاڻي ۾ آيو آهي ۽ لشڪر جو مهندار سندس نالي زرڪ آهي. هي بہ لکيل هو تہ ميان خان سان اهو انجام ڪيو آهي تہ انهيءَ مدد جي عيوض ۾ هو خان کي ٽي لک رپيا ۽ ملڪ جو ڪو ڀاڱو ڏيندو. انهيءَ بروهي لشڪر سان سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ مهراب، ڏگاٽو جتوئي،

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جنجهڻ، کوسا ۽ ٻين قومن جا ماڻهو بہ اچي شامل ٿيا هئا. جڏهن مير عبدالله ۽ سندس عزيزن اها خبر ٻڌي تڏهن هڪدم انهيءَ پاسي روانا ٿيا ۽ جالڪ جي پل وٽ وڃي انهن کي رسيا ۽ دشمن جي لشڪر گاهہ جي سامهون منزل ڪري لهي پيا. ميان ڄاتو تہ بلوچ پري کان پنڌ ڪري ٿڪجي آيا آهن، تنهن ڪري هو هڪدم لشڪر وٺي مٿس آيو. پاڻ جتوئي ۽ کوسا وٺي وچ ۾ ٿيو ۽ سڄي هٿ پاسي قلاتي ۽ بروهي پنهنجي سردار زرڪ جي هٿ هيٺ هليا ۽ کٻي پاسي نومڙيا ٿيا. انهيءَ ترتيب ۾ جنگ لاءِ ايندو ڏسي مير عبدالله بہ پنهنجي لشڪر جا ٽي پاڱا ڪيا. ميان صادق علي جو هاٿي تي چڙهيل هو، تنهن کي مرزو فقير ۽ سندس پٽ باشو ڏئي ميان سان مقابل ٿيڻ لاءِ موڪليائين، مير فتح خان ۽ نظاماڻي لشڪر کي نومڙين سان وڙهڻ لاءِ مقرر ڪيائين. پاڻ مير فتح علي خان سهراب خان کي ساڻ ڪري بروهين سان سامهون ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو. پهرين لڙائي بندوقن سان شروع ٿي، سگهو ئي مير فتح خان جنهن کي راجپوتن واري گڏريل جنگ ۾ زخم ٿيا هئا ۽ پورو تندرست نہ هو سو هٿڻ لڳو ۽ پوءِ ميان صادق علي بہ پٺ تي هٿڻ جون نشانيون ظاهر ڪيون. هي حال ڏسي مير عبدالله ڏاڍي همت ڪئي. سندس حڪم سان سڀ بلوچ گهوڙن تان لهي پيا ۽ ترارين هٿ ۾ ڪٺي دشمن جي لشڪر جي وچ واري پاڱي تي ڪاهي آيا. اهڙي همت ڪيائون جو هنن ۾ گڙٻڙ پئجي ويئي. زرڪ بروهي ۽ مهراب جتوئي ۽ ڪيترائي ٻيا بهادر سپاهي مارجي ويا. نتيجو اهو ٿيو تہ سارو لشڪر اٿي ڀڳو ۽ بلوچن کي ڏاڍو لٽ جو مال مليو. پوءِ سڀ خوشين ۾ موٽي خدا آباد ۾ آيا.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب چوٿون

سردار مدد خان جي ڪلهوڙن ڪي مدد ۽ ميرن جي هٿان شڪست

انهيءَ وچ ۾ ميان عبدالنبي موٽي قلات ڏي ويو. اتي ٻڌائين ته سردار مدد خان افغان بادشاهي لشڪر ساڻ ڪري بهاولپور آيو آهي ۽ محمد بهاول دائود پوٽو ڊپ کان ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو آهي. ميان گهڻيون سوکڙيون ڏيئي پنهنجو وڪيل سردار ڏي موڪليو ۽ مدد جي عيوض گهڻي سون ڏيڻ جو انجام ڪيائين. ٻئي پاسي خود بادشاهه ڏي وڪيل موڪليائين، جنهن مدد خان کي حڪم ڪيو ته لشڪر سنڌ ۾ وٺي وڃي ۽ ميان جي مدد ڪري، ان موجب مدد خان سنڌ ۾ آيو. ميان عبدالنبي بروهين ۽ نومڙين جي لشڪر سميت وڃي هن کي گڏيو. مدد خان چيس ته مون کي لشڪر جي خرچ لاءِ پئسا گهرجن. تنهن ڪري اڌ رقم جو هٿ ۾ ڏي ۽ ٻيو پوءِ ڏجائين. ميان عبدالنبي وٽ ته ايترو پيسو ڪو نه هو تنهن چيس ته خزانو سڀ حيدرآباد جي قلعي ۾ رکيل آهي، جنهن وقت قلعو ورتوسين تنهن وقت رقم پهچائي ڏيندس، تيستائين ڪوچ ڪندي ملڪ ڦرڻ سان گهڻو ئي هٿ اچي سگهندو. مدد خان کي خانگي جاچ ڪرڻ سان معلوم ٿيو ته ميان رڳو ڪوڙو بهانو ٿو ڪري ۽ مفت اسان کي تڪليف ڏني اٿس، تنهن ڪري هن ميان عبدالنبي جي مک صلاحڪارن تاجي ليکي جي پٽ بلاول ۽ تاجي سامتئي ۽ ٻيءِ دربان کي قيد ڪٽي ڪيو ۽ زنجيرن ۾ ٻڌايائين ۽ پوءِ پاڻ سان گهمائيندو ۽ مارون ڏياريندو وتين. انهيءَ لاءِ ته خزاني بابت سچي ڪن ۽ پاڻ مدد خان ملڪ ڦريندو وتيو. جڏهن درياهه لنگهي هن پر ٿيو ۽ ڦرمار شروع ڪيائين ته تڏهن ماڻهو ظلم کان مير عبدالله وٽ دانهي آيا. مير پنهنجن عزيزن سان صلاح مشورو ڪيو. سندس رٿ هئي ته پناڻ سردار تي ڪاهي هلي هن کي روڪجي، مير فتح علي خان ۽ مير سهراب خان سندس راءِ سان شامل ٿيا، مگر ٻيو مير فتح خان شامل نه ٿيو ۽ چيائين ته بادشاهه جي لشڪر سان سامهون ٿيڻ مناسب ناهي. هن جوان مير جو چوڻ هو ته بادشاهه يا سندس وزيرن اميرن کي انصاف ڪري نيڪي سان هلڻ گهرجي، پر جي اهي ظلم ڪن ته انهن کي روڪڻ گهرجي. نيٺ اها رٿ قائم ڪري مير عبدالله پاڻ سان مير فتح علي، مير غلام علي ۽

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

مير سهراب وٽي روانو ٿيو ۽ مير فتح خان ۽ مرزو فقير ۽ نظاماڻي سردار پٽ تي رهيا. پر ٻن ٽن منزلن کان پوءِ هو پشيمان ٿيا ۽ وچي ساڻن گڏيا ۽ وري به صلاح ڏنائون ته پلي پهرين بادشاهي لشڪر جنگ شروع ڪري پوءِ ڪٺي اوهين وڙهجو. آخر ائين ڪيائيون. اتي ئي منزل ڪري ويهي رهيا، سگهو ئي ٻڌائون ته سردار مدد خان ڇهن ڪوهن تي آيو آهي. مدد خان به هنن جي نزديڪيءَ جو ٻڌي بروهين ۽ نومڙين جو ڪجهه لشڪر اڳواٽ سڌ سماءَ لاءِ موڪليو ۽ پاڻ پنهنجن صلاحڪارن سان مشوره ڪري اهو نهراءُ ڪيائين ته مير سان پهرين صلح ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي، تنهن ڪري پنهنجن وڪيلن جي هٿان مير ڏي اهو پيغام موڪليائين ته مون کي خبر آهي ته اوهين سڀ بهادر شخص آهيو ۽ عبدالنبي ۽ سندس صلاحڪار بي عقل ۽ حرڪتي ماڻهو آهن. مون هنن کي اڳ ئي سزا ڏني آهي ۽ منجهائن ٽي ڄڻا ڪاٺ ۾ وڌا اٿم، تنهن ڪري بهتر آهي ته اوهين موٽي وڃو. آئون هنن سان گڏيو خدا آباد تو اچان، جو هي چوي ٿو ته سندس خزانو حيدرآباد جي ڪوٽ ۾ آهي، مون کي خبر آهي ته هو ڪوڙ ٿو ڳالهائي. مگر اهو ڪوڙو ثابت ڪري پوءِ بادشاهه ڏي اوهان جي فائدي ۾ ۽ هن جي بر خلاف لکندس. آئون قسم ٿو کڻان ته مون کي اوهان سان وڙهڻ جو ارادو ڪونهي.

جڏهن اهو پيغام مير کي مليو تڏهن هو خوش ٿيو ۽ سردار جي وڪيلن کي خلعتون ۽ گهوڙا انعام ڏئي روانو ڪيائين ۽ هي جواب پنهنجن وڪيلن تاجي ليکي جي پاءُ الهداد ليکي ۽ منشي انبرتراءَ جي هٿان ڏياري موڪليائين ته اسين بادشاهه جا غلام آهيون ۽ توکي پنهنجو دوست ۽ خير خواه ٿا سمجهون. امڪان آهي ته ڪن بدخواهن اسان جي شڪايت بادشاهه وٽ ڪئي هجي. مگر اسان کي اميد آهي ته تون اها غلط فهمي دور ڪندين. تون پلي خدا آباد ڏي روانو ٿي ته پوءِ اسين عمر ڪوٽ ڏي هليا وينداسين، جتي اسان جو سامان پيل آهي.

سردار مدد خان ائين ئي ڪيو ۽ مير جي وڪيلن کي سوکڙيون ڏيئي موٽايائين ۽ پاڻ پنهنجن پناڻن ۽ بروهين ۽ نومڙين سان خدا آباد ڏي روانو ٿيو جتي هڪ رات ۽ هڪ ڏينهن جي اندر وچي پهتا. اتي هن عبدالنبي کي زور ڪيو ته مال پيدا ڪري ۽ پاڻ به پنهنجن

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ماڻهن سميت شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڦرلٽ ڪرڻ لڳو. ڏاڍا ظلم ٿي گذريا. غريبن توڙي شاهوڪارن کان جيڪي ڦري سگهيا سو ڦريائون. سون، روپيو، ڪپڙو، گندي، بلڪ جتيون ۽ تڏا به گهرن ۾ نه ڇڏيائون. ماڻهن کي ڏاڍيون تڪليفون پهتيون. هڪڙي پاسي هئي ترار ۽ ٻئي پاسي باهه، شهرن جا شهر ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ ويران ٿي ويا. جن جا قتل پٽ ۽ دڙا اجا پيا ڏسجن.

جڏهن مير عبدالله خان ۽ سندس عزيزن انهن ظلمن جون دانهون ٻڌيون تڏهن ڏاڍا ڪاوڙيا ۽ ارمان ٿين ته ناحق مير فتح خان جي صلاح تي لڳاسين. آخر صلاح ڪيائون ته مدد خان تي ڪاهجي. هڪدم تياري ٿي ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو روانا ٿيا. مير فتح خان به هن پيري ساڻن شامل ٿيو اگرچه هن جي اجا به صلاح اها هئي ته وڙهڻ کان اڳي ڳالهين سان ناهه ڪجي. سيني خدا آباد ڏي رخ رکيو. جڏهن مدد خان هن جي اچڻ جو ٻڌو تڏهن ڏاڍو بي آرام ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن لشڪر وٺي ميرن جي منزل کان ٽن ڪوهن تي اچي لٿو. تڏهن مير عبدالله ٻهرين ٻهرين پيغام ڏياري موڪليس ته اسان تنهنجي ڳالهه تي اعتبار ڪيو پر تنهنجي ڳالهه هڪڙي ۽ ڪم ٻيا. هيترا ظلم جي تو بيگناهه ماڻهن سان ڪيا آهن، تن جو توکي خدا وٽ جوابدار رهڻو آهي ۽ انهيءَ جي سزا سگهو توکي ملندي. مدد خان جواب موڪليو ته تون صحيح ٿو چوين. تون عمر ۾ جوان آهين، پر عقل ۾ گهٽ ٿو ڏسجين. عبدالنبي مون کي مال جو دلاسو ڏنو هو. جڏهن اهو هن نه ڏنو تڏهن اسان کي لاچار ٿيو ته ملڪ ڦريون. انهيءَ لاءِ خدا وٽ هو جوابدار آهي نه آئون. مون اڳئي بادشاهه ڏي تنهنجي سفارش ڪئي، جي نهرايل ڍل هر سال پهچائي ڏيڻ جو انجام ڪندؤ ۽ پنهنجن عزيزن سميت مون وٽ ايندؤ ته سڀ ڪم ٺهي پوندو.

پر انهيءَ پيغام تي مير راضي نه ٿيو. لشڪر سنبرائي ڏانهنس هليو. مير فتح خان ناراض ٿي پنهنجي لشڪر ۽ لشڪر جي سردار باغ فقير سميت عمر ڪوٽ هليو ويو ۽ مير عبدالله اچي دين ڳڙهه وٽ منزل ڪئي. جڏهن مدد خان کي معلوم ٿيو ته مير فتح خان جو ٻين کان ڇجي ڌار ٿيڻ سندس فائدي ۾ آهي، تڏهن هن انهيءَ جو فائدو وٺن گهريو. هڪدم عمر ڪوٽ ڏي ڪاهيائين ۽ مير فتح خان کي ڌوتاري پاڻ وٽ آندائين. ٻهريائين گهڻي عزت

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڏنائينس پر هڪ ٻن منزلن کان پوءِ جڏهن لوهري پهتا، تڏهن مير کي چيائين ته تون فسادي آهين ۽ لڪ رهيا ڏي نه ته قيد آهين. مير کي ٻيو چارو ڪو نه هو. لاچار قبول ڪيائين. وري سردار مير عبدالله جي خبر چار وٺي ڪيس زور ڪيو ته هن ڏي ۽ سندس ٻين عزيزن ڏي لکي ته اچن. ڊپ کان جيئن سردار لکايو تيئن هن لکيو ۽ اهو خط هڪڙي اوٺي سوار هٿ مير ڏي موڪليو ويو. تيستائين مير فتح خان پنهنجي تنبوءَ ۾ پنجاهه سپاهين هيٺ نظربند هو. اتي مير فتح خان جي اک پٽي ته مير عبدالله کان ڌار ٿيڻ ۾ مون وڏي غلطي ڪئي. هن کي پڪ هئي ته مير سندس خط تي ڪڏهن ڪين ايندو ۽ هن جي نه اچڻ ڪري هي مون کي عذاب ڏيندا. تنهن ڪري ڀڄي نڪرڻ جو ارادو ڪيائين. ظاهري طرح سردار کي چيائين ته فلاڻي ڳوٺ ۾ فلاڻي واٽئي کان گهربل پيسن آڻڻ لاءِ ڪي سوار موڪليان ٿو ۽ ڳجهي طرح انهن سوارن کي سمجهايائين ته فلاڻي هنڌ تڪا گهوڙا تيار ڪري بيٺا رهجو. ٻي رات جڏهن پهري وارا وڃي ستا، تڏهن مير پنهنجي هڪڙي ماڻهوءَ کي پنهنجي هنڌ ۾ سمهاري ۽ پاڻ نوڪر يا سپاهي جي پوشاڪ ڍڪي نڪري ويو ۽ وڃي نهرايل هنڌ پنهنجن ماڻهن کي گڏيو ۽ گهوڙا ڊوڙائي مير عبدالله جي منزل تي آيو. جڏهن ڏينهن ٿيو، تڏهن سردار ٻڌو ته مير فتح خان ڀڄي ويو. هيڏي هوڏي ماڻهو ڊوڙايائين پر پتو ڪو نه پيس. آخر معلوم ٿيو ته دين ڳڙهه ۾ وڃي پنهنجن عزيزن سان گڏيو. ڏاڍو ڪاوڙيو پهري وارن جون سسيون لهرائي ڇڏيائين. هڪدم لوهري مان نڪري اُٻاوڙي ۾ منزل ڪيائين ۽ اتان مير عبدالله ڏي پيغام موڪليائين ته مون کي پنهنجو دوست سمجهه ۽ مير فتح خان جي ڳالهين تي اعتبار نه ڪج. منهنجي مرضي آهي ته آئون عبدالنبي جي ٻانهن تنهنجي حوالي ڪريان ۽ تنهنجو هن سان پرچاءُ ڪريان. جي توکي انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو شڪ هجي ته اجهو آئون قرآن به موڪليان ٿو جو منهنجو شاهد آهي. انهيءَ کان پوءِ آئون ويندس ۽ بادشاهه کي خوش ڪري تنهنجي فائدي ۾ آڻيندس.

مير عبدالله کي اهڙي پيغام تي اعتبار ڪو نه آيو. جواب ڏياري موڪليائين ته آئون هڪڙي ڳالهه وارو ماڻهو آهيان ۽ جيڪي مون کي چوڻو هو سو مون اڳيئي چيو آهي، جيڪڏهن مون کي بادشاهه جي مدنظر نه هجي ها ته هن کان اڳي آئون بهتر بندوبست ڪريان ها. هاڻ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

آئون اچان ٿو. روبرو گڏباسين. ائين چئي جنگ جي تياري ڪرڻ لڳو. هوڏانهن مدد خان سڄي ڳالهه سمجهي درياهه لنگهي هليو ويو. عبدالنبي کي ڇڏي ڏنائين، باقي هن جا سنگتي جي وٽس قيد هئا سي وٺي هليو ويو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب پنجون

ميرن جي ڪلهوڙن کي شڪست ڏيڻ سنڌ فتح ڪرڻ

اهڙي بي واهئي جي حالت ۾ عبدالنبي جو مير عبدالله وٽ پيش پوڻ ۽ انهيءَ سان پرچڻ جو ارادو ڪيو. مرزي فقير جي پٽ باغ فقير کي پرچاءُ ڪرڻ لاءِ موڪليائين ۽ داؤد پوٽن جي سردار محمد بهاول کي بہ انهيءَ ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ منٿ ڪيائين، جنهن پنهنجا سردار مير ڏي موڪليا. مير فتح خان کي بہ عبدالنبي موڙي پنهنجي پاسي ڪيو ۽ قرآن تي هيٺيان لفظ لکي مير عبدالله ڏي موڪليائين تہ "آئون خدا جو قسم کڻي قرآن تي لکي ٿو ڏيان تہ آئون مير سان سچو رهندس ۽ ساڻس دغا نہ ڪندس." جڏهن قران مير وٽ آندو ويو تڏهن مير تعظيم کان اٿي بيٺو ۽ اهو چمي پنهنجي مٿي تي رکيائين. پوءِ جيڪي لکيل هو سو پڙهي قبول ڪيائين، اگرچ دل ۾ دغا جو شڪ هوس، ڇا لاءِ جو اتي جو اتي پنهنجي سؤٽ مير فتح علي کي چيائين تہ ادا آئون پنهنجو سر قرآن جي صدقي ٿو ڏيان. آئون سگهو ئي پنهنجي ڏاڏي ۽ پيءُ ۽ چاچي کي وڃي گڏبس ۽ پنهنجا ننڍڙا ٻار تنهنجي حوالي ڇڏيندس." ائين چئي مير پنڌ ڪري ميان عبدالنبي جي تنبوءَ ۾ ويو ۽ ٻيا سردار بہ ساڻس گڏ ويا. عبدالنبي کيس ڏاڍي آڌرڀاءُ ڏني. شام جو وري پاڻ مير جي ملاقات لاءِ آيو ۽ ظاهري طرح پنهنجي اڳوڻي هلت ڪري گهڻو پشيمان ٿيو. پوءِ گڏجي منزلون ڪندا خدا آباد آيا. انهيءَ وقت کان وٺي ميان عبدالنبي وري اڳي وانگي سنڌ جو حاڪم شمار ٿيڻ لڳو ۽ مير دستور موجب ڪن ٿورن ماڻهن سان هر روز سندس سلام تي پيو ايندو هو. عبدالنبي هميشہ وجهہ پيو ڳوليندو هو. هڪڙي رات جو هڪڙو ماڻهو پاڻ سان وٺي مير جي جاءِ تي آيو ۽ چوڻ لڳس تہ "آئون ڀانيان ٿو تہ توکي اجا مون ۾ شڪ آهي ۽ مون کان ڊپ آهي جو اڪثر گهڻن ماڻهن سان مون وٽ ايندو آهين. انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي تہ منهنجي لکڻ تي ۽ قرآن جي قسم تي بہ توکي پورو ويساهہ ناهي. هاڻي آئون اڪيلو تو وٽ لنگهي آيو آهيان، جي مون کي مارڻو هجئي تہ مار آئون حاضر آهيان."

هي ٻڌي مير ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ ميان جي مناسب خدمت گذاري ڪري هن کي روانو ڪيائين ۽ ٻئي ڏينهن پنهنجا عزيز خوش ۽ لشڪر شهدادپور ڏياري موڪليائين. فقط پاڻ ۽

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

مير فتح خان ۽ مرزو فقير اتي رهي پيا ۽ ٻيا ڪي ٿورا بلوچ ساڻن رهيا. ان ڪان پوءِ مير ميان وٽ اڪيلو پيو ايندو ويندو هو.

ميان تڏهن دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳو جو ڄاتائين ته هاڻي وجهه تمام چڱو مليو آهي. هڪڙي ڏينهن ڪن ٿورن ماڻهن کي حڪم ڏنائين ته سڀاڻي صبح جو هٿيار ڪٽي سنبري ڪچهري ڪان ٻاهر ويهي رهجو. جڏهن ٻئي مير آيا تڏهن ٻاهر ميان جي ماڻهن هنن کي چيو ته ميان جو حڪم آهي ته هٿيار ڇڏي اندر وڃو. ميرن کي حيراني لڳي، مگر ڀانيائون ته ميان اسان جي ويساهه جو آزمودو ٿو وٺي. تنهن ڪري هنن پنهنجو تراريون لاهي اتي رکيون ته هڪدم ماڻهن ڪٽي قيد ڪين. ساڳئي وقت ڪن ماڻهن ميرن جي منزل تي اها خبر وڃي ٻڌائي تنهن کي مرزو فقير ۽ ڪي ٿورا بلوچ اتي آيا ته ميان جي ماڻهن مٿن بندوقون ڇوڙيون، جنهن ڪري گهڻا مئا ۽ جيڪي بچيا سي تراريون ڪٽي وڃي ميان جي ماڻهن سان وڙهيا ۽ گهڻن کي ماري وڌائون. ايتري ۾ ميرن کي معلوم ٿيو ته اسان جو اجل اچي رسيو آهي سي قرآن ڪٽي ويهي پڙهڻ لڳا. اوچتو هڪڙو ماڻهو ترار ڪٽي آيو ۽ ڏڪ هڻي پهرين مير عبدالنبي جي سسي لاهي وڌائين جا قرآن جي پاسي ۾ ڪري پيئي ۽ قرآن جا ورق رت ۾ ڳاڙها ٿي پيا. اهڙيءَ طرح اهي ٻئي بيگناهه مير سن 197ع مطابق 1783ع ۾ ماريا ويا.

مير عبدالله به ننڍڙا پٽ ڇڏي مئو. هڪڙو غلام حسين ۽ ٻيو بهرام ۽ مير فتح خان به وڏا پٽ ڇڏي مئو. هڪڙو الهيار ۽ ٻيو ٺارو. جوان ميرن ۾ هينئر فتح علي خان وڏو هو. جنهن کي بلوچن پڳ ٻڌائي پنهنجو سردار ڪيو. پهرين ته سڀئي بلوچ غم ۽ ماتم ۾ غرق هئا ۽ خوني عبدالنبي تي ڪاوڙيا. مير فتح علي خان جي مرضي هئي ته هڪدم مٿس ڪاهجي پر مير سهراب خان صلاح ڪئي ته پهرين پنهنجا ٻار ٻچا وٺي ڏين ڳڙهه هلون، پوءِ اتان لشڪر وٺي نڪرون. آخر اها صلح بيٺي ته هنن اچي ڏين ڳڙهه جو قلعو والاريو. پنهنجا ٻار ٻچا اتي ويهاري پوءِ مير فتح علي خان، مير غلام علي خان، مير سهراب خان، مير الهيار ۽ مير ٺارو خان ۽ باغو فقير ساڻ ڪري ڇهن هزار بلوچن جي لشڪر سان روانو ٿيو. پر دشمن جي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

مقابلي ۾ اهو لشڪر ٿورو هو. تنهن ڪري مير سهراب خان ونگ ولاس جي پاسي ويو انهيءَ لاءِ ته اتان ننڊو فقير ۽ ٻيا بلوچ سردار لشڪر سميت مدد لاءِ وٺي اچي.
جڏهن عبدالنبي ٻڌو ته بلوچ جنگ لاءِ سنبري آيا آهن، تڏهن هو پنهنجي لشڪر سان انهن کي گڏجڻ لاءِ نڪتو. محمد حسن ڪهاوڙ کي سپه سالار مقرر ڪيائين ۽ ڪهاوڙن جي لشڪر سان اڳي روانو ڪيائين. راڄي ليکئي جي پٽ بلاول به ڪجھ جيترن ماڻهن سان اچي ساڻس گڏيو. الهه بخش جنهجڻ جو پٽ غلام حسن به پنهنجا ذات ڀائي وٺي آيو. ٻنيانس وري تاجو سامٽيو، ڏڱاڻو جتوئي، پيروز ڪليري، پيروز ٽالپر به پنهنجا پنهنجا لشڪر وٺي آيا. انهن ڪانسواءِ نومڙيا ۽ ڪوسا ۽ افغان به هئا، جن جا منهندار سردار خان ۽ اسحاق خان هئا. مطلب ته اهي سڀ ماڻهو ٽيهن هزارن کان زياده هئا.
اهو لشڪر وٺي ميان عبدالنبي هالاڻي اچي منزل ڪئي، جتان مير جي منزل ٽي ڪوهه هئي. مير فتح علي خان، مير سهراب خان جي مدد تائين به نه ترسي سگهيو ۽ دشمن تي ڪاهي هليو. ٻئي لشڪر اچي گڏيا. ڏاڍي جنگ لڳي. پهرين پري کان بندوقون ۽ ڪمان جا تير شروع ٿيا. پوءِ ويجهو وڃي ترارين سان وڙهڻ لڳا، جنگ اڃا متي پئي هئي ته مير سهراب خان به ٽي هزار بهادر بلوچ وٺي اچي پهتو. محمد حسن ڪهاوڙ سپه سالار ڏاڍي بهادريءَ سان پئي وڙهيو پر مير فتح علي خان پاڻ هن کي ترار سان ماري وڌو. هن جي ڪرڻ تي سندس ڀاءُ باقر سندس جاءِ تي مهندار ٿيو پر اهو به جلد مارجي ويو. پوءِ ته مير حڪم ڏنو ته سيني پاسن کان گڏجي دشمن تي ڪاهي پئو. مير سهراب سامٽن جي لشڪر ۾ گهڙي پيو ۽ تاجي ليکي ۽ سندس ڀاءُ الهداد کي ماريائين. ٻين ميرن به ڏاڍي بهادري ڏيکاري. ڪيترائي ماڻهو ماريائون ۽ ڪيترائي قيد ڪيائون. عبدالنبي اٿي ڀڳو. هالاڻي واري ڍنڍ ۾ ڪاهي پيو ۽ ڪن ٿورن ماڻهن سان ٻچي ويو ۽ جان بچايائين. پوءِ هڪڙي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درياهه لنگهي سڌو ٺڪرن ڏي رخ رکيائين. اها هالاڻي واري جنگ 1196هه مطابق 1782ع ۾ ٿي. فتحنامه، جنهن مان هي احوال ورتو ويو. تنهنجي مصنف انهيءَ جنگ جي تاريخ ابجد جي حساب سان فتح علي لفظ مان ڪڍي آهي، جو اها تاريخ انهيءَ لفظ جو ٻيڻ آهي. چيو اٿس ته — مصانف کن ا ـ مداد فتح علي —ڪه تاريخ اين فتح گردد جلي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ميان جي پجڻ جو ٻڌي ساري لشڪر ۾ اچي ڀاڄ پئي. فتح ڪتي مير فتح علي خان سڌو نوشهري آيو ۽ اتي اچي ساهي ڪنيائين. بلاول ليکي جي پٺيان لشڪر ويو پر اهو سمنڊ جي رستي هالار جبل ڏي نڪري ويو. مهراب جتوئي جو پٽ تاجو فقير ۽ ڏنگاڻو جتوئي پشيمان ٿي اچي پنهنجي لشڪرن سميت مير سان شامل ٿيا. مير فتح علي خان تاجي کي پنهنجي پيءُ جي جاءِ ڏني ۽ تاجي جي جاءِ ڏنگاٽي کي ڏنائين.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب ڇهون

مير فتح علي خان جي حڪومت ۾ ملڪ جو ورهاڱو

ميان عبدالنبي ڪي ڏينهن اڳي خانگي طرح جوڌپور جي راجا بجيسنگ کي عمر ڪوٽ ڏئي ڇڏيو هو جو هن مير بجار خان جي مارائڻ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ هن کان ڪا رقم وڏيڪ به ورتي هئائين. راجا اتي جي قلعي ۾ پنهنجا راجپوت ويهاري ڇڏيا هئا. جڏهن انهن ٻڌو ته بلوچن سنڌ ورتي آهي تڏهن راجا ڏي ماڻهو موڪليائون ته زياده لشڪر قلعي جي بچاءُ لاءِ موڪلي. ان موجب راجا ٻه هزار ماڻهو ۽ هڪ سؤ اٺن تي سرسات ۽ سامان ڏياري موڪليو. اتفاق سان مير سهراب خان جو ڀاءُ مير غلام محمد انهيءَ پاسي شڪار ڪرڻ ويو ۽ راجپوتن جي منهن پئجي ويو. مير سان مڙئي سؤ کن ماڻهو هئا. راجپوت ٽي سؤ ماڻهو هئا. مير هنن تي ڪاهيو. انهن مان سؤ کن کي ماري وڌائون ۽ جيڪي ٻه سؤ بچيا سي موٽي وچي وڏي لشڪر سان گڏيا جو پٺيان ٽي آيو ۽ عمرڪوٽ ڏي ٽي ويو. بلوچن کي انهيءَ جي ڪا خبر ڪا نه هئي سي هنن جي پٺيان ڪاهي وچي لشڪر ۾ پيا، جتي هنن وڪوڙي سيني کي ماري ڇڏيو. اگرچه ٽي سؤ راجپوت اتي به هنن مارايا. اهو واقعو 1201 هه مطابق سنه 1786ع ۾ ٿيو.

هي خبر ٻڌي مير سهراب خان ڏاڍو ڪاوڙيو. هڪدم لشڪر وٺي پنهنجي ڀاءُ جي وير وٺڻ لاءِ نڪتو. سندس پٺيان مير فتح علي خان ٻيو به لشڪر مدد لاءِ موڪليو. سگهو ئي وڃي راجپوتن جي ملڪ ۾ ساٽن وڙهيا. گهڻا راجپوت ماريائون ۽ ڦر مار ڪيائون ۽ سندن مندر ۽ بتخانا ڀڃي ڊاهي ڇڏيائون. پوءِ وري موٽي پنهنجي وطن آيا.

ميان عبدالنبي ٽيون ڀيرو وري قلاوت ڏي ويو ۽ اتي جي حاڪم محمد نصير کان مدد گهريائين ۽ انهيءَ جي عيوض اڌ سنڌ جو ڏيڻو ڪيائين پر خان کي اڳوٽي شڪست يا هئي ۽ هيترو به ڏنائين ته هن کي به بادشاهي لشڪر جي مدد آهي، نه نومڙين يا ڪن ٻين قومن جي، تنهن ڪري صاف جواب ڏيئي ڇڏيائينس، پر هن جي منٿن ۽ عاجزين تي مير فتح علي خان ڏي لکيائين ته ڪو وڪيل ڏياري موڪلي ته انهيءَ سان ڪن ضروري ڳالهين بابت ذڪر ڪجي. ان موجب مير صاحب قيصر فقير نظاماڻي کي قلات ڏي موڪلي ڏنو. انهيءَ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

کي خان چيو ته مون عبدالنبي سان گهڻين منٿن ڪان پوءِ انجام ڪيو آهي ته لشڪر ڏئي خدا آباد تائين پهچايان. وڪيل مير کي اهو پيغام ڏنو. مير اها ڳالهه قبول ڪئي. مگر چيائين ته خان جو لشڪر درياهه تائين اچي ۽ درياهه نه لنگهي نه ته خرابي ٿيندي. پوءِ مير چاٽي ٻجهي ونگه جي پاسي شڪار لاءِ نڪري ويو. ٻه مهينا اتي شڪار پي ڪيائين، پٺ تي ميان عبدالنبي بروهين جي لشڪر سان سيوستان يا سيوهڻ جي حد ۾ هٽڙي تائين آيو. ڳجهي طرح جوڌپور جي راجا کي لشڪر موڪلڻ لاءِ چيو هئائين، انهيءَ لاءِ منتظر ٿي وينو ۽ بروهين کي به ترسايو وينو هو. بروهين کي سرسات ۽ پيسي جي گهرج ٿي سي ملڪ ڦرڻ لڳا، پر ماڻهو اڳيئي ڳوٺ سجا ڪري پڇي ويا، تنهن ڪري هنن کي لٽ ۾ ڪي ڪين مليو. تڏهن هو خود عبدالنبي ۽ سندس ماڻهن کي ڦرڻ لڳا ۽ هنن جا گهوڙا، اُٺَ تنبو وغيره سڀ کٽي هن کي اتي ڇڏي موٽي هليا ويا.

لاچار ٿي عبدالنبي ديري غازي خان ڏي هليو ويو. پٺ تي راجپوت آيا سهي، پر پنهنجي سرحد تي ويهي رهيا ۽ جڏهن معلوم ٿين ته عبدالنبي هليو ويو آهي، تڏهن موٽي ويا. اهو حال سنه 1197هه مطابق سن 1783ع ۾ ٿي گذريو.

جڏهن مير فتح علي خان کي اها ڳالهه معلوم ٿي، تڏهن شڪار بند ڪري موٽي خدا آباد ڏي آيو. رستي ۾ حيدرآباد وٽ هن باغي فقير کي موڪليو ته نومڙين کي وڃي سزا ڏئي. اهو به ٻه سؤ ٻيڙيون گڏ ڪري لشڪر پار لنگهائي ويو. نومڙيا اچي پيش پيا ۽ مير جي آڻ مڃيائون، تنهن ڪري معافي ملين.

پوءِ مير فتح علي خان خدا آباد ڇڏي اچي شاهپور رهڻ لڳو. اتان حاجي احمد خدمتگار کي گهيرو ڪري حيدرآباد جي ڪوٽ وٺڻ لاءِ موڪليائين ۽ هن آسانيءَ سان قلعو وڃي ورتو. سگهو ئي ملوم ٿيو ته عبدالنبي ديرن مان بادشاهه تيمور شاهه ڏي دانهي ويو آهي. ديوان گدو مل ۽ مير غلام علي خان جي صلاح سان مير صاحب آغا ابراهيم شاهه ۽ قيصر فقير نظاماڻي کي بادشاهه ڏي وڪيل ڪري موڪليو. سردار محفوظ خان بادشاهه وٽ عبدالنبي جو سفارش ڪندڙ هو. مير جي وڪيلن عبدالنبي جي سيني حرفتن جو بيان لکي پيش ڪيو ۽ جيڪي دغابازيون ۽ ناحق خون ڪيا هئائين. سي سندس ڏيان تي آنداٿون ۽ انهن

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

بابت مير جو خط بہ ڏنائون. بادشاهہ مير جي فائدي ۾ فيصلو ڪيو ۽ حڪم ڪيائين تہ سنڌ ورهائي بہ ڀاڱا ڪجي. اڌ عبدالنبي کي ڏجي ۽ اڌ مير فتح علي خان کي. هڪڙو عملدار مقرر ڪيو ويو تہ اهو وڃي امين ٿي ملڪ ورهائي ۽ هڪڙو بادشاهي لشڪر بوستان خان ۽ اخلاص خان جي هٿ هيٺ عبدالنبي سان ڏنو ويو جو عبدالنبي ڊنو ٿي تہ متان بلوچ ڪيس نقصان رسائين.

مير جا وڪيل پٺ تي رهجي پيا، انهيءَ لاءِ ڪوشش ڪري ساري سنڌ جي سَنَدَ مير جي لاءِ وٺن. هوڏانهن جڏهن مير کي خبر پئي تہ بادشاهي لشڪر عبدالنبي کي وٺيون ٿو اچي، تڏهن چاليهہ هزار بلوچ وٺي لوهري آيو. عبدالنبي بلوچن جي اچڻ جو ٻڌي ترسي پيو. انهيءَ وچ ۾ مير جي وڪيلن جي ڪوشش ڪارگر ٿي ۽ ساري سنڌ جي سند مير جي نالي بہ وٺي آيا ۽ عبدالنبي توڙي ٻن سردارن جي موٽي اچڻ جو حڪم بہ آندائون، مير کي هڪدم اطلاع ڏنائون تہ وڙهڻ جي نہ ڪري. جڏهن سردارن کي حڪم مليو تڏهن هنن هڪدم پٺ تي ڪوچ ڪيو. عبدالنبي ڏاڍو نااميد ٿيو. پر محفوظ خان دلاسو پي ڏنس تہ توکي ديرن جي پرڳڻي ۾ جاگير وٺائي ڏيندس، پر ٻن منزلن ڪان پوءِ محفوظ خان بيمار ٿي گذاري ويو. تنهن ڪري عبدالنبي آسرو لاهي هليو ويو ۽ وڃي گوشہ نشين ٿي وينو.

سگهو ئي مير جا وڪيل آيا ۽ سَنَد ۽ خلعت ۽ ٻيا تحفا آندائون. خلعت ڍڪي، خوشي سان جشن ڪري مير فتح علي خان سنڌ جي گاديءَ تي وينو سن 1197 هہ مطابق 1783ع . پر ٿورڙي عرصي ڪان پوءِ مير سهراب خان ۽ ڪن ٻين بلوچن سردارن جو تڪرار ٿي پيو ۽ اهي مير فتح علي ڪان ڇڄي ڌار ٿي هليا ويا. اهو وجهہ وٺي عبدالنبي وري تيمور شاهہ بادشاهہ کي عرض ڪيو. جنهن ۾ ڏيکاريائين تہ مير سهراب ۽ ٻيا ڪي بلوچ مير فتح علي کي ڇڏي منهنجي طرف ٿيا آهن. اهڙي وقت، جي حضور مون کي پنهنجو موروثي حق وٺي ڏيندؤ تہ آئون دعاگو رهندس. بادشاهہ اها عرضي پڙهي عبدالنبي تي ڏاڍو رحم آيو تنهن احمد خان نورزائي ۽ بوستان خان جي هٿ هيٺ هڪڙو لشڪر روانو ڪيو تہ عبدالنبي کي وري گادي تي ويهارين ۽ هڪڙو حڪم محمد نصير قلاوت جي خان ڏي بہ ويو تہ مددي لشڪر سندس لشڪر سان گڏجڻ لاءِ موڪلي. ان موجب اهو لشڪر بہ ديري غازي خان وٽ اچي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

انهيءَ سان گڏيو. پوءِ درياهہ لنگهي بهاولپور جي حد ۾ آيا. بهاول خان ڏپ کا ريگستان ڏي هليو ويو. پوءِ اتان اهو لشڪر رستي ۾ ملڪ ڦريندو سنڌ ۾ آيو.

مير فتح علي خان، آغا ابراهيم شاهہ کي وڪيل ڪري بادشاهہ ڏي موڪليو پر انهيءَ وچ ۾ بادشاهي لشڪر سنڌ جي حد تي اچي نڪتو. مير غلام علي خان لشڪر گڏ ڪرڻ تي رکيو ويو ۽ ٻار ٻچا ڪڇ ۾ جيسلمير ڏي روانا ڪيا ويا. بادشاهي لشڪر اچي لوهري پهتو. مير سهراب خان قرآن جي هڪڙي اچي ورق تي مير فتح علي خان ڏي لکيو تہ پنهنجو لشڪر وٺي اچ، آئون قسم ٿو کڻان تہ پنهنجي لشڪر سان تو کي گڏبس. شاهي لشڪر جي لنگهڻ لاءِ درياهہ تي جيڪي پليون ٻڌيون ويون هيون سي هن ڊاهي ڇڏيون. ان موجب جڏهن مير فتح علي خان دشمن جي لشڪر کان ٻن منزلن تي آيو، تڏهن مير سهراب ڪي عذر ڏيئي نٽائي شڪار تي هليو ويو ۽ قرآن جو انجام ڏساري ڇڏيائين. لاچار مير پنهنجن ٻن هزار ماڻهن سان چاليهن هزارن افغانن سان وڙهڻ لاءِ هليو. ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ هڪڙو وڏو واهہ هو، جنهن مان اونهو پاڻي پي وهيو. اهو افغانن جي قبضي ۾ هو. مير فتح علي خان هن پير کان افغانن تي بندوقون ڇوڙيون. هنن بہ انهن جو جواب ڏنو. پوءِ تہ مير حڪم ڏنو تہ گهوڙا ڪاهي پاڻيءَ ۾ وجهن. هي بہ واهہ لنگهي تراريون ڪڍي دشمن تي ڪاهي پيا. سخت جنگ لڳي ۽ ڏاڍي خونريزي ٿي. بوستان خان ۽ بروهي سردار زرڪ جو پٽ ٻئي مارجي ويا ۽ احمد خان نورزائي پٺي ويو. ڇهہ ميل پري وڃي هو ترسي پيا تہ رات جو اوچتو موٽي بلوچن تي ڪاهي پون. پر پوءِ همت جهلي نہ سگهيا. سڌا وڃي ڳوٺان نڪتا. جڏهن تيمور شاهہ، احمد خان جي شڪست جو ٻڌو تڏهن ڏاڍو ڪاوڙيو. هڪدم وڏي لشڪر سان پاڻ سنڌ تي ڪاهيائين. قنڌار ۾ شاهزادو محمود شاهہ بہ اچي گڏيس، پوءِ سڌا شڪارپور آيا. ملتان وٽ محمد نصير خان بروهي بہ اچي گڏين. پوءِ اچي محمد بهاول داؤد پوٽي جي ملڪ ۾ منزل ڪيائون. اهو اڳئي ٿر ڏي پٺي ويو هو.

مير فتح علي خان بادشاهہ جي اچڻ جو ٻڌي ڏانهنس عريضو لکيو جنهن ۾ ڏيکاريائين تہ احمد خان پاڻ ڳڏ ڪري وڙهيو. پوءِ بہ مون بلوچن کي روڪيو نہ تہ زياده خراب ٿئي ها. انهيءَ عريضي رسڻ تي بادشاهہ پنهنجا صلاحڪار گڏ ڪيا. ڪن جي صلاح هئي تہ سنڌ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

تي ڪو افغان سردار مقرر ڪري ڪين سگهبو ۽ مير فتح علي خان ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ انهيءَ جاءِ جو لائق ناهي. انهيءَ منزل تي بادشاهہ کي مٿان اطلاع بہ مليو تہ بلخ جي صوبدار شاهہ مراد خان فساد ڪيو آهي ۽ ڪابل تي ڪاهيو ٿو اچي، تنهن ڪري بادشاهہ هڪدم موٽي ڪابل ڏي ويو.

تنهن کان پوءِ مير فتح علي خان سڌو حيدرآباد آيو جتي يارهن ڏينهن کان پوءِ پهتو. مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان ڏي لکيائين تہ ٽر مان ٻار ٻچا وٺي حيدرآباد اچن. اهي ڳالهيون سن 1204هہ مطابق سن 1789ع ۾ ٿيون. ساڳئي سال ۾ ٽر جي پاسي فتح ڳڙهہ ۽ اسلام ڳڙهہ جا قلعا ٺهرايا ويا، جتي هڪ ٻئي کان چاليهہ ڪوهہ ڏار هئا.

ٻئي سال ۾ تيمور شاهہ بلخ جو فساد بند ڪري پائنده خان جي هٿ هيٺ وري ٻيو لشڪر سنڌ تي موڪليو. جو شڪار پور اچي پهتو. مير فتح علي خان انهيءَ کي سامهون ٿيڻ جي لاءِ نڪري آيو. پائنده خان کي حڪم هو تہ مير سان صلح جون ڳالهيون ڪري، ان موجب هن مير ڏي پيغام موڪليو. آخر اهو ٺهراءُ ٿيو تہ آئندي مير اها ساڳي سالياني ڍل، جا ڪلهوڙا بادشاهہ کي ڏيندا هئا، سا ڏيندا رهن ۽ سنڌ سندن هٿ ۾ رهي. اهڙو انجام نامو لکيو ويو ۽ انهيءَ تي طرفين جون صحيحون ٿيون. پائنده خان بادشاهہ جي طرفان هڪڙي خلعت ۽ هڪڙو هاٿي هودي سميت ۽ هڪڙي جواهري سان جڙيل ترار مير کي ڏني ۽ بادشاهہ جي صحيح ۽ مهر سان نئين سند سنڌ جي حڪومت جي بہ ڏنائينس. مير فتح علي خان وري پنهنجي طرفان ديوان گدو مل جي ننڍي ڀاءُ ديوان جسپت راءِ کي وڪيل ڪري تمام قيمتي تحفا ڏئي ڪابل موڪليو. انهيءَ جي موٽڻ کان پوءِ مير خلعت ڍڪي، انهيءَ هاٿي تي چڙهي ڏاڍي تجمل سان حيدرآباد آيو. اهو احوال سنہ 1207 هہ مطابق سن 1792ع جو آهي.

ٻئي سال ۾ تيمور شاهہ گذاري ويو ۽ سندس جاءِ تي سندس ٽيون پٽ زمان شاهہ بادشاهہ ٿيو. دستور موجب نئين بادشاهہ بہ تازي سند ۽ خلعت مير فتح علي خان ڏي موڪلي، سگهو ئي پوءِ مير صاحب آئيندي جي تڪرار بند ڪرڻ لاءِ سنڌ جو ملڪ ورهايو. مڙئي ست ڀاڱا ڪيائين. ٽي حصا پاڻ وٽ رکيائين، بہ حصا مير سهراب خان کي ڏنائين ۽ هڪڙو حصو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هن پنهنجي ٻين عزيزن لاءِ رکيو ۽ هڪڙو حصو مير ٺاري خان، مير محود خان، مير غلام حسين خان، مير بهرام خان ۽ ٻين ٽالپرن کي گڏي ڏنائين. انهن مان ٺارو خان مير فتح خان جو پٽ هو، محمود خان مير فتح علي خان جو چاچو هو ۽ غلام حسين ۽ بهرام خان مير عبدالله جا پٽ هئا، پهريون ميرپور خاص وارن ماڻڪاڻي ميرن جو وڏو آهي، ٻيو قليلي وارن محموداڻي ميرن، جو ٽيون درياهہ وارن ٻجاراڻي ميرن جو.

ملڪ جي حصن سان گڏ بلوچن ۽ واسطيدار ماڻهن جو بہ ورهاڱو ٿيو ۽ ٽنهي طرفن جي ميرن لاءِ انهن جا بہ ٽي حصا ڪيا ويا. پوءِ مير ٺاري خان پنهنجي حصي مان ڪجهہ مير فتح علي خان کي انهيءَ ساليانې ڍل جي حصي جي عيوضي ڏئي ڇڏيو، جا بادشاهہ ڏي موڪلڻي هئي، پر مير سهراب خان ائين ڪين ڪيو، جو ان جي مرضي هئي تہ آئون پنهنجو حصو سڌو بادشاهہ کي پهچائي ڏيان. اهڙيءَ طرح سنڌ جي حڪومت ست ورهيہ سک ۽ آرام سان هلي. پوءِ سن 1216هہ مطابق 1801ع ۾ ذوالحج مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ مير فتح علي خان بيمار ٿي پيو. هن وصيت ڪري پنهنجي ڀاءُ مير غلام علي خان کي گادي تي ويهاريو پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ ڏهين تاريخ محرم جي، يعني حشر جي ڏينهن سن 1217 هہ مطابق 1802ع ۾ هن وفات ڪئي ۽ سندس لاش خداآباد ۾ آڻي دفن ڪيائون، جتي سندس وڏا دفن ٿيل هئا.

انهيءَ مير جي راڄ ۾ سن 1799ع ۾ انگريز سرڪار جو واپار جي لاءِ سنڌ سان واسطو شروع ٿيو. ناٿان ڪرو صاحب انهيءَ ڪم لاءِ سنڌ ۾ آيو ۽ واپار جو بندوبست ڪرڻ لڳو ڪڏهن ٺٽي، ڪڏهن شاهبندر، ڪڏهن ڪراچي رهندو هو. نيٺ ميرن رنج ٿي حڪم ڏنس تہ ڏهن ڏينهن جي اندر سنڌ مان نڪري وڃي ۽ هن کي ائين ڪرڻو پيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب ستون

هيٺ ڏکڻ ۾ مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان ۽ مراد علي خان جي حڪومت ۽ مٿي اتر ۾ سهراب خان جي حڪومت

جنهن ڏينهن مير فتح علي خان وفات ڪئي، انهيءَ ڏينهن يا انهيءَ جي ٻئي ڏينهن ڪيس پٽ ڄائو. جنهن جو نالو مير صوبدار خان رکيائون ۽ چوٿين پنجين ڏينهن مير غلام علي خان گادي تي ويٺو. سڀ بلوچ سردار مسند نشيني جي ۽ ٻار جي ڄمڻ ۾ مبارڪ ڏيڻ ۽ پاءُ جي وفات جي ساٽس فاتحہ ڪرڻ لاءِ مير وٽ آيا. مير سهراب خان بہ انهيءَ ڪم لاءِ آيو مگر مير ٺارو خان ڪين آيو. جو اهو مير سان رنج هو. سگهو ئي نوڪرن جي ڳالهہ تي طرفين جو تڪرار ٿيو ۽ جنگ لڳي، جنهن ۾ مير ٺارو خان زخمي ٿيو ۽ قيد ٿي پيو. جڏهن چڱو ڀلو ٿيو تڏهن ڪيس عزت آبروءَ سان روانو ڪيو ويو.

ٻئي سال ۾ زمان شاهہ جي جاءِ تي شجاع الملڪ ڪابل ۾ بادشاهہ ڪيو ويو جو زمان شاهہ کي فتح علي شاهہ قاجار ايران جي بادشاهہ شڪست ڏئي قيد ڪري، لوهہ جي شيخ تپائي اکين مان لنگهائي انڌو ڪري ڇڏيو هو. سن 1803ع ۾ شجاع الملڪ وڏو لشڪر وٺي سنڌ تي ڪاهي آيو. گهڻا ماڻهو ڊپ کان ٽڙ ڏي ڀڄي ويا. مير غلام علي خان لشڪر گڏ ڪري مير مراد علي خان کي حيدرآباد ۾ ڇڏي پاڻ شڪارپور آيو. لاڙڪاڻي وٽ مير سهراب خان بہ اچي گڏيس. پوءِ صلاح مشورو ڪري وڪيل موڪلي اهو نهراءُ ڪرايائون تہ مير ڏهہ لک رپيا سردست ڏين ۽ اڳتي هر سال پنج پنج لک ڏِل موڪليندا رهن. ميرن اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ بادشاهہ موٽِ ڪابل ويو ۽ مير غلام علي خان موٽي حيدرآباد آيو ۽ مير سهراب خيرپور ويو.

ٿوري وقت کان پوءِ قلات جي خان محمود خان سان نئين سر دوستي جاري ڪئي ويئي ۽ مير غلام علي خان جي سندس ڀائٽيءَ سان شادي ٿي، جا پاڳناڙي ۾ ٿي. هوڏانهن دائود پوٽن جي حاڪم محمد صادق خان سان اُچ جي ڪن سيدن جي حق ڦرجڻ ڪري تڪرار ٿيو. جنهن تي مير ظاهر خدمتگار کي لشڪر ڏئي موڪليو ۽ انهيءَ بهاولپور تي ڪاهہ ڪئي پر آخر صلح ٿيو ۽ سيدن جي حق واري زمين هنن کي موٽي ملي ۽ سبزل ڳڙهہ وارو پرڳڻو سبزل

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪوٽ سميت ميرن کي مليو ۽ خان جو پٽ بهاول خان شرطن بجا آڻڻ تائين اول ڏنو ويو جو سگهو ئي پوءِ حيدرآباد مان موٽايو ويو.

انهيءَ ساڳئي سال ۾ ڪڇ ۾ ۽ سنڌ ۾ سخت ڏڪار پيو ۽ ماڻهو اَن تي پنهنجا ٻار وڪڻڻ لڳا. مير تمام گهڻو ان خزاني مان خريد ڪري ماڻهن کي ڏنو ۽ وڪڻيل ٻار موٽائي وٺي ڪڇ ڏي موڪليا. جنهن ڪري ڪڇ جو راءُ ۽ انگريز سرڪار خوش ٿيا ۽ سندن وچ ۾ دوستي قائم ٿي، ٻن ورهين کان پوءِ سن 1227هه مطابق 1811ع ۾ مير غلام علي خان کي شڪار ڪندي هرڻ جو سِنگ پير ۾ لڳو ۽ زخم ٿي پيس، جنهن خرابي ڪئي ۽ نيٺ انهيءَ وگهي وفات ڪيائين ۽ مير ڪرم علي خان سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو. اگرچ مير مير محمد نالي پٽ هوس. مير مراد علي خان بہ ساڻس گڏ حڪومت ڪندو هو جيئن پهريان چار ئي ياءُ گڏ ۽ پوءِ ٽئي يائر گڏ حڪومت ڪندا هئا. جنهن کي چؤياري سڏيندا هئا.

مير غلام علي خان جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ يعني سن 1809ع ۾ انگريز سرڪار ۽ سنڌ جي ميرن جي وچ ۾ عهدنامو ٿيو جنهن موجب طرفين جي وچ ۾ دوستي قائم ٿي ۽ هڪٻئي وٽ وڪيلن جي اچڻ وڃڻ جو رستو ڪليو ۽ ميرن انجام ڪيو تہ سنڌ ۾ فرينچ ماڻهن کي اچڻ ۽ رهڻ نہ ڏيندا. هن مير جي راڄ ۾ صلح قائم هو ۽ علم ۽ هنر زور ورتو. ۽ ايران جي بادشاهہ سان دوستي قائم ٿي ۽ وڪيلن جي بہ آمدرفت شروع ٿي ۽ انگريز سرڪار سان تازو عهدنامو ٿيو جنهن موجب انگريز سرڪار سنڌو نديءَ جي سروي ڪرڻ لڳي ۽ بمبئي جي گورنر صاحب جي پاسي سان ڪڇ جي پاسي کان واپار جي آيل مال تي محصول نہ پوڻو هو.

سن 1814ع ۾ شاهہ شجاع، محمد عظيم خان کان ڀڄي سنڌ ۾ آيو ۽ حيدرآباد کان اچي نڪتو ۽ ٺيانس عظيم خان، ايوب شاهہ کي لشڪر سان موڪليو جو شڪارپور ۾ آيو. ميرن بہ هڪڙو لشڪر شاهہ شجاع کي ساڻ ڏنو جو شڪارپور آيو پر سگهو ئي هڪڙو صلحنامو ٿيو جنهن موجب ميرن ٻارنهن لک رپيا چٽي ڀري ايوب شاهہ کي ڏنائون ۽ ان جي آڻ مڃيائون ۽ ان جو سڪو هلائڻ قبول ڪيائون ۽ شاهہ شجاع جو طرف ڇڏي ڏنائون، تنهن

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪري شاهہ شجاع لڪي لڏياني ڏي هليو ويو. محمد عظيم خان موٽي ڪابل ڏي ويو ۽ مير موٽي حيدرآباد آيا.

1817ع ۾ افواهہ اٿي تہ پنجاب جي راجا رنجيت سنگهہ منڻ ڪوٽ ورتو آهي ۽ سنڌ تي ٿو ڪاهي ۽ سندس ڏوهٽو نهال سنگهہ وڏو لشڪر ۽ توبخانو وٺيو سنڌ تي ٿو اچي. مير ڪرم علي خان سڀني بلوچن ۽ سرائين سان صلاح ڪري آغا ابراهيم جي پٽ آغا اسماعيل شاهہ کي وڪيل ڪري بمبئي جي گورنر صاحب بهادر سرجان مالڪوم ڏي موڪليو تہ انگريز سرڪار کان مدد وٺي جو سرڪار جي ساڻن دوستي هئي. پٽ تي مير ٽيهہ هزار لشڪر وٺي ۽ کي توبون ڪٽي سنڌ جي سرحد ڏي هليا. خيرپور ۾ مير سهراب خان بہ پنهنجي لشڪر سميت ساڻن شامل ٿيو. پوءِ سڀئي شڪارپور ڏي روانا ٿيا.

هوڏانهن آغا ابراهيم شاهہ جي چوڻ پنيان گورنر صاحب بهادر جي سفارش تي وائسراءِ صاحب بهادر راجا رنجيت سنگهہ ڏي لکيو تہ ميرن سان انگريز سرڪار جي دوستي آهي انهن سان وڙهڻ جي نہ ڪري. راجا جواب لکيو تہ کيس اهڙو ڪو بہ ارادو ڪونهي ۽ نهال سنگهہ رڳو گهمڻ جي لاءِ اوڏانهن ويو آهي ۽ ميرن ڏي بہ راجا دوستي جو خط لکيو. مير خوش ٿيا ۽ موٽي حيدرآباد آيا.

مير صوبدار خان، مير فتح علي خان جو پٽ، جو هاڻي 25 ورهين جي عمر جو هو، تنهن مير غلام علي خان جي پٽ مير محمد وانگي ڏار جاگير ۽ حصو گهريو ۽ انهيءَ تي مير مراد علي خان سان تڪرار ڪيائين ۽ فساد ڪرڻ لڳو ۽ وڙهڻ لاءِ لشڪر گڏ ڪيائين، پر سگهو ئي مير مراد علي خان لاچار ڪيس ۽ فساد بند ڪيائين ۽ مير ڪرم علي خان هن جو پرچاءُ ڪيو ۽ کيس ڏار جاگير ملي.

1828ع ۾ مير ڪرم علي خان وفات ڪئي ۽ سندس لاش حيدرآباد ۾ دفن ڪيو ويو. اهو پهريون ٽالپر هو جو ات دفن ٿيو. ان کان اڳ ۾ هو خدا آباد ۾ دفن ٿيندا هئا.

مير ڪرم علي خان کي اولاد ڪو نہ هو. هاڻي مير مراد علي خان اڪيلو حڪومت ڪرڻ لڳو. هن مير جي ڏاهپ ۽ تجويز ڪري خيرپور وارا مير توڙي ميرپور وارا مير توڙي ٻيا بلوچ سردار ساڻس ٺهيا آيا. ايران جي بادشاهہ فتح علي شاهہ سان هن جي دوستي گهاٽي ٿي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

انگريز سرڪار سان بہ سندس دوستي زياده ٿي ۽ واپار جي سهولت لاءِ هڪڙو تازو عهد نامو ٿيو. ڪڇ جي راؤ سان توڙي جيسلمير جي راجا سان توڙي راجا رنجيت سنگھہ سان هن جي دوستي اڳي کان زياده ٿي. سندس ڏينهن ۾ شاهہ شجاع وري بہ سنڌ ۾ اچي پناهہ ورتي ۽ شڪارپور ۾ اچي رهيو ۽ انهيءَ هنڌ جو محصول ڪيس مهمانيءَ ۾ ڏياريو ويو. ڪابل ۾ انهن ڏينهن ۾ فساد هو جو شدوزئي ۽ بارڪزئي شاهي خاندانن جي وچ ۾ تڪرار هو جو نيٺ پويان فتحياب ٿيا. تنهن ڪري سنڌ خودمختيار ٿي، ۽ مير پنهنجو سڪو جاري ڪيو. جنهن ڪم لاءِ ضربخانو نهيو.

1833ع ۾ مير مراد علي خان وفات ڪئي ۽ چار پٽ ڇڏيائين. مير نور محمد خان، مير نصير خان، مير محمد خان ۽ مير يار محمد خان، انهن مان بہ مير نور محمد خان کي بہ پٽ هئا. مير شهداد خان ۽ مير حسين علي خان ۽ مير نصير خان کي بہ بہ پٽ هئا. مير حسن علي خان ۽ مير عباس علي خان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب اٺون

انگريز سرڪار جا عهدناما ۽ مياڻي جي جنگ ۾ سنڌ جي فتح

مير مراد علي خان جي وفات کان پوءِ سڀ بلوچ سردار گڏ ٿيا ۽ صلاح مشوري کان پوءِ ملڪ جا چار پاڱا ڪيائون، هڪ هڪ پاڱو فوتي مير جي هڪ هڪ پٽ کي ڏنائون. هوڏانهہ مير سهراب خان جنهن 1830ع ۾ نوي ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي جو گهر جي ماڙيءَ تان ڪري پيو هو. تنهن جو ملڪ خيرپور سندس ٻن پٽن رستم خان ۽ مير علي مراد خان ۽ سندس ٽن پاٽئين مير محمد حسن خان ولد مير رستم خان ۽ مير محمد خان ولد مير غلام حيدر خان ۽ مير نصير خان ولد مير مبارڪ خان (جنهن پڻ 1839ع ۾ وفات ڪئي هئي)، تن جي وچ ۾ ورهائي ڏنو ويو. ساڳيءَ طرح مير پور واري مير علي مراد خان ولد مير ناري خان جي مرڻ ڪري سندس حصي وارو ملڪ سندس ٽن پٽن مير شير محمد خان، مير شاهہ محمد خان ۽ مير خان محمد خان جي وچ ۾ ورهايائون. اهڙيءَ طرح ساري سنڌ ورهائجي ٽڪر ٽڪر ٿي ويئي ۽ هر هڪ ٽڪر هڪڙي جوان مير کي ملي ويو، جنهن پاڻ کي خودمختيار حاڪم ٿي سمجهيو. پر حيدرآباد جي ميرن مان مير نور محمد خان، جو سڀ کان وڏو هو عقل ۽ تجويز وارو ۽ سخي هو، تنهن کي سڀني پنهنجو سردار ڪري سمجهيو، ڇڻ تہ ساري سنڌ جو نالي خاطر اهو ئي هڪڙو حاڪم هو.

انهيءَ وقت ڏاري آغا ڪاظم شاهہ ولد آغا اسماعيل شاهہ، جو شڪارپور جو ناظم هو، تنهن جو ڪاغذ پهتو تہ شاهہ شجاع الملڪ جنهن کي مهمان ڪري رکيو هئائون سو انهيءَ پرڳڻيءَ جو پاڻ مالڪ ٿي ويهي رهيو آهي ۽ مون کي ڪڍي ڇڏيو اٿس. هي خبر ٻڌي مير لشڪر گڏ ڪري روانا ٿيا ۽ خيرپور، جنهن کي انهن ڏينهن ۾ سهراب پور سڏيندا هئا، تنهن مان اتي جا مير بہ پنهنجي لشڪر سميت اچي گڏيا. پوءِ گڏجي شڪارپور هليا ۽ شڪارپور کان ٽن ڪوهن تي منزل ڪيائون ۽ هڪڙو وڪيل شجاع الملڪ ڏي موڪليائون، ميرن جو لشڪر ارڙهن هزار هو ۽ پٺاڻن جو بہ ٽي هزار مس هو پر انهن ٿورن افغانن هنن کي شڪست ڏيئي ڇڏي ۽ حيدرآباد لشڪر جو سردار ڪاظم شاهہ ۽ خيرپوري لشڪر جي سردار گولي شاهہ جو پٽ غلام مرتضيٰ شاهہ ٻئي مارجي ويا. گولو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

شاهہ پاڻ پوءِ پنن جي ڦرڙي يا ٻلهاڙي جي سبب 1237هہ ۾ وفات ڪري ويو ۽ خيرپور جي مقام قبہ قادر بخش ۾ دفنايو ويو. بلوچ پڇجي پنهنجي منزل گاهہ تي آيا. آخر آغا اسماعيل شاهہ کي وڪيل ڪري موڪليائون، جنهن شجاع الملڪ سان وڃي هن شرط تي صلح جو ٺهراءُ ڪيو تہ شجاع الملڪ سنڌ مان نڪري وڃي ۽ کيس ٻارهن لک سنڌي روپيا (يعني اٺ لک انگريزي رپيا) ملندا. انهيءَ موجب هو پيسا وٺي لڏيانہ هليو ويو. پوءِ آغا اسماعيل شاهہ شڪارپور جو حاڪم ڪيو ويو ۽ سندس پٽ آغا زين العابدين شاهہ سندس نائب ڪيو ويو ۽ مير پاڻ پٺ تي روانا ٿيا. اهو واقعو 1249هہ مطابق 1833ع جو آهي.

انهيءَ وقت ڏاري شجاع الملڪ انگريز سرڪار ڪان مدد گهري ۽ سرڪار سروليم مئڪناگٽن کي لشڪر ڏئي انهن سان روانو ڪيو تہ انهيءَ کي وڃي ڪابل جي تخت تي ويهاري ۽ ساڳئي ڪم لاءِ جنرل سرجان ڪين کي حڪم مليو تہ بمبئي مان لشڪر وٺي وڃي. پر انهيءَ کان اڳي ڪرنل پاٽنجر، جو ڪڇ ۾ ريزيڊنٽ هو، سو ميرن ڏي اجازت وٺڻ لاءِ موڪليو ويو تہ لشڪر ڪراچي جي رستي درياهہ مان لنگهائي وڃي ۽ انهيءَ کي سرسات وغيره جي مدد ملي.

مٿي جيڪو بيان ڪيو ويو آهي تنهن مان معلوم ٿيندو تہ ڪڏهن کان وٺي انگريز سرڪار جو سنڌ سان واسطو رهيو. پهريائين پهريائين هن 1758ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني کي ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي واپار لاءِ ڪوٺين کڻڻ جي ٺٽي ۽ اورنگا بندر ۾ موڪل ڏني، پر سندس پٽ ميان سرفراز سن 1775ع ۾ اهي ڪوٺيون بند ڪرائي ڇڏيون. وري سن 1799ع ۾ مير فتح علي خان مسٽر ڪرؤ کي ڪراچي ۾ جاءِ ڏني، پر پوءِ زمان شاهہ افغان بادشاهہ جي چورت تي انهن کي حڪم ڏنائين تہ ڏهن ڏينهن اندر پنهنجو ڪارخانو بند ڪري هليو وڃي. انهيءَ ڪري ڪمپني کي لک رپين کان وڌيڪ نقصان پيو. سرڪار انهيءَ جي عيوضي لاءِ تنگ طلبي ڪئي پر انهيءَ وقت نپولين بونا پارٽ ايران سان ٺاهہ پي ڪيو تنهن ڪري سن 1809 ۾ سرڪار مسٽر سمٿ جي معرفت ميرن سان عهدنامي ڪرڻ لاءِ کيس موڪليو ۽ پاٽنجر صاحب انهيءَ جو اسسٽنٽ هو. آخر مير غلام علي خان ۽ سندس ٻن ڀائرن سان دوستيءَ جو عهد نامو ٿيو جنهن موجب ميرن فرينچن کي سنڌ ۾ اچڻ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪان روڪڻ جو ذمو ڪنيو ۽ هڪ ٻئي ڏي وڪيلن موڪلڻ جو بندوبست جاري ٿيو. مير مراد علي خان جي سخت بيمار ٿيڻ ڪري ميرن جي لکڻ تي بمبئي جي گورنر صاحب ڊاڪٽر برنس کي موڪليو. جنهن مير کي ڇٽايو ۽ ميرن گهڻو مان ۽ انعام ڏنس. سن 1831ع ۾ انهيءَ ڊاڪٽر جي ڀاءُ سرالگزينڊر برنس کي سرڪار ولايت مان آيل گهوڙا تحفي طور راجا رنجيت سنگهه کي پهچائي ڏيڻ لاءِ درياهه جي رستي موڪليو پر حيدرآباد وارن ميرن انهيءَ تي اعتراض آندو. مگر خيرپور واري مير رستم خان انگريز سرڪار سان گهاٽي دوستي رکڻ جي خواهش ڏيکاري. آخر سن 1832ع ۾ هڪڙو عهدو نامو ٿيو جنهن موجب هندستان جي واپارين کي واپار لاءِ ٺهرايل محصول تي سنڌ ۾ اچڻ جي موڪل ملي، مگر هميشه لاءِ ڪو بہ انگريز واپاري نہ رهڻو هو. مير رستم خان توڙي مير مراد علي خان سان اهو عهد نامو ڏار ڏار ڪيو ويو ۽ درياهه جي رستي توڙي خشڪيءَ رستي آمدرت جاري ٿي. سگهو ئي پوءِ دوراني بادشاهت ڪابل ۾ نتي ۽ شاهه شجاع الملڪ هڪاليو ويو. ڪابل ۾ دوست محمد حڪومت هلائڻ لڳو ۽ قنڌار ۽ هرات خودمختيار ٿيا. راجا رنجيت سنگهه انهيءَ گوڙ ۾ افغانن ڪان ڪشمير ۽ ملتان جو ڀاڱو ڦري ويو ۽ سنڌ ۾ بہ شڪارپور وٺڻ جو خيال رکيائين ۽ ميرن ڪان ٻارهن لک ڏيل گهرڻ لڳو. پر سنڌن چوڻ تي انگريز سرڪار هٿ وڌو ۽ راجا کي روڪيو ۽ انهيءَ جي بدران مير سرڪار جو وڪيل حيدرآباد ۾ ويهاريو. انهيءَ وچ ۾ ڪابل جي گڙٻڙ ڪري رشيا اتي دست اندازي ڪرڻ ٿي گهري. تنهن ڪري وائسراءِ آرڊڪلنڊ، رجا رنجيت سنگهه ۽ شاهه شجاع سان عهد نامو ڪري شاهه شجاع کي ڪابل جي تخت تي ويهارڻ جو انجام ڪيو ۽ ميرن ڪان شاهه شجاع جي بدران راجا رنجيت سنگهه کي پندرهن لک رپيا ڏياريا. اُنهيءَ 1838ع واري عهد نامي جي ڏِ تي انگريز سرڪار ميرن کي درياهه جي رستي شاهه شجاع جي مدد لاءِ لشڪر موڪلڻ ۽ شڪارپور ۾ پهرين منزلگاهه ڪرڻ جي موڪل گهري. انهيءَ وقت حيدرآباد ۾ ننڍين ميرن واري چؤياري هئي ۽ خيرپور ۽ خيرپور وارا مير خود مختيار هئا، بلڪ ٻيا بلوچ سردار بہ خود سر هوندا هئا. ميرن پهرين انڪار ڪيو. آخر لاچار تي اها ڳالهه قبول ڪيائون. مگر جڏهن لشڪر وارو جهاز منوڙي تي آيو. تڏهن انهيءَ تي توبون ڇوڙيائون، جهاز جي توبن منوڙي جو قلعو ڊاهي وڌو ۽ لشڪر

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

لهي ڪراچي ورتي ۽ حيدرآباد ۾ انهيءَ لشڪر جي لاءِ جيڪا سرسات گڏ ٿي هئي سا ميرن ناس ڪرائي ڇڏي ۽ اسسٽنٽ ريزيڊنٽ پڃي جان ڇڏائي.
نيٺ سن 1839ع ۾ ميرن آغا اسماعيل شاهه کي ڪراچي ڏي سرجان ڪين سان صلح ڪرڻ لاءِ موڪليو جنهن وچي هڪڙو تازو عهد نامو ڪيو جنهن موجب انگريز سرڪار ميرن کي ٻاهرين ڪاهن کان بچائڻ جو ذمو ڪنيو ۽ انهيءَ لاءِ ٽي هزار انگريزي لشڪر سنڌ ۾ رکڻ لاءِ ميرن سالياني ٽي لک روپيا ڏيڻا ڪيا ۽ ٽيويهه لک رپيا چٽي ٻه پري ڏنائون ۽ حيدرآباد ۾ هڪڙو ريزيڊنٽ ٻه وهارڻو ڪيائون. مير صوبدار خان کي سرڪار سان سازش هئڻ ڪري انهيءَ عهدنامي کان معافي ڏنائون ۽ خيرپور واري مير رستم ته اڳ ئي ڌار اهڙو عهدو نامو سرڪار سان ڪيو هو بلڪ سرڪار کي لشڪر سان مدد ڏيڻ جو انجام ڪيو هئائين ۽ بکر جو قلعو ٻه انگريز سرڪار کي سنڌن ڪم لاءِ ڏنائين. ڪراچي، ٺٽي سکر ۽ شڪارپور ۾ انگريز سرڪار ايترا پيسا هاريا جو ميرن جي مدد کان سواءِ ئي ماڻهو ۽ واپاري سرڪار کي ضروري مدد ڏيڻ لڳا. انهيءَ بندوبست ۾ ميجر آوٽرام گهڻي همت ڪئي جو ڪرنل پاٽنجر جي جاءِ تي ريزيڊنٽ مقرر ٿي آيو هو. آخر انگريزي لشڪر سنڌ مان لنگهي خراسان ڏي ويو. ۽ ويندي خيرپور ۾ راس بيل صاحب کي ڌار ريزيڊنٽ ڪري ڇڏي ويا. پر اهو ورهه کن جي اندر گذاري ويو ۽ خيرپور ٻه حيدرآباد واري ريزيڊنٽ ميجر پاٽنجر سان لاڳو ڪئي ويئي. انهن کان پوءِ ٻه ٻيا ريزيڊنٽ ٿيا، نيٺ ميجر آوٽرام ڪڇ کان حيدرآباد ۾ آيو. سگهو ئي هو پنهنجو اسسٽنٽ ڪپتان وائٽ لاڪ حيدرآباد ۾ ڇڏي پاڻ خيرپور ويو جو قلات جي نسبت ۾ ڪنهن بندوبست ڪرڻ جو ضرور ٿيو هو.
سن 1838ع ۾ جنرل سرجان ڪين شاهه شجاع کي ڪابل جي تخت تي ويهاري موٽيو ۽ رستي ۾ حيدرآباد مان لنگهندو ۽ مير صاحبن سان ملاقات ڪندو بمبئي ڏي ويو. سن 1840ع ۾ مير نور محمد خان وفات ڪئي ۽ بلوچن مير محمد نصير خان کي پنهنجو رئيس ڪري مڃيو ۽ سن 1842ع ۾ سرچارلس نيپئر ريزيڊنٽ مقرر ٿي آيو. ميرن سان دستوري ملاقات ڪري سکر ڏي ويو ۽ اتي خيرپوري ميرن سان ملاقات ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ سگهو ئي مير علي مراد خان جو پنهنجي ڀاءُ مير رستم خان ۽ پنهنجي ڀائٽيي مير نصير

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

خان ولد مير مبارڪ خان سان تڪرار ٿي پيو ۽ انهن سان لڙائي ڪيائين، جنهن ۾ انهن کي شڪست ڏنائين. سرچارلس نيپئر، مير علي مراد خان جو طرف ورتو. مير رستم خان ٻڍاپڻ ۾ ٿر ڏي ڀڄي ويو. آخر نونهار يا نونارن وارو عهدنامو ٿيو جنهن موجب هنن جون نَوَ ديهون مير علي مراد خان کي مليون. مير علي مراد خان اجا به راضي نه هو جو مير رستم خان پنهنجي پڳ پنهنجي هڪڙي پٽ کي ڏني ٿي ۽ انهيءَ کي پنهنجو وارث ڪرڻ ٿي گهريائين، پر مير علي مراد خان کي اها طمع پنهنجي لاءِ هئي. سرچارلس ڳجهي طرح هن کي همٿايو ۽ خاطري ڏنائينس ته ادا پڳ توکي ملندي، تنهن ڪري مير علي مراد خان سارو انگريز سرڪار جي فائدي ۾ ٿي بيهي رهيو. هوڏانهن وري ساڳي طرح سرچارلس نيپئر حيدرآباد ۾ مير صوبدار خان کي پنهنجو ڪيو ۽ ٻين ميرن کي اوترو رخ نه ٿي ڏنائين، جنهن ڪري هن جي به ناسازي رهي. خيرپور وارا ننڍا مير نصير خان ۽ محمد حسن خان حيدرآباد ۾ مير رستم خان جي لاءِ مدد وٺڻ واسطي آيا. 1843ع ۾ مير رستم خان به اتي آيو. سڀني ميرن، سواءِ مير صوبدار جي، هن جي آڏرپاءُ ڪئي. پوءِ پاڻ ۾ صلاح ڪري ميرن مرزا خسرو بيگ ۽ يوسف خدمتگار ۽ غلام علي نظاماڻي کي وڪيل ڪري سرچارلس ڏي موڪليو جيڪو ان وقت سيوهڻ جي ويجهو هو ۽ اڳئي حيدرآباد ۽ خيرپور جي ميرن وٽ نئون عهد نامو پيش ڪرايو هئائين ۽ انهيءَ تي سندن منظوري جي صحيح گهري هئائين. جنهن جو مطلب هو ته ڪراچي، ٺٽو سکر، بکر ۽ روهڙي هميشه لاءِ انگريز سرڪار کي ڏنا وڃن ۽ روهڙيءَ جي اتر وارو وڏو پرڳڻو جو ميرن اڳي بهاولپور جي نواب کان کسي ورتو هو. سو انهيءَ کي موٽائي ڏين، ميرن انهيءَ عهد نامي تي صحيح ڪرڻ کان دارمدار پئي ڪيو پر سر چارلس ان جي تعميل لاءِ زور رکيو. مير رستم خان چوائي موڪليو ته آئون انگريز سرڪار کي سامهون ٿيڻ نٿو گهران، اچي صاحب وٽ پيش ٿو پوان. سر چارلس جواب موڪليس ته مون وٽ نه اچ پنهنجي ڀاءُ مير علي مراد خان وٽ وڃ ۽ انهيءَ سان ناهه ڪر. ان موجب لاچار ٿي هو انهيءَ وٽ ڏيجي جي ڪوٽ ۾ ويو ۽ مير علي مراد خان سرچارلس ڏي لکي موڪليو ته مير رستم خان قرآن تي لکي ڏنو آهي ۽ ملڪ توڙي پڳ مون کي ڏني اٿس. پر خود سر چارلس کي توڙي ٻين ماڻهن کي اهو شڪ هو ته مير رستم خان ائين ڪو نه

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪيو آهي، يا تہ ڏاڍي زور هيٺ ائين ڪيو آهي. نتيجو اهو ٿيو جو مير رستم خان پڄي تہ ڏي ويو ۽ اچي حيدرآباد ڪان نڪتو، جيئن متي ذڪر ڪيو ويو. هن جي غير حاضريءَ ۾ خيرپور ۾ گڙٻڙ ۽ ياج اچي پئي. مير علي مراد خان اچي خيرپور تي قبضو ڪيو. بلوچ سڀ انهيءَ ڳالهہ جي خلاف ٿيا. بلڪ حيدرآباد جي ميرن بہ پنهنجن وڪيلن جي هٿ سر چارلس کي چوائي موڪليو تہ جيسين مير رستم خان کي وري پنهنجي گادي ۽ پنهنجو ملڪ نہ ملندو، تيسين اسين انهيءَ بئي عهدنامي تي صحيح نہ ڪنداسين. پر سر چارلس اها پوئين ڳالهہ قبول نہ ڪئي ۽ زور رکيائين تہ مير رستم خان جي بدران مير علي مراد رئيس شمار ۾ اچي ۽ حيات خان مريءَ کي ناحق ڪٽي قيد ڪيائين ۽ مير رستم جي ٽر ڏي وڃڻ ڪري سر چارلس پاڻ بہ هن جي پنيان امام ڳڙهہ جي قلعي تي ڪاهي ويو ۽ اهو خالي ڏسي انهيءَ کي توبن سان ڊاهي ڇڏيائين. تنهن کان پوءِ سر چارلس حيدرآباد ڏي رخ رکيو. ميجر آئو ٽرام کي وري بہ حيدرآباد جي ميرن ڏي موڪليائين تہ عهد نامو قبول ڪن، نہ تہ جنگ ٿيندي. ميجر وجي مٺو هنيو. ميرن مير رستم خان جي ڳالهہ وچ ۾ آندي. ميجر چيو تہ انهيءَ ۾ اوهان کي هٿ وجهڻو ناهي. آخر ڏاڍن حيلن سان فيبروريءَ جي 12 تاريخ حيدرآباد توڙي خيرپور جي ميرن عهد نامي تي صحيح ڪئي. اها ڳالهہ ٻڌي بلوچن کي باهہ وٺي ويئي ۽ ڏاڍا ڪاوڙيا. اگرچہ مير توڙي عام بلوچ ميجر آئوٽرام سان تمام نهيل هئا ۽ هن کي ڏاڍو مان ڏيندا هئا تہ بہ هينئر هن کي جنيون ڪرڻ لڳا ۽ اهڙو تنگ ڪيائونس جو هو حيدرآباد جو قلعو ڇڏي هليو ويو ۽ انهيءَ رات سڀ بلوچ گڏ ٿيا ۽ قرآن تي هٿ رکي قسم کنيائون تہ جيسين مير رستم خان جو داد نہ ٿيندو، تيسين اسين ترارين کپ ۾ نہ وجهنداسين. 13 تاريخ صبح جو اٺ هزار بلوچ ڪاهي نوآباد ۾ درياهہ جي ڪپ تي ريزيڊنٽ جي بنگلي تي ويا ۽ ڇهہ توبون بہ نيائون. چار ڪلاڪ انگريزي سپاهي جيڪي اتي موجود هئا، تن ريزيڊنٽ کي بچايو ۽ پوءِ تجويز سان سڀ سامان ۽ ماڻهو اگبوٽ ۾ وجهي سرچارلس جي منزل ڏي روانا ٿيا، ۽ بئي ڏينهن مير بلوچن کي وٺي مياڻي ۾ آيا ۽ اچي اُتي منزل ڪيائون.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

سر چارلس هالن ۽ متيارين مان تاريخ 17 فيبروري جي مياڻي ۾ آيو ۽ سخت جنگ لڳي. انگريزي لشڪر ٻه ٽي هزار ماڻهو مس هئا، پر بلوچن جو لشڪر ٽيهن هزارن کان ٻه مٿي هو. بلوچن شڪست کاڌي ۽ سڀ مير خيرپور جي ميرن سميت اچي حيدرآباد کان نڪتا. انهيءَ جنگ ۾ پنج هزار بلوچ ماريا ۽ انگريزي لشڪر جا فقط 257 ماڻهو هئا، جن مان 19 آفيسر هئا. بلوچن جو سڀ سامان توبون وغيره انگريزن کي هٿ اچي ويو. ٻئي ڏينهن مير سڀ وچي سر چارلس وٽ پيش پيا ۽ نظربند ڪيا ويا ۽ تاريخ 19 فيبروريءَ جي سر چارلس حيدرآباد ۾ اچي قلعو ورتو ۽ خزانو هٿ ڪيائين. مير صوبدار انگريزن جو طرف وٺي جنگ ۾ شامل نه ٿيو هو پر تنهن کي ٻه وٺي ويا. مير پور وارو مير شير محمد خان وقت تي پهچي نه سگهيو هو. جو سر چارلس اوچتو ڪاهي آيو هو. سو هاڻ لشڪر گڏ ڪري ڪاهي آيو. سر چارلس پنج هزار لشڪر وٺي 22 تاريخ فيبروري جي اوڏانهن ويو ۽ دبي جي ڳوٺ وٽ پهتو. مير شير محمد سان ويهه هزار لشڪر هو. سخت جنگ لڳي. مير شڪست کاڌي ۽ ڀڄي نڪري ويو. مير علي مراد خان ٻه سر چارلس جي چوڻ پٽيان، مير شير محمد کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو نڪري ويو. ڪن ڏينهن کان پوءِ هو ٻه اچي پيش پيو ۽ انهيءَ کي سنڌ ۾ رهڻ جي اجازت ڏني ويئي ۽ ٻين ميرن کي قيد ڪري پوني ڏي ڏياري موڪليائون ۽ پوءِ ڪلڪتي ڏي روانو ڪيائون. ٻڍو مير رستم خان ۽ سندس ڀائٽيو نصير خان پوني ۾ وفات ڪئي ۽ ٻيا ڪلڪتي ۾ رهيا، جتي سن 1854ع ۾ جيڪي بچيا سي موٽي آيا ۽ حيدرآباد ۾ پينشنون ملين. سنڌ انگريز سرڪار جي ملڪ سان شامل ڪئي ويئي ۽ سر چارلس نيپئر جي حوالي ڪئي وئي، جو سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب نائون

انگريز سرڪار جي حڪومت جي شروعات ۽ رياست خيرپور جي حدن جي ڦير گهير

سر چارلس نيپئر هڪڙي دربار ڪوٺائي، جنهن ۾ تقريباً پنجاهه هزارن جاگيردارن ۽ سردران ۽ ٻين سکر ماڻهن جون جاگيرون ۽ ٻيا حق قائم ڪيا ۽ جدا جدا ضلعن لاءِ ڪليڪٽر مقرر ڪيائين، جي ملڪ هلائڻ جو ڪم ڪرڻ لڳا. پنجن ورهين کان پوءِ جڏهن نيپئر صاحب ويو تڏهن سرڪار سنڌ بمبئي کاتي سان لڳائي ۽ بمبئي جي گورنر صاحب هيٺ پرنگل صاحب سنڌ جو پهريون ڪمشنر مقرر ٿيو. ٽن ورهين کان پوءِ وري سربارٽل فرينئر صاحب ڪمشنر ٿي آيو جو اٺ ورهيه سنڌ ۾ رهيو. انهيءَ کان پوءِ جيڪي ڪمشنر صاحب آيا سي وقت بروقت گشت جي ڏينهن ۾ يا ٻين خاص وقتن تي رياست خيرپور ۾ ايندا رهندا هئا ۽ مير صاحبن سان ملاقات ڪندا هئا.

سر بارٽل فريئر صاحب جي حڪومت ۾ خيرپور جي نسبت ۾ هڪڙي ڳالهه ٿي جنهن جو بيان ڪرڻ ضروري آهي. مياڻيءَ جي جنگ کان پوءِ ميرن جون سڀ زمينون ضبط ڪيون ويون، رڳو مير علي مراد خان کي خيرپور جو رئيس ٺهرائي جيڪو ملڪ کي ورثي ۾ مليو ٿي سگهيو ۽ جيڪو خلاصو مير رستم خان جو هو ۽ سندس پڳ جو هو سو سڀ مير علي مراد خان کي ڏنو ويو. اهو ملڪ نونهار واري عهد نامي ۾ مفصل ڏيکاريو ويو هو جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته ڏيجي جي ڪوٽ ۾ مير رستم خان سر چارلس جي دٻ کان وجي مير علي مراد خان کي قرآن تي لکي ڏنو. اگرچه انهيءَ بابت پوءِ مير رستم خان پاڻ انڪاري هو ۽ ظاهر ڪيائين ته سندس مهر زوريءَ ڪٺائي انهيءَ تي هنئي وئي هئي ۽ انهيءَ لاءِ هو ثابتي ڏيڻ واسطي تيار هو پر سر چارلس اها ڳالهه نه مڃي ۽ انهيءَ عهد نامي کي سچو سمجهي انهيءَ تي تعميل ڪرايائين. انهيءَ ڳالهه تي حيدرآباد وارن ميرن به زور رکيو ۽ سر چارلس جي نه مڃڻ ڪري مياڻي واري جنگ لڳي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

پر سر چارلس جي سنڌ مان رواني ٿيڻ کان ٿورو اڳي ڪيس مخفي طرح معلوم ٿيو ته قرآن جي جنهن ورق تي نونهار وارو عهد نامو لکيو ويو هو، تنهن ۾ مير علي مراد خان جعلسازي ڪري وڌيڪ ملڪ داخل ڪيو آهي. جنهن تي سندس ڪو به حق ڪو نه هو. 1830ع ۾ هڪڙي خاص ڪميشن انهيءَ ڳالهه جي پڇا ۽ تحقيق ڪرڻ لاءِ مقرر ڪئي ويئي. ان وقت پرنگال صاحب ڪمشنر هو. انهيءَ جاچ ۾ مير علي مراد خان جو ڏوهه پوري طرح ثابت ٿيو ۽ رپورٽ ڊائريڪٽرن ڏي موڪلي ويئي. 1851ع ۾ انهن هي فيصلو ڪري موڪليو ته مير علي مراد خان کي رئيسي جي درجي تان لاهي ڇڏجي ۽ پيءُ جي زمينن ۾ جيڪو سندس موروثي حق هجي فقط اهو ڏجيس ۽ ٻيو سڀ ملڪ کسي و-جيس. اهو ملڪ جو هاڻي ڪانئس کسيو ٿي ويو سو ڪل 5412 چورس ميل هو ۽ ان ۾ ڪنڊياري ۽ نوشهري جا پرڳڻا ۽ ٻڙدڪو ملڪ ۽ شاد ٻيلو چڪ، سعيدآباد، اباوڙو، ميرپور ۽ هوڏانهن الور، بکر ۽ پنيرڪو پرڳڻو، جنهن ۾ شڪارپور ضلعو به اچي ٿي ويو. اهو سڀ ملڪ اچي ويو. انهيءَ وقت جيڪي يورپي آفيسر سنڌ ۾ هئا ۽ جن سان مير علي مراد خان ڏاڍي رهائي هئي، تن سڀني انهيءَ فيصلي کي سخت سزا شمار ڪئي ۽ مير سان همدردي ڪرڻ لڳا ۽ ڪيس اپيل ڪرڻ لاءِ صلاح ڏنائون، مير صاحب پاڻ انهيءَ ڪم لاءِ ولايت ويو ۽ هڪڙي ائرش پارليامينٽ جي ميمبر جي به مدد هٿ ڪيائين، پر آخر سندس مطلب حاصل نه ٿيو. ايترو ٿيو جو ٿوري وقت کان پوءِ پندرهن توبون سلامي جون ڪيس مليون. جي پوءِ وڌي وڃي اٺويهه ٿيون آهن ۽ انهيءَ کي سواءِ پنهنجي رعيت تي هن کي ڪلي اختيار مليو. هن بابت وڌيڪ احوال هيٺ ڏبو.

انهيءَ کان پوءِ جيڪو خيرپور رياست جو ملڪ مير صاحب کي مليو انهيءَ تي حڪم هلائيندو رهيو ۽ اها هڪڙي خود مختيار حڪومت انگريز سرڪار جي پناهه هيٺ آهي. سن 1866ع ۾ مير صاحب کي هڪڙي نئين سند ملي، جنهن موجب انگريز سرڪار قبول ڪيو ته ڪانئس پوءِ شريعت موجب جيڪو وارث ٿيندو سو رياست جو رئيس ڪيو ويندو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب ڏهون

مير سهراب خان ۽ مير رستم خان جي حڪومت

ياڳو ڀهريون- نونهار جي عهدنامي تائين

مٿي ڏنل تاريخ مان معلوم ٿيندو ته جيئن ٽالپرن مان مير فتح علي خان سنڌ فتح ڪئي ۽ انهيءَ جو ڀهريون حاڪم ۽ رئيس ٿيو تيئن سنڌ جي خيرپور واري ياڳي جو ڀهريون والي ۽ رئيس مير سهراب خان هو جو سنڌ فتح ڪرڻ ۾ به ساڻس شامل هو. سن 1793ع ۾ مير فتح علي خان، ملڪ ورهايو ۽ مير سهراب خان کي اهو خيرپور وارو ياڱو ورهائي ڏنائين. انهيءَ وقت کان وٺي سن 1830ع تائين مير سهراب خان جي حڪومت هلي، جو انهيءَ پوئين سال ۾ هن وفات ڪئي. تنهن ڪري سندس حڪومت ستاويهه ورهيه هلي. اگرچه انهيءَ کان اڳي پنهنجي جيئري ئي پاڻ گوشه نشين هو ۽ سندس پٽ مير رستم خان سندس پاران حڪومت ڪندو هو. انهيءَ عرصي ۾ مير سهراب خان پنهنجو ملڪ خودمختيار ٿي هلايو ۽ جيڪا ساليانو ڍل مير فتح علي خان کي بادشاهه کي پهچائي ڏيڻي هئي، تنهنجو حصو به ڏار پنهنجي منهن پهچائي پيو ڏيندو هو ۽ لکپڙهه به انهيءَ سان ڌار پيو ڪندو هو. جڏهن سن 1803ع ۾ مير غلام علي خان جي حڪومت ۾ شاهه شجاع الملڪ سنڌ ۾ آيو ته شڪارپور ۾ ساڻس ٽالپرن مقابلو ٿي ڪيو تڏهن به مير سهراب خان يا سندس مير طرفان مير رستم خان پنهنجو لشڪر وٺي لاڙڪاڻي وٽ اچي حيدرآباد وارن ميرن جي لشڪر سان گڏيو. آخر شاهه شجاع سان صلح ٿيو ۽ ساليانو ڍل پنج لک رپيا ميرن ڏيڻا ڪيا. وري سن 1814ع ۾ جڏهن شاهه شجاع ٻيجي سنڌ ۾ آيو تڏهن مير سهراب خان به حيدرآباد جي ميرن سان گڏجي هن کي لشڪر جي مدد ڏني ۽ شڪارپور ۾ ايوب شاهه سان جنگ ڪئي. پر پوءِ صلح ٿيو.

وري سن 1817ع ۾ به جڏهن سنڌ جي مير پنجاب جي راجا رنجيت سنگهه جي ڪاهه جو ٻڌي شڪارپور ڏي ٿي آيا، تڏهن به مير سهراب خان يا سندس طرفان مير رستم خان پنهنجو لشڪر خيرپور مان وٺي انهن سان گڏجي آيو پر پوءِ انگريز سرڪار جي معرفت طرفين جي وچ ۾ صلح ٿيو ۽ انهيءَ کان اڳي جيڪا جنگ داؤد پوٽن جي حاڪم محمد

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

صادق خان سان ٿي ۽ جنهن ۾ سبزل ڳڙهہ وارو پرڳڻو هٿ آيو تنهن ۾ بہ مير سهراب خان لشڪر سميت حيدرآباد وارن ميرن سان شامل هو.

اهڙيءَ طرح مير سهراب خان پهرين پاڻ پوءِ پنهنجي پٽ مير رستم خان جي معرفت پنهنجي پاڱي تي حڪومت ڪندو رهيو ۽ نيٺ سن 1803ع ۾ نوي ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين، جو ماڙي تان ڪري پيو هو.

مير سهراب خان کي هڪڙي ديري مان هي چار پٽ هئا. مير رستم خان مير غلام حيدر خان، مير مبارڪ خان ۽ مير چاڪر خان، ۽ ٻئي ديري مان هڪڙو پٽ مير علي مراد خان هو جو سڀني کان ننڍو هو ۽ سن 1815ع ۾ ڄائو هو. مرڻ کان ٽيهہ چاليهہ ورهيہ اڳي يعني 1811ع ڌاري مير سهراب خان پنهنجي پڳ ۽ پنهنجي سڀ ملڪيت پنهنجي وڏي پٽ مير رستم خان کي ڏئي ڇڏي، جو پاڻ تمام پير مرد ۽ ضعيف هو. [1]۽ وڃي گوشہ نشين ٿي ڪوٽڏيجي ۾ ويهي رهيو، جنهن کي احمد آباد سڏيندا هئا ۽ خيرپور جنهن کي تڏهن سهراب پور چوندا هئا. مير رستم خان جي حوالي رهي.

سن 1833ع ۾ شاهہ شجاع الملڪ جو پهرين مهمان ٿي شڪارپور ۾ اچي رهيو سو انهيءَ پاسي وارو ملڪ پنهنجي قبضي ۾ آڻن لڳو تنهن ڪري حيدرآباد جي مير صاحبن هڪڙو وڏو لشڪر آندو ۽ خيرپور جو لشڪر بہ انهن سان گڏيو. شڪارپور جي ويجهو جنگ لڳي. بلوچن شڪست کاڌي ۽ افغان فتحمند ٿيا. ليڪن نيٺ نهراءُ ٿيو جنهن موجب شاهہ شجاع اٺ لک رپيا وٺي هليو ويو. انهيءَ جو مفصل احوال مٿي ڏنو ويو آهي.

انهيءَ سال ۾ حيدرآباد واري مير مراد علي خان وفات ڪئي ۽ انهيءَ کان پوءِ بلوچن گڏ ٿي ملڪ ورهايو ۽ ساڳي طرح خيرپور ۾ بہ مير رستم خان پنهنجي پيءُ مير سهراب خان[2] جي جيئري ئي ملڪ ورهائي پنهنجي پٽن کي ڏنو تہ متان تڪرار ٿئي. انهيءَ وقت رياست جون حدون ۽ انهن جا جدا جدا پاڱا هئا ۽ ملڪ جي ساليانو پيدائش هيٺين تفصيل موجب ويهہ لک اوڻيتاليهہ هزار رپيا هئا.اتر ڏي سبزل ڪوٽ ۽ ڪشمور تائين، اڀرندي ڏي ٿر ۽ جيسلمير تائين، الهندي ڏي ڪڇي ۽ گندا واهہ تائين ۽ ڏکڻ ڏي نوشهري تائين. اتر ڏي گهڻو ملڪ حيدرآباد ۽ خيرپور وارن ميرن گڏجي رياست مان فتح ڪيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جنهن ڪري ٽيون حصو رياست خيرپور جو هو ۽ مير سهراب خان درياهہ لنگهي افغانن جا ڪي پرڳڻا، جن کي موغلي سڏيندا هئا، سي هٿ ڪيا ۽ بلوچن جا بہ ڪي پرڳڻا هٿ ڪيائين. جن کي ٻڙديڪ چوندا هئا، سکر، نوشهرو ابڙو ۽ روپاه ۽ چڪ ۽ مزارچ ۽ محمدا باغ ۽ شاهہ ٻيلو اهي سڀ هٿ ڪيا ويا هئا، بکر جو ٻيٽ مير رستم خان ترار جي زور سان ورتو. سهڪجي ۽ ڪلواڙي مير مبارڪ خان تجويز ۽ ڏاهپ سان هٿ ڪيا ۽ شڪارپور بہ حيدرآباد خيرپور وارن ميرن گڏجي سن 1823ع ۾ ورتي، جنهن ڪري ٽيون حصو رياست خيرپور جو ٿيو. مير سهراب خان جي وصيت نامي ۾ هيئن هو تہ مون پنهنجو ملڪ پنهنجن پٽن کي هن طرح ورهائي ڏنو آهي ۽ هر هڪ کي سندس حصي جي سند ڏني اٿم. اهو ملڪ ان جي پيدائش سميت مون چئن حصن ۾ ورهايو آهي. انهيءَ مان بہ حصا هينئين تفصيل وارا مير رستم خان جا آهن. نوشهرو، ڪنڊيارو، سدا گاگن، ٻڙديڪ، روپاه، اوباوڙو، پنگ پارد، سبزل ڪوٽ جو هڪ ڀاڱي تي حصو بکر جو قلعو ۽ ڪي ٻيا متفرقہ هنڌ، انهن جي پيدائش جو اڌ، پڳ جي خرچ لاءِ آهي ۽ جنهن کي پڳ ملندي انهيءَ کي اهو ملندو. ٻيو اڌ خلاصو مير رستم خان جو آهي. ٻين ڀائرن جي حصي وانگي. ٽيون حصو يعني گهوٽڪي، سعيدپور، مهيسر، جمسيرا واسطو رڪندڙ ديهن سميت ميرپور ماٿيلو مهرڪي، مغلي ۽ ڪي ٻيا هنڌ، اهو حصو مير مبارڪ خان کي ٿو ڏجي. چوٿون حصو يعني گاگڙي، ڪميلا، احمد آباد جو قلعو خيرپور جو شهر تعلق رکندڙن ديهن سميت نارو ۽ ڪي ٻيا هنڌ مير علي مراد خان کي. هر هڪ حصي جو قبضو مون انهن کي ڏنو آهي ۽ هي وصيت انهيءَ لاءِ لکي اٿم تہ پوءِ ڪو تڪرار نہ ٿئي ۽ منهنجو خاندان ۾ صلح ۽ آرام رهي ۽ ٻين ميرن حاڪمن ۽ بلوچن کي خبر پوي تہ اهو ملڪ منهنجي وصيت موجب منهنجي اولاد جي قبضي ۾ رهي ٿو. هي وصيت نامو مون پنهنجي پوري هوش حواس ۾ لکيو آهي. تاريخ 14_ ذوالقعد 1244 هجري مطابق 18 مئي 1829ع "صحيح مهر سهراب ٽالپر."

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ هي بہ وصيت ۾ لکيل هو تہ "منهنجي مرڻ تي پڳ ۽ گادي مير رستم خان کي ملندي. انهيءَ کان پوءِ مير مبارڪ خان کي ۽ انهيءَ کان پوءِ مير علي مراد خان

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪي.“ يعني جيئن حيدرآباد ۾ بہ پڳ ۽ گادي هڪڙي ڀاءُ کان پوءِ ٻئي ڀاءُ کي پئي ملي، تيئن هتي بہ انهيءَ رسم تي هلڻو هو ۽ ڀاءُ کي ڇڏي فوتي ڀاءُ جي اولاد کي نہ ملڻي هئي.

مير علي مراد خان صغير هو تنهن ڪري پيءُ جي وصيت موجب پنهنجي ڀاءُ مير مبارڪ خان جي سنڀال هيٺ رهيو پر مير مبارڪ خان هن جي حصي ۾ بيجا تصرف ڪرڻ لڳو تنهن ڪري جڏهن مير علي مراد خان وڏو ٿيو تڏهن تڪرار ڪرڻ لڳو تنهن کان سواءِ مير سهراب خان جي مرڻ کان پوءِ ٻيا وڏا ڀاءُ انهيءَ ورهاڱي ۽ وصيت نامي تي اعتراض اٿارڻ لڳا.

مير رستم خان پنهنجي پيءُ جي جيئري ئي پنهنجي ٻين باقي ڀائرن مير غلام حيدر ۽ مير چاڪر کي بہ ڪي جاگيرون ڏنيون هيون. انهن مان مير غلام حيدر جي مرڻ ڪري اهي ساڳيون جاگيرون سندس ٽن پٽن مير محمد خان، مير احمد خان ۽ مير غلام مصطفيٰ خان کي ورهائي ڏنيون ويون.

سن 1838ع ۾ انگريز سرڪار ۽ حيدرآباد توڙي خيرپور وارن ميرن سان عهدنامو ٿيو جنهن موجب ميرن قبول ڪيو تہ سندن جيڪو تڪرار راجا رنجيت سنگهہ ۽ شاهہ شجاع الملڪ يا سرڪار جي ٻين ڪن دوستن سان ملندو، ان جو سرڪار فيصلو ڪندي ۽ انهيءَ تي هو راضي رهندا، ۽ انهيءَ جي عيوض حيدرآباد ۽ خيرپور ۾ ريزيڊنٽ ورهاڱو ڪيائون. شڪارپور ۽ بکر سرڪار جي هٿ ۾ رهڻ بہ انهيءَ عهد نامي جي زور تي ٿيو.

سن 1839ع ۾ مير مبارڪ خان وفات ڪئي، کيس پنج پٽ هئا. مير نصير خان، مير محمد علي خان، مير فضل محمد خان، مير علي محمد ۽ مير ولي محمد جي سڀ منگهن والي ۾ رهندا هئا. وڏو پٽ مير نصير خان، پيءُ جي سڀني جاگيرن جو وارث ۽ مالڪ ٿيو. تنهن ڪري هينئر مير علي مراد خان پنهنجي حصي جي لاءِ مير نصير خان سان تڪرار ڪرڻ لڳو. مير رستم خان مير نصير خان جو طرف ورتو ڇا لاءِ جو مير علي مراد خان سندس وزير فتح محمد غوري جي برخلاف هو ۽ انهيءَ کي بي آبرو ڪيو هئائين. انهيءَ جي چورت تي مير رستم خان بہ سندس برخلاف ٿيو. ٻئي سال 1840ع ۾ اتي جي پوليٽيڪل ايجنٽ راس بيل صاحب جاچ ڪري اهو تڪرار مير علي مراد خان جي فائدي ۾ ڪيو پر طرفين جي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

صلح ڪرڻ کان اڳي راس بيل صاحب کي ڪوئيٽا ڏي وڃڻو ٿيو. جتي سگهو ئي هو فوت ٿي ويو ۽ سندس جاءِ تي ميجر اؤٽرام مقرر ٿي ويو. انهيءَ صاحب بہ جاچ ڪري راس بيل صاحب واري فيصلي جي فائدي ۾ مٿي رپورٽ ڪئي ۽ گورنر جنرل صاحب بهادر اهو فيصلو منظور ڪيو. مگر ڏرين کي انهيءَ جو اطلاع نہ مليو. تنهن ڪري اهي لشڪر گڏ ڪري وڙهڻ لاءِ نڪتا. 15 تاريخ سيپٽمبر سن 1842ع [3] جي نونهار وٽ جنگ لڳي، جنهن ۾ مير علي مراد خان فتحياب ٿيو ۽ هنن ميرن نو ديهون ڏيئي صلح اختيار ڪيو. انهن مان ست ديهون مير رستم خان جون هيون ۽ بہ مير نصير خان ۽ مير محمد علي جون اهي بہ ديهون ماٿيلو ۽ دادلوءِ هيون. مير رستم خان ست ديهون ڏيئي صلح ڪيو سو هن ڪري جو سندس پٽ مير غلام محمد خان قيد ٿي پيو هو. انهيءَ کي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ اها چٽي لاچار ٿي پريائين. ڪي مهينا اڳي مير رستم خان جي وزير فتح محمد غوري انهن جي وچ ۾ صلح ڪرايو هو. جو هيستائين مير علي مراد خان جو جاني دشمن هو. هو مير علي مراد خان وٽ ڏيجي جي ڪوٽ ۾ وڃي پيش پيو ۽ پنهنجي لاءِ بہ معافي گهريائين ۽ پنهنجي ڌٽي مير رستم خان جي لاءِ پرچاءُ جو عرض ڪيائين. نيٺ مير علي مراد خان سندس منٿ قبول ڪري ساڻس گڏجي خيرپور آيو. پر انهيءَ هوندي بہ پاڻ ۾ ڪونسيا بہ پيي. مير رستم خان پاڻ ۾ هنن جي تڪرار فيصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪري نہ سگهيو ۽ مير علي مراد خان جو وڪيل شيخ علي حسين بہ ڪپتان براٺون صاحب وٽ انهيءَ لاءِ پي ويو تہ تڪرار فيصل ڪري نئين حد مقرر ڪري، پر انهيءَ صاحب هٿ نہ ٿي وڌو ۽ چيائين پئي تہ اهو ڪم رئيس جو يعني مير رستم خان جو آهي.

تڪرار جا ٻيا بہ سبب اچي گڏ ٿيا. مير رستم خان پنهنجي نياڻي مير علي مراد خان جي وڏي پٽ مير سهرراب خان کي مڱائي هئي. اهو مير سهراب خان انهيءَ سال جي آگسٽ واري مهيني ۾ مري ويو. مير علي مراد خان جي مرضي هئي تہ اهو سڱ سندس ٻئي پٽ مير شاهنواز خان کي ملي، پر مير رستم خان انهيءَ کان انڪار ٿي ڪيو.

انهيءَ کان سواءِ مير رستم خان هاڻي ارادو ڪيو تہ پنهنجي وڏي پٽ مير محمد حسين کي ولي عهد مقرر ڪري. انهيءَ ڳالهہ ۾ ٻيا بلوچ سردار سڀ راضي هئا، مگر مير علي مراد خان ۽

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

مير رستم خان جا پيا ڪي پٽ راضي نہ هئا. مير رستم خان ڪي اٺ پٽ هئا، جي ٽن ديرن مان هئا. مير محمد حسين خان، مير علي اڪبر خان ۽ مير مريد حيدر هڪڙي ديري مان. مير علي مراد خان، مير شير محمد خان، مير علي بخش خان ۽ مير غلام محمد خان ٻئي ديري مان، ۽ مير دوست محمد خان ٽئي ديري مان، اهي مهراب پور ۾ رهندا هئا.

اهي ئي تڪرار هئا جن جي ڪري نيٺ نونهار واري جنگ ٿي، جو هنڌ خيرپور کي ويجهو آهي ۽ جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. انهيءَ جنگ ۾ مير علي مراد خان جا 12 ماڻهو هئا ۽ مير رستم خان ۽ مير نصير خان جي طرف جا 60 ماڻهو. مير نصير خان جو پاءُ مير محمد علي زخمي ٿي پيو، جنهن پهرين ڪاه شروع ڪئي. پيا مير بہ هن سان شامل هئا. آخر هنن شڪست کاڌي ۽ مير محمد علي خان زخمي ٿي چاليهہ پنجاهہ ماڻهن سميت نونرن جي ڪونرن ۾ وڃي پناهہ ورتي. اتي مير علي مراد خان جو لشڪر هنن کي وڪوڙي ويو. بک ۽ اڃ ڪري هو قيد ٿي پيا. مير رستم خان اهو حال معلوم ڪري پنهنجي پٽ مير علي مراد، هٿان پنهنجي مهر مير علي مراد خان ڏي موڪلي ڏني ۽ چوائي موڪليائينس تہ جيڪي شرط ڪرين سي مون کي قبول آهن. مير علي مراد خان جواب ڏنو تہ مون جنگ انهيءَ لاءِ ٿي ڪئي تہ منهنجي صغيريءَ ۾ جيڪي زمينون مير رستم خان ۽ مير مبارڪ خان کسيون آهن سي مون کي موٽي ملن، جڏهن مير علي مراد خان موٽي آيو تڏهن مير رستم خان ۽ سيد علي گوهر شاهہ پاڻ سان قرآن کڻي مير علي مراد خان جي لشڪر گاهہ ۾ ويا. آخر نَوَ ڏيهون مير علي مراد خان کي ڏنائون ۽ صلح ٿيو مگر سندن دل ۾ ڪينو رهجي ويو.

سگهو ئي پوءِ مير رستم خان ۽ نصير خان وري لشڪر گڏ ڪرڻ لڳا ۽ توبن جي مرمت ڪرائڻ لڳا، انهيءَ لاءِ تہ وجهہ وٺي مير علي مراد خان سان وڙهن. مير رستم خان پنهنجي وڏي پٽ مير محمد حسين خان کي بہ پاڻ وٽ گهرايو ۽ چوائي موڪليائينس تہ جي تون ڊپ کان يا ڪنهن ٻئي سبب کان نہ ايندين تہ آئون مير نصير خان کي ولي عهد ۽ ٽالپرن جو رئيس ڪندس. ساڳئي وقت ۾ گذري ويل جنگ ۾ جي جاگيردار ۽ بلوچ سردار مير علي مراد خان جا طرفدار ٿيا هئا، تن جون جاگيرون ضبط ڪري انهن کان کسي ورتائين.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هي حال ڏسي مير علي مراد خان ڪپتان برائون صاحب وٽ آيو ۽ جيڪو قبضو مير رستم خان گذريل جنگ کان پوءِ قرآن تي ڪيس لکي ڏنو هو، سو ڏيڪاريائينس ۽ چيئينس ته جيڪو ملڪ انهيءَ انجام نامي موجب مير رستم خان ڏيڻو ڪيو هو سو نه ٿو ڏئي ۽ مون پنهنجي والده ۽ پڦيءَ به مير ڏي ڏياري موڪلي ته به هو انجام نامي جي شرطن موجب نٿو هلي. پر انهيءَ صاحب هٿ نه وڌو.

اها هئي نونهار جي جنگ ۽ اهو هو نونهار جو عهد نامو. جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو ۽ جنهن جو هيٺ به وري ذڪر ايندو، جو انهيءَ مان گهڻا گل نڪرڻا آهن. اهو دستاويز قرآن جي مهڙ وارن خالي صفحن مان ڇئن صفحن تي لکيل هو. ٻاهريون صفحو ڇڏي اندرئين صفحي کان شروع ڪيل هو. فارسيءَ ۾ لکيل هو. اهو جنسي صفحي وار هتي ڏجي ٿو ۽ پوءِ انهيءَ جو سنڌي ترجمو ڏجي ٿو.

پهريون صفحو

بسم الله الرحمان الرحيم

الحمدالله رب العالمين- انجام کرد و عهد بست مير صاحب مير رستم خان ٽالپر با مير عليمراد خان ٽالپر بر اينمعني آنکه چون فيمابين مير علي مراد خان و مير نصير خان بر مقدم دنگ سندر بيلي خرخشه بوقوع آمده و زيادتي بطرف مير نصير خان بابت شده بعد آن مير علي مراد خان مبالغ لکها خرچ سپاه کرده مشعد جنگ با مير نصير خان شده آمده در حال اينجانب بنا بردفعيه فساد طرفين و بمد نظر اخراجات مبالغ نقد و جاگيرات مير مذکور که در تصرف سپاه جود داده ديهات خانوواهن واياني و بچه و دري و عرقمون رانيه و بليجه بمرضي خود و ديه دادلو و پرکنه ماتيله بمرضي خود و مير شير خان.

ٻيو صفحو

در درست مير علي مراد خان دادم که آنرا از ابتدائي فصل خريف 1253 بتصرف خود آرد و بران انجام و کيل خود دادم دستخط صاحبان انگريز هم اختاده خولهم داد وگاهي مزاهم ديهات مذکور نحوا هم شد و پسران من خواه مير نصير خان وچه برادرانش دعوا داري اين ملک نخواهند کرد و اگر کر ديد کاذب خواهند بردو آنچه ديهات ٻير لوي واري شاه ٻيله

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ٽيون صفحو

و محمدا باغ و مهلاني حق و ملڪ مير عليمراد خان در تصرف مير مبارڪ خان بود و مير علي مراد خان حالا بمعرفت صاحبان انگريز گرفته متصرف شده مير نصير خان خواه اولاد اوگاهي دعوا دار ديهات صدر بسر خود يا معرفت صاحبان انگريز هر گز نحواهد شد و اگر شد ڪاذب ست و اينجانب بمع پسران.

چوٿون صفحو

خود طرف دار مير علي مراد خان خواهم بود ڪه حق بجانب اوست و دنگ سندر بيلي موجب امانت امينان بدست مير علي مراد خان خواهم داد در اين انجاهم تفا وت نيست و نخواهند شد ڪفي باالله شهيدا.

تحرير تاريخ نهم ماه شعبان 1258

صحيح مير نصير خان ٽالپر صحيح رستم فقير ٽالپر

مهر مير علي اڪبر

سنڌي ترجمو

شروع ٿو ڪجي خدا جي نالي سان جو رحمان ۽ رحيم آهي. تعريف آهي انهيءَ خدا جي جو عالمن جو پروردگار آهي. مير صاحب مير رستم خان ٽالپر مير علي مراد خان سان انجام ڪيو ۽ عهد ٻڌو هن ڳالهه تي ته جڏهن مير علي مراد خان ۽ مير نصير خان جي وچ ۾ سندر ٻيلي جي دنگ جي ڳالهه تي تڪرار ٿي پيو ۽ زيادتي مير نصير خان جي طرف ثابت ٿي ۽ انهيءَ ڪان پوءِ مير علي مراد خان لکين رپيا لشڪر تي خرچ ڪري مير نصير خان سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. تڏهن هاڻي مون طرفين جي فساد دفع ڪرڻ لاءِ جيڪي پيسا نقد توڙي جاگيرون مير مٿئين لشڪر جي بلي خرچيا آهن, تنهنجي نظر تي ديهون خانواهڻ ۽ ابياني ۽ ٻچ ۽ دڙي ۽ غرقٽو رانيه ۽ پليجا پنهنجي مرضيءَ سان ۽ ديهه داد لوءِ ۽ پرڳٽو ماٽيلو پنهنجي مرضي ۽ مير نصير خان جي مرضيءَ سان مير علي مراد خان جي هٿ ۾ ڏنا, جي هو فصل خريف 1253 ڪان پنهنجي قبضي ۾ آڻي ۽ انهيءَ انجام تي پنهنجو وڪيل ڏنم ۽ انگريز صاحبن جا هٿ اکر به ڪرائي ڏيندس ۽ ڪڏهن به مٿين ديهن ۾ دست اندازي ڪا نه

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪندس ۽ منهنجا پٽ خواه مير نصير خان توڙي سندس پائر، انهيءَ ملڪ تي دعوي ڪا نہ رکندا ۽ جي ڪيائون تہ ڪوڙا ٿيندا ۽ ديهون ٻپرلوءِ ۽ ابري ۽ شاهہ ٻيلو ۽ محمدا باغ ۽ مهلاني، جي حق ۽ ملڪيت مير علي مراد خان جون هيون ۽ مير مبارڪ خان جي قبضي ۾ هيون ۽ جي هاڻي مير علي مراد خان انگريز صاحبن جي معرفت وٽي پنهنجي قبضي ۾ آنديون آهن، انهن تي مير نصير خان پاڻ يا سندس اولاد پنهنجي سر يا انگريز صاحبن جي معرفت ڪڏهن بہ دعوي داري نہ ڪندو تہ ڪوڙو آهي ۽ آئون پنهنجن پٽن سميت مير علي مراد خان جي پاسي ٿيندس ڇا لاءِ جو حق انهيءَ جي طرف آهي ۽ سندر ٻيلي جو دنگ امينن جي امانت موجب مير علي مراد خان جي هٿ ۾ ڏيندس. هن انجام ۾ تفاوت نہ آهي نہ ڪو ٿيندو، انهيءَ جي لاءِ خدا شاهد بس آهي. لکيل تاريخ 9 شعبان 1258.

صحيح رستم فقير ٽالپر صحيح مير نصير خان.

مهر مير علي اڪبر جي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب يارهون

مير سهراب خان جي حڪومت

ڀاڱو پهريون: مير رستم خان جي نظربند ٿيڻ تائين

انهيءَ وقت ڏاري ميجر اوٽرام سنڌ جو ريزيڊنٽ مقرر ٿيو ۽ سر چارلس نيپيئر به سنڌ ۾ آيو. ڪراچي ۾ لهي، حيدرآباد مان ٿيندو سکر ۾ آيو. وبا جي بيماري ۾ ڏڪار به انهيءَ سال سنڌ ۾ پيو. جنرل انهيءَ وقت 54 ورهين جي عمر جو هو ڪراچي جي قلعي ۾ آزمائش جي لاءِ هڪڙي جنگي هوائي ڪوليائين، جا ڦاٽي پئي ۽ ٽنگ جي ٻڪيءَ ۾ زخم ٿي پيس ڏهه ڏينهن ته بيمار پيو هو. پوءِ اٿيو پر منڊڪائيندو رهيو. جڏهن حيدرآباد ۾ ميرن جي ملاقات تي آيو تڏهن به منڊڪائيندو وتيو. ساڳي وقت ڏاري افغانستان ۾ گڙٻڙ هئي. راجا رنجيت سنگهه سان انگريز سرڪار صلح ڪيو. رشيا جي افغانستان ۾دست اندازي ڪرڻ جو ڊپ هو. انگريز سرڪار ڪي شاهه شجاع کي تخت تي ويهارڻو ٿيو ۽ انهيءَ ڪم لاءِ درياهه جي رستي لشڪر بمبئي کان ڪراچي جي رستي موڪلڻو ٿيو. انهيءَ ڪم جي سهولت لاءِ سنڌ جي ميرن سان از سرنو عهد نامو ڪرڻو پيو. پهرين پهرين اهو عهد نامو ڏار مير رستم خان سان ڪرڻو پيو. جنهن سکر بکر سرڪار کي لشڪر جي وهارڻ لاءِ ڏنا ۽ درياهه سان وڃڻ جي به اجازت ڏني ۽ ٻيڙين تي ڪو به محصول نه ونڻو ڪيو. مير رستم خان انهيءَ عهد نامي موجب اهو به انجام ڪيو ته انگلينڊ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ملڪ سان دوستي نه رکندو ۽ تڪرارن جي صورت ۾ انگريز سرڪار جي صلاح وٺندو رهندو. درياهه تي واپار جي ڪم ۾ مدد ڪندو رهندو ۽ پاڻ وٽ ريزيڊنٽ وهڻ ڏيندو ۽ افغانن جي جنگ ۾ انگريز سرڪار کي مدد ڪندو. انهن سڀني شرطن جي عيوض ۾ سرڪار هن

جي ملڪ کي اصل هٿ نه لائيندي ۽ پاڻ خود مختيار حاڪم رهندو.

اهڙو عهد نامو حيدرآباد وارن ميرن سان ڏار ڪيو ويو. جن سنڌ ۾

لشڪر رکڻ لاءِ هڪ لک ڏيڻو ڪيو. مگر اهو عهد نامو هنن لاچار ڪيو خوشيءَ مان نه ڪيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جڏهن افغانستان ۾ گڙٻڙ هئڻ ۽ انگريز سرڪار کي نقصان پهچڻ جون ڳالهيون ميرن جي ڪنن تي پيون تڏهن هنن سرڪار جي بر خلاف سازشون ڪيون. انگريز سرڪار کي اهڙيون لکپڙهون هٿ آيون جن ۾ حيدرآباد واري مير نصير خان ملتان جي سک سردار سان لکپڙهه ڪئي ۽ مير رستم خان پنجاب جي مهاراجا شير سنگهه سان. انهيءَ وقت ڏاري لارڊ آڪلنڊ وائسراءِ ويندو رهيو ۽ لارڊ ايلمبرو وائسراءِ ٿيو جو زبردست ۽ بيدار مغز هو. تنهن سر چارلس نيپئر ڏي سخت تاڪيد لکيو ته سنڌ جي ميرن تي سخت نظر رکي ۽ جيڪو سرڪار سان بيوفائيءَ يا دغا ڪري انهن کي سخت سزا ڏئي بلڪ اهڙو خط ميرن ڏي به لکي موڪليائين.

جڏهن سر چارلس نيپئر سکر ۾ آيو تڏهن وائسراءِ جي حڪم جي تعميل جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. سن 1842ع جو سيپٽمبر مهينو هو. درياهه مان ايندي آس پاس جو ملڪ ڏسي ۽ ماڻهن جو اهو حال معلوم ڪري سندس وات پاڻي ڪرڻ لڳو ۽ ارادو ڪيائين ته جنگ کان سواءِ هي ملڪ سرڪار جي هٿ هيٺ هجي ته ڏاڍو سڌري پوي ۽ ٻاهريان خوف خطرا به لهي پون. آڪٽوبر مهيني ۾ ٻهريون عذر مليس جو ڦڪارون ڦهتيس ته مير درياهه تان عهدنامي جي برخلاف ٻيڙين تان محصول ٿا وٺن. انهن بابت ميرن ڏي لکيائين. هنن جواب ڏنو ته اسين پنهنجي رعيت کان ٿا وٺون. اوهان کان ته نٿا وٺون. انهيءَ هوندي به سر چارلس لکين ته عهدنامي جي اها شڪست آهي ۽ غريبن سان ظلم ٿو ٿئي.

سگهو ئي ٻيو عذر به مليو. انگريز سرڪار کي ڪابل ۾ جا شڪست پهتي هئي، جنهن ڪري سندن لشڪر انگلينڊ صاحب هيٺ بولان دري مان نڪري موٽي آيو. تنهنکي روڪڻ ۽ انهيءَ سان وڙهڻ جي لاءِ بگٽي بلوچن جي سردار بيبرڪ کي توڙي ٻين بلوچن کي ميرن، خاص مير رستم خان، چوريو ۽ حيدرآباد واري مير نصير خان به مير پور واري مير شير محمد خان سان وڙهڻ جي بهاني تي لشڪر به گڏ ڪيو. اهو حال معلوم ڪري جنرل نيپئر وائسراءِ ڏي رپورٽ لکي ۽ ايترو نه لکيائين ته سنڌ جا ماڻهو ميرن جي ظلمن کان تنگ آهن ۽ انگريز سرڪار ڏي سندن رغبت گهڻي آهي، تنهن ڪري بهتر آهي ته ڪراچي، سکر،

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

بکر، شڪارپور ۽ سبزلڪوٽ سرڪار پنهنجي هٿ ڪري ۽ درياهہ جي ٻنهي پاسي آڳبوٽن جي ڪاٺين لاءِ جاءِ وٺجي اهڙو نئون عهد نامو ٻنهي هنڌن جي ميرن کان وٺجي.
وائسراءِ صاحب بهادر ڪاغذ موڪليا ۽ چيائين تہ پهرين پڪي ثابتي گهرجي تہ سک مهاراج ۽ ٻڙدين جي سردار سان سازش جي لکپڙهہ ڪئي آهي يا نہ. جنرل نيپئر هٿ آيلن خطن جي ثابتي هٿ ڪري مٿي اهڙي رپورٽ ڪئي.
انهيءَ وچ ۾ مير علي مراد خان اچي جنرل نيپئر سان ملاقات ڪئي جو اهو سرڪار جو خير خواهہ شمار ڪيل هو. هن جنرل کي عرض ڪيو تہ پڳ ۽ گادي مون کي ملي. جنرل ورندي ڏنيس تہ هينئر پڳ تنهنجي وڏي ڀاءُ مير رستم خان کي آهي، انهيءَ جي جيئري ڪي بہ ڪري نٿو سگهي. باقي انهيءَ کان پوءِ عهد نامي موجب موروثي دستور تي هلبو ۽ پوءِ توکي مدد ڏني ويندي. سگهوئي مير رستم خان بہ جنرل سان ملاقات ڪرڻ جو ڏينهن ٺهرايو پر انهيءَ تي نہ آيو. نومبر مهيني ۾ جنرل شڪارپور ۾ آيو. اتي جو چلتو ڏسي وري بہ وات پاٽي ڪرڻ لڳس ۽ ماڻهن کي انگريز سرڪار ڏي مائل ڏٺائين. ٿورو وقت اتي رهي وري سکر آيو تہ پڪار مليس تہ مير رستم خان بهاولپور جي هڪڙي شاهوڪار جي ٻيڙيءَ تان محصول ورتو آهي. جنرل سخت ڪاغذ لکيس ۽ چيائينس تہ ورتل محصول هڪدم انهن کي موٽائي ڏجي ۽ ٻيو تہ جيڪو نقصان انهن کي ٿيو آهي اهو پري ڏجيس نہ تہ سرڪار اوهان کي دشمن سمجهندي. مير رستم لاچار ٿي انهيءَ حڪم جي تعميل ڪئي، مگر جاسوسن جي معرفت جنرل کي خبر پئي تہ هن مخفي طرح هڪڙي دربار ڪئي جنهن ۾ اهو ٺهراءُ ٿيو تہ انگريز سرڪار جيڪي پيسا گهري سي انهيءَ کي ڏجن، بلڪ زالن جا جواهر بہ ڏئي ڇڏجن، پر هنن کي سنڌ مان ڪڍجي ۽ جي نہ نڪرن تہ زور سان ڪڍجين. ٻئي پاسي کان وري خبر آئي تہ سڀ بلوچي سردار ڊسمبر جي 7 تاريخ گڏ ٿيڻا آهن. جنرل انهن خبرن جي انتظار ۾ هو تہ نومبر جي 30 تاريخ لارڊ ايلمبرو جو حڪم آيو تہ جنرل وارين رٿلين ڳالهين بابت نائون عهد نامو ميرن سان ڪجي.
جڏهن اهو عهد نامو پيش ڪيو ويو، تڏهن ميرن اعتراض اٿاريا. جنرل کي افواهہ ٻڌڻ ۾ آيا تہ سکر ۾ مٿس ڪاهہ ٿيڻي آهي، تنهن ڪري دڙڪي جو خط مير رستم خان ڏي لکيائين تہ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جي ڪو اهڙو ڪم ٿيو تہ آئون هڪدم خيرپور تي ڪاهہ ڪري سڄو شهر ناس ڪري ڇڏيندس. تنهن تي مير رستم خان توڙي حيدرآباد وارن ميرن عهد نامي بحال رکڻ جو دلاسو ڏنو مگر جنرل ڏنو تہ جيسين ميرن جا اعتراض لارڊ ايلمبرو ڏي وڃن ۽ انهن تي ويچار ٿئي ۽ جواب اچي ۽ فيصلو ٿئي، تيسين سياري جي موسم گذري ويندي تہ پوءِ سخت گرمي ۾ ڪجهہ ڪري ڪين سگهبو. ڊسمبر جي 15 تاريخ حڪم ڪيائين تہ جن شهرن جو ذڪر عهد نامي ۾ آهي في الحال تہ وڃي والارجن. ڇهہ هزار ماڻهو وٽس سکر ۾ موجود هئا ۽ ٻہ هزار ڪراچي ۾ هئا. ميرن جو لشڪر جاسوسن جي معرفت معلوم ٿيس تہ ويهہ ٿيهہ هزار آهي، بلڪ سٺ هزار بہ پئي چيائون، جو هيڏي هوڏي پئي چريو پريو. جنرل هڪدم حڪم ڏنو تہ لشڪر درياه لنگهي روهڙي ۾ اچي، جتي منزلگاهہ ڪيائين ۽ بنگال وارو لشڪر جو ساڻس هو تنهن کي موڪليائين تہ وڃي سبزل ڪوٽ ۽ ڀنگ بارا جو قبضو وٺي. سکر ۾ ايترو لشڪر ڇڏيائين جو جيڪڏهن لاڙڪاڻي مان ميرن جو لشڪر ڪاهي اچي تہ شهر بچائي سگهن. الور وٽ جنرل جي منزل گاهہ هئي.

هوڏانهن مير رستم خان جي پٽن جي ساڻس گڙٻڙ هئي ۽ هيڏانهن انگريزي سرڪار جو ڊپ پاڻ تمام ضعيف ۽ پير مرد. فڪر ۽ انتظار جو بار سهي نہ سگهيو ارادو ڪيائين تہ پڳ ۽ گادي جي پچر ڇڏي وڃي پوئين عمر ۾ ڪي ڏينهن آرام وٺان. خود سندس پٽن ۾ بہ تڪرار هو هر ڪو پيائي تہ مون کي پڳ ۽ گادي ملي. سيني جي مرضي هئي تہ مير علي مراد خان کي نہ ملي، جنهن جو حق زياده سمجهڻ ۾ ٿي آيو. جنرل ڏي لڪ چوري پيغام موڪليائين تہ آئون تو وٽ اچي پناهہ وٺڻ ٿو گهران، متان پٽن مان ۽ ٻين مائٽن مان مون کي نقصان پهچي، جنرل جواب موڪليس تہ منهنجي منزلگاهہ جي پناه لاچاري جي وقت حاضر آهي، مگر بهتر ائين آهي تہ تون پنهنجي ڀاءُ جي پناهہ وٺين، يعني مير علي مراد جي، اگرچہ اهو پيغام ڳجهو موڪليائينس تہ بہ ظاهري طرح سندس پٽن کي ڊيجارڻ جي لاءِ سرڪاري طرح حڪم لکيائين تہ سرڪاري ٽپال پهچڻ ۾ حرڪت ٿي ٿئي، تنهن ڪري اوهين لشڪر گڏ ڪرڻ بند ڪريو ۽ ڪي بہ هٿيارن وارا ماڻهو گهمڻ نہ ڏيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جنرل جي صلاح وٺي مير رستم خان عيال اطفال سميت پنهنجي ڀاءُ مير علي مراد خان ڏي ڪوٽ ڏيجي ڏي ويو. انهيءَ ڪري مير علي مراد خان زور وٺي ويو ۽ انگريز سرڪار وٽ اڳئي برک هو. تنهن ڪري سنڌ جي انهيءَ اتر واري ڀاڱي جي خاطري ٿي. مگر مير رستم خان جا پٽ ڏپ ڪان ٽر ڏي ڀڄي ويا هئا ۽ لشڪر به حڪم موجب ڪڍي ڪين ڇڏيائون، تنهن ڪري جنرل ارادو ڪيو ته ٽر وارو قلعو امام ڳڙهه جتي هو گڏ ٿيا آهن، جيڪو سئو ميلن تي آهي، انهيءَ کي وٺي.

انهيءَ وچ ۾ مير رستم خان ڀهرين مير علي مراد خان کي سمجهايو ته انگريزن جو پاسو نه وٺي جو هو ملڪ قريو ٿا وڃن ۽ ائين ڪرڻ ڪري ڪيس پڳ ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي ۽ حيدرآباد وارن ميرن به صلاح ڏنين ته ٻار ٻچا ڪڍي ٽر ڏي موڪلين جو اتي انگريزن کي اچڻ مشڪل ٿيندو ۽ پوءِ پاڻ ملڪ جي لاءِ وڙهن. پير علي گوهر شاهه جو مير علي مراد خان وٽ برک هو سو به مير نصير خان ۽ مير محمد حسين کي ڏتاري ڪوٽ ڏيجي ۾ وٺي آيو، انهيءَ لاءِ ته مير علي مراد خان وٽ پيش پون ۽ انهيءَ جي صلاح تي هلن. ڀهرين افواهه اهي هئا ته مير علي مراد خان ائين ڪندو ۽ ٻين ميرن سان شامل ٿيندو جيئن مير رستم خان جي فسادي وزير فتح محمد غوريءَ جي رٿ هئي. آخر مير رستم خان قرآن تي پڳ مير علي مراد خان کي لکي ڏني. مير علي مراد خان خانگي طرح انهيءَ جو اطلاع جنرل نيپئر کي ڏنو جنرل جواب ۾ لکيو ته انهيءَ هوندي به منهنجي مرضي آهي ته مير رستم خان کي ملان ۽ روبرو خاطري به ڪريان ۽ هن کي به خاطري ڏيان ۽ انهيءَ لاءِ مير رستم خان ڏي لکيائين به. پر مير رستم خان کي ڏپ ٿيو ۽ شڪ پيو ته شايد هن کي قيد ڪرڻ ٿو گهري يا ن ته مير علي مراد خان جي مرضي نه هئي ته هن جي ملاقات ٿئي، تنهن ڪري مير رستم خان کي اهو ڏپ ۽ شڪ ڏنائين تنهن ڪري مير رستم خان جيئن خيرپور ڇڏي هئي، تيئن ڪوٽ ڏيجي به ڇڏي عيال اطفال سوڌو ٽر ڏي ويو.

ميرن جي نڪرڻ ڪري خيرپور ۾ اچي ڀاڄ پئي، شهر خالي ٿيو. مير علي مراد خان پنهنجو وزير شيخ علي حسين موڪليو. جنهن وڃي خيرپور جو قبضو ورتو ۽ مال خزانو جيڪو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هٽ آيو سو قابو ڪيائين ۽ ميرن جا ديرا سڀ ٽر جي رستي حيدرآباد روانا ٿيا، انهيءَ لاءِ تہ اتي حفاظت ۾ رهن.

مير محمد حسين ۽ ٻيا ڪي مير لشڪر گڏ ڪرڻ لڳا. ولي محمد چانڊيو جو پاڻٿيو جلي بہ ساڻن شامل ٿيو. علي مراد ابڙو ترائي وارو جنهن جو حڪم لاڙڪاڻي تائين ٿي هليو. سو بہ ساڻن شامل ٿيو. اٺن ڏهن هزارن ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جو امڪان هو. ارادو هو تہ انگريزن سان وڙهن ۽ پوءِ مير علي مراد سان، نہ تہ بہ ملڪ ڦري ناس ڪري ڇڏين، ڪي مير شاهہ ڳڙهہ ۾ وڃي گڏ ٿيا ۽ ڪي امام ڳڙهہ ۾.

هوڏانهن مير علي مراد خان جو وزير شيخ علي حسين، جيڪو انگريز سرڪار جي فائدي ۾ هو. تنهن وجهہ وٺي مير رستم خان جي وزير فتح محمد غوري کي ڪٺي قيد ڪيو. جو انگريز سرڪار جي برخلاف هو ۽ ميرن توڙي ٻين بلوچن کي پيو چوريندو هو.

جنرل نيپئر جنوري جي شروع ۾ روهڙي مان ڪوٽ ڏيجي آيو ۽ ٻئي ڏينهن امام ڳڙهہ ڏي روانو ٿيو. اهو تمام مضبوط قلعو شمار ۾ آيل هو. مير علي مراد خان بہ جنرل سان هو ۽ جنرل کي چيائين تہ آئون پاڻ اهو قلعو وڃي ٿو وٺان. پر جنرل چيس تہ پلي آئون وٺان تہ سيني ميرن کي خبر پوي تہ اسين ٽر کان بہ نٽا ڊڄون.

جنرل کي معلوم ٿيو تہ ميرن جو وڏو لشڪر ڊنگي ۾ آهي ۽ لارڪاڻي کان بہ پندرهن هزار ماڻهو اتي مدد لاءِ آيا آهن، انهيءَ لاءِ تہ سکر تي ڪاهہ ڪن ۽ بہ هزار ماڻهو ٽر واري قلعي امام ڳڙهہ ۽ جيسلمير جي حد واري شاهہ ڳڙهہ ۾ آهن. پندرهن سو اٺ هٽ ڪري ٻن توبن سان جنرل نيپئر ٽر ڏي امام ڳڙهہ ڏانهن روانو ٿيو. پنج سئو ماڻهو ساڻ هئس. پندرهن ڏينهن جو کاڌو ۽ چئن ڏينهن جو پاڻي کنيائون. 5 تاريخ جنوري 1843ع جي روانا ٿيا ۽ اٺن ڏينهن ۾ اتي وڃي پهتا. رستي ۾ ڏاڍيون تڪليفون ڏٺائون، ويجهو وڃي توبن سان قلعو ڀڳائون ۽ باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيائون. ميرن جو گهڻو لشڪر اڳي نڪري ويو هو باقي جيڪو هو سو بہ ڀڄي ويو. حالانڪ امام ڳڙهہ پڳ واري جي ملڪيت هئي ۽ مير علي مراد خان ساڻ هو. تنهن هوندي بہ جنرل جي خيال ۾ آيو تہ متان اهو قلعو سلامت رهي، يا وري خود مير علي مراد خان جو پوءِ خيال بدلجي يا پس پيش وري ڪم اچ، بهتر آهي تہ تنهن کان انهيءَ کي ڊاهي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

پٽ ڪري ڇڏڻ گهرجي. قلعو ڍاهي جنرل نيپئر اڳتي ڊنگيءَ ڏي هليو. پر اتي جو لشڪر بہ اڳي ئي ڀڄي ويو. تنهن ڪري جنرل وري پٺ تي موٽيو ۽ اوٽرام صاحب کي اڳي ئي خيرپور موڪليائين تہ اشتهار ڪرائي تہ 25 تاريخ جنوري جي سڀ مير پنهنجي سِر يا وڪيلن جي مرفت اچي حاضر ٿين ۽ عهد نامو پورو ڪن. رستي ۾ اوٽرام صاحب کي مير رستم خان گڏيو جو ستن ماڻهن سان پنهنجن پاڻئين جي مدد لاءِ ڊگيءَ جي پاسي تي ويو. شايد امام ڳڙهہ جي ناس ٿيڻ جي خبر ڪا نہ هيس. اوٽرام صاحب صلاح ڏنيس تہ هلي خيرپور جنرل سان گڏج. انهيءَ مهل انجام ڪيائين. پر اوٽرام صاحب جي رواني ٿيڻ تي پاڻ حيدرآباد جي پاسي ڏي رخ رکيائين.

---

[1] هجري سن 1246 ع سندس وفات جي تاريخ ابجد جي حساب سان هن طرح ٿي نڪري- طشت ازبام افتاد ۽ هن مصرع مان بہ زبام فلڪ شد فرود آفتاب ۽ هن مان محب خاص پنجتن.

[2] شاهنامي ۾ سهراب رستم پهلوان جو پٽ هو پر هتي رستم سهراب جو پٽ هو.

[3] نونهار اصل لفظ نونار آهي، يعني لوڻ ٺاهڻ جي جاءِ تي اهو نونر يا نونار خيرپور جي نزديڪي ۾ هئا.

خيرپور ۾ ٺهرايل تاريخ تي اشتهار جي پنيان ڪو بہ مير ڪو نہ آيو. تڏهن جنرل تاريخ هٽائي 25 جنوري کان پهرين فيبروريءَ جي ڪئي ۽ پوءِ وري 6 فيبروري جي ڪئي، جنهن جي اندر ميرن کي نئي عهد نامي تي صحيح ڪرڻي هئي ۽ انهيءَ ڪم لاءِ جنرل نيپئر صاحب، اوٽرام صاحب کي حيدرآباد ڏي روانو ڪيو. پنيان جنرل پاڻ بہ روانو ٿيو ۽ 30 تاريخ جنوري جي نوشهري ۾ پهتو.

نوشهري کان پوءِ جو احوال مٿي آيل آهي جو حيدرآباد جي ميرن عهد نامي تي صحيح ڪرڻ ۾ دير ڪئي ۽ 17 فيبروريءَ جي مياڻي واري جنگ ٿي، جنهن ۾ ميرن شڪست کاڌي ۽ قيد ٿي پيا. انهيءَ جو مفصل بيان ڏيڻ ضروري نہ آهي جو خيرپور سان انهيءَ جو واسطو ڪونهي. هيترو چوڻ بس آهي تہ حيدرآباد جي ميرن عهد نامي تي صحيح ڪرڻ کان اهو اعتراض ٿي آندو تہ پهرين مير رستم خان کي پنهنجو حق ملي تہ پوءِ اسين صحيح ڪريون، پر اوٽرام صاحب چيو تہ ائين ڪين ٿيندو ۽ مياڻي واري جنگ ۾ مير رستم خان ۽ سندس پيا ننڍا مير شامل هئا. انهيءَ جنگ ۾ ڇهہ هزار ماڻهو ميرن جا مئا ۽ ڦٽيا ۽ انگريزن

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جا ويهه آفيسر ۽ ادائي سئو سپاهي مارجي ويا. حيدرآباد وارن ميرن سان گڏ مير رستم خان، مير نصير خان ۽ مير ولي محمد خان خيرپور وارا بہ وجي پيش پيا ۽ نظربند ٿيا ۽ پوني ڏي موڪليا ويا. مير رستم خان پوني ۾ سن 1262هہ مطابق سن 1846ع ۾ وفات ڪئي، ۽ سندس لاش هت آندا ويا.

مير رستم خان جي طبيعت ۽ هلت چلت بابت ڪپتان پوسٽنس صاحب هيئن لکي ٿو. ”مير رستم خان ڪي اٺ پٽ آهن ۽ انهيءَ جي پاڻ ۾ ۽ ساڙس ناسازي ڪري سندس پڇاڙيءَ جا ڏينهن تمام خراب گذريا. ساري سنڌ ۾ هن جهڙو چڱي طبيعت وارو ۽ ڪم آزار ماڻهو ڪو ٿورو هوندو. هن جي شڪل تمام چڱي ۽ هن جي هلت چلت نهايت عمدي هئي، جيڪو ڏسندو هوس تنهن تي هن جو چڱو اثر ٿيندو هو. هميشہ انگريز سرڪار ڪي پنهنجي ملڪ سان واسطي رکڻ ۾ سهوليت ڏنائين. پر پيري ۽ بيماري ۽ خانگي فسادن ۽ خراب صلاحڪارن هئڻ ڪري هن پاڻ ڪي مشڪلات ۾ وڌو. مير رستم خان ڪي پنهنجي رعيت ۽ پنهنجا عزيز گهڻو پيار ڪندا هئا ۽ مان ڏيندا هئا، پر اهڙن فسادن ڪي روڪڻ لاءِ زياده چالاڪ ماڻهو درڪار هو. هڪڙو تمام ضعيف پير مرد هو بيو پنگ، آفيم ۽ ٻين نشن جي عادت هيس، تنهن ڪري هو پنهنجن فسادي درٻارين ۽ ملازمن ڪي پهچي نہ سگهندو هو. اهو ئي سبب هو جنهن ڪري سندس خاندان ۾ فساد پئجي ويا ۽ پوئين عمر ۾ تڪليف پهتس.

حقيقت هي آهي تہ مير رستم خان جو پيءُ سهراب خان بلڪل سياڻو ۽ همت ۽ جرئت وارو ماڻهو هو ۽ هن ڪي زياده ملڪ هٿ ڪرڻ جو شوق هو انهيءَ خيال سان هو پاڻ وٽ پناڻن ۽ ٻين ٻاهرين قومن جو لشڪر رکندو هو ۽ آس پاس وارن حاڪمن سان وڙهي ملڪ وڌايائين. انهيءَ پناڻن جي لشڪر ڪي زر طلب چوندا هئا، جو هنن ڪي گهڻا پيسا ڏئي پاڻ وٽ رکڻو پوندو هوس. مگر مير رستم خان پنهنجي پيءُ وانگر همت ۽ جرات پريو نہ هو ۽ نہ هنن وانگي ملڪ وڌائڻ جو شوق هوس. اهي خاصيتون پيءُ واريون سندس ڀاءُ مير علي مراد خان ۾ هيون، جو نيٺ ڪائونس گوءِ ڪڍي ويو ۽ انگريز سرڪار وٽ برڪہ ٿيو. اگرچہ سرڪار سنڌ ورتي تہ بہ هن ڪي خيرپور جو ملڪ حوالي ڪيائون ۽ انهيءَ جو رئيس ڪري مڃيائونس.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب ٻارهون

سر مير علي مراد خان جي حڪومت

ڀاڱو ڇهريون: سندس ملڪ جي ڀاڱي ڪسجڻ تائين

سن 1843ع ۾ جڏهن ڪان وٺي مير رستم خان مير علي مراد خان کي قرآن تي لکي پڳ ۽ گادي ڏني ۽ اها ڳالهه انگريز سرڪار سچي ۽ قاعدي موجب ڄاڻي بحال ۽ منظور ڪئي، تڏهن ڪان وٺي مير علي مراد خان خيرپور جو رئيس ۽ والي شمار ۾ اچڻ لڳو ۽ انگريز سرڪار کي هر طرح مدد ڏيڻ لڳو. انهيءَ وقت رياست جي ايراضي اٽڪل ساڍا پنج هزار چورس ميل هئي ۽ آدمشماري اٽڪل ٻه لک هئي ۽ صافي پيدائش جاگيرن ۽ ٻئي خرچ لٿي نَوَ يا ڏهه لک رپيا هوندي هئي. اگرچه رياست جو ڀاڱو شڪار گاهن ۽ جهنگلن هيٺ هو. سکر جي آس پاس بچائڻ ۾ ۽ سرحد سنڌ جي بلوچن کي روڪڻ ۾ هن گهڻي قدر مدد ڪئي. ولي چانڊيو جو وڏو لشڪر سان حيدرآباد وارن ميرن سان گڏجڻ لاءِ تي ويو پر جنرل نيپئر جي ترت حيدرآباد ڏي وڃڻ ڪري هو پهچي نه ٿي سگهيو. تنهن کي مير علي مراد خان نگيءَ سان ڦاسايو. پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ جي عذر تي هن سان جاءِ وقت مقرر ڪيائين، هو پنهنجن ماڻهن سان انجام موجب آيو ته مير علي مراد کٽي قيد ڪيس ۽ پوءِ جنرل وٽ آڻي پيش ڪيائين، پر جنرل هن کي ڇڏي ڏنو انهيءَ لاءِ ته هو احسانمند رهي ۽ ٻيا به انهيءَ مان سبق سکن. انهيءَ وقت ڪان وٺي ولي چانڊيو هميشه سرڪار جو خير خواه رهيو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ چئن سون ڪان مٿي سردار ۽ جاگيردار اچي پيش پيا ۽ تراريون لاهي اڳيان رکيائون، جي ڪين موٽائي ڏنيون ويون.

مير علي مراد خان خاص ولي چانڊئي سان دغا ڪئي، تنهن ڪري جنرل نيپئر کي انگريز سرڪار جي نسبت ۾ پنهنجي شڪ لاهڻ ۽ آزمودي وٺن جو خيال دل ۾ رهيو. شيخ علي حسين جو سندس وزير هو ۽ انگريز سرڪار سان نهيل هو. تنهن ڪان مير علي مراد خان رنج ٿي پيو هو ۽ انهيءَ کي ڪيڍي ڇڏيائين. سرڪار ڪوشش ڪئي ته هن کي وري وٽس ساڳيو عهدو ملي جنرل نيپئر انهيءَ جي سفارش ڪيس، پر اها ڪارگر نه ٿي. وري جڏهن

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

سخت لفظن ۾ لکيائينس تڏهن مير علي مراد خان هڪڙو نہ ٻيو عذر ڪري جنرل جو چيو مڃي هن کي وري پاڻ وٽ ساڳي جاءِ تي رکيو.

سن 1844ع ۾ سر چارلس نيپيئر سنڌ جي حڪومت جو بندوبست ڪيو. ڪراچي، حيدرآباد ۾ سڀ بلوچ سردار سڏرايائين ويهہ هزار ماڻهو اچي گڏ ٿيا. سڀني سلام ڪيو ۽ آئينده نمڪ حلال وفادار رهڻ ۽ جنگ ۾ مدد ڏيڻ جو انجام ڪيائون. سنڌ مان ڏيڍ سؤ کن سردار آيا. سڀني کي پنهنجون جاگيرون موٽي مليون ۽ سڀ خوش ٿي ويا.

سرحد وارن بلوچن مان ڪڇي جي ٽڪرن ۾ مري، جکراڻي، مزاري، بگٽي، ڊومڪي ۽ ٻيا هئا. جن جو گذر ڦر مار تي ٿيندو هو. قلات جي خان ۽ ملتان جي راجا سان هنن جو واسطو هوندو هو. انهن سڀني مان ڊومڪين جو سردار بيجا خان ڏاڍو زبردست ۽ خوفناڪ هو. انهيءَ کي ملتان جي حاڪم ۽ مير شير محمد جي چورت هئي، جو دٻي جي جنگ کان پوءِ پڇي پنجاب جي پاسي ويو هو. اهو ڊومڪي سردار انگريز سرڪار جي حد ۾ اچي ڦرمار ڪري ويندو هو. هڪڙي ڀيري تہ چاليهہ ماڻهو ماري ماڻهن جا ڳچ ڳتا ڦري هليو ويو. سندس قلعو پورولاجي ۾ هو. انگريزي ٿورو لشڪر مٿس موڪليو ويو پر اهو گهڻا سپاهي مارائي موٽي آيو. سر چارلس نيپئر ڀهرين پاڻ وڃڻ جو ارادو ڪيو پر پوءِ ولي چانڊئي کي انهيءَ کي روڪڻ جي لاءِ موڪليائين. مهيني ٻن کان پوءِ بيجا خان ڪاهي آيو ۽ ٻہ سئو ماڻهو ماري ۽ پنجاهہ ماڻهو زخمي ڪري هليو ويو. انهيءَ ڪري آس پاس ڦڙڦوٽ پئجي ويئي ۽ بيجا جو نالو مشهور ٿي ويو. ولي چانڊئي هڪڙي سردار نوبت خان نالي کي جهليو. انهيءَ جي ترار کيس انعام ۾ ڏني ويئي، ۽ نوبت خان کي ڦاسي ڏني ويئي.

سن 1845ع ۾ سر چارلس نيپئر بيجا خان سان وڙهڻ لاءِ لشڪر سنبرايو. جنهن ۾ ٻہ هزار پيادا ۽ ٻارهن سو سوار ۽ 23 توبون ۽ ٻہ هاٿي هئا. مير علي مراد خان کي ٻہ سندس لشڪر سميت ساڻ کنيائين، تہ مدد بہ ڪري ۽ سندس نظر هيٺ بہ هجي جو اجا بہ شڪ هوس تہ متان ٻيا بلوچ سرڪار جي برخلاف ٿين.

13 تاريخ جنوري جي سر چارلس سکر مان شڪارپور آيو. ولي چانڊئي جو لشڪر لاڙڪاڻي کان آيو ۽ انهيءَ سان جان جيڪب ۽ ٻيو هڪ آفيسر هو. مير علي مراد خان کي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

حڪم هو تہ پنهنجو لشڪر پوءِ پرو آڻي. جنرل شڪارپور مان خانڳڙهہ پوءِ روجهاڻ ۽ پوءِ شاهپور آيو جتي دشمن لٿل هو ۽ جنهن جو بيو لشڪر اچ ۾ لٿل هو. جنرل جي لشڪر ٽي هزار ڊور پڪڙي وڌا. سگهو ئي پوءِ پولاجي ۽ شاهپور ۽ اچ ورتائون، ۽ دشن کي پڇائي ڪڍيائون ۽ ڪيترا هزار ڊور ۽ قيدي هٿ ڪيائون. انهيءَ وچ ۾ مير علي مراد خان بہ لشڪر وٺي آيو. ٽن چئن سردارن پيش پوڻ جي آڇ ڪئي، پر جنرل جواب ۾ چيو تہ جيسين بيجا پاڻ اچي پيش نہ پوندو ۽ سرڪار جي پاسي نہ ٿيندو، تيسين جيڪي سئو ڪن قيدي آهن سي سڀ مارائي ڇڏيندس، پر بيجا وچي ترڪي جبل وٽ قابو ٿيو هو. ساڻس ٽي هزار ماڻهو هئا. اتي چوڏاري ڦري آيس لاچار ٽي مارچ مهيني ۾ بيجا خان ڊومڪي، اسلام خان بگٽي، دريا خان جکراڻي ۽ ڪي بيا قرآن مٿن تي کڻي جنرل وٽ اندر تنبوءَ ۾ لنگهي آيا. جنرل اهو شرط رکيو تہ هو درياهہ جي هن پر لڏي وڃي ويهن. انهيءَ لاءِ هو پنهنجي راڄ ۾ پڇا ڪرڻ ويا. ٻئي ڏينهن بيا موٽي آيا پر بيجا ۽ ڪي بيا پڇي ويا، پر سگهو ئي پوءِ هو گرفتار ٿي پيا. ڪي ڏينهن بيجا قيد ۾ هو. پوءِ دريا جي اپرندي پاسي ڏي هن کي رهڻ جي لاءِ زمين ڏنائون ۽ مير علي مراد خان کي مٿس نظر داري لاءِ چيائون.

مياڻي جي جنگ ۾ توڙي انهيءَ کان پوءِ سرحد جي بلوچن سان وڙهڻ ۾ مير علي مراد خان جيڪا مدد ڏني، تنهن مان سر چارلس نيپئر توڙي گورنر جنرل صاحب بهادر ڏاڍا خوش ٿيا ۽ سرڪاري طرح سندس تعريف ڪيائون ۽ انهيءَ جي عيوض ۾ کيس انعام ڏيڻ ۽ ٻي مهرباني ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهيا. مياڻي جي جنگ کان اڳيرو بہ سرڪار جي مرضي مير علي مراد خان ۽ بهاولپور جي خان ۽ جيسلمير جي راول سان دوستي قائم رکڻ لاءِ مروت ڪرڻي هئي، مير علي مراد خان کي مير رستم خان جي هلت ڪري روهڙي جي اتر وارو ملڪ جيڪو سرڪار ضبط ڪري پنهنجي هٿ ڪيو هو، تنهن جو گهڻو ڀاڱو ڏئي ڇڏيائون، جو مير صاحب جي موروثي حق کان ٻاهر هو ۽ مير رستم خان کي پڳ جي ڪري مليل هو. بهاولپور جي خان کي سبزڪوٽ ۽ ڀنگ پارا وارا پرڳڻا ڏنائون ۽ جي پڻ مير رستم خان جي ملڪ ۾ هئا، اگرچہ اصل ۾ خان جا هئا ۽ وڏن ميرن فتح ڪري ورتا هئا ۽ جيسلمير جي راول کي شاهڳڙهہ گنسيہ ۽ بيا ڪي ٽڙ وارا قلعا ڏئي ڇڏيائون.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جڏهن مير رستم خان قرآن تي دستاويز لکي مير علي مراد خان کي ملڪ ڏنو تڏهن روهڙي جي اتر وارن ضبط ڪيل پرڳڻن مان گهڻا انهيءَ دستاويز ۾ لکيل هئا. تنهن ڪري مير علي مراد خان ڏنل انعام تي راضي نہ ٿيو. سندس مرضي هئي تہ قرآن تي لکيل سارو ملڪ کيس ملي، ۽ انهيءَ لاءِ ڳجهي طرح وائسراءِ ڏي وڪيل موڪليائين. سر چارلس نيپئر کي مياڻي جي جنگ پيش هئي ۽ اهو ضبط ٿيل ملڪ ڪاردارن ٿي ڦريو ۽ انهن جي سنڀال پوري نہ هئي، تنهن ڪري مير علي مراد خان کي في الحال انهيءَ جي سنڀال جي اجازت ڏني ويئي.
مير علي مراد خان اهو ملڪ تہ هٿ ڪيو. پر پاڻ سيوهڻ وارن سرڪار جي ضلعن ۾ بہ اجازت ڪان سواءِ دست اندازي ڪرڻ لڳو ۽ فصلن جي بٽئي ڪرڻ يا ڍل اوڳاڙڻ لڳو. آخر جنگ کان ٻہ چار ورهيہ پوءِ يعني 1845ع جي مئي مهيني ۾ سر چارلس نيپئر جي سفارش تي ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ مير علي مراد خان جي وچ ۾ ملڪ جي دنگن جي صفائي وغيره لاءِ عهد نامي جو مسودو تيار ڪري موڪليو. انهيءَ ۾ مير علي مراد خان مير رستم خان جي جاءِ تي رئيس شمار ڪيو ويو ۽ انهيءَ ۾ جيڪو ملڪ مياڻيءَ جي جنگ وقت سندس هٿ ۾ هو ۽ ٻيو جيڪو مير رستم خان لکي ڏنو هوس سو سڀ داخل ڪيو ويو هو.
انهيءَ ملڪ جو تفصيل هي آهي. مير رستم خان وارو ملڪ (1) ڪوهيرا ڇورا ٽريجا (2) نوشهرو (3) ڪنڊيارو (4) لڏو گاگن (5) خيرپور جو شهر (6) روهڙي (7) رڻ يا ٽر (8) نارو (9) شاه ڳڙهہ سردار ڳڙهہ ۽ ٻيا قلعا (10) اٻاوڙو (11) خيرپور ڏهرڪي (12) امام واهہ (13) شڪارپور مان 6/28 ياڱو (14) موغلي (15) چچ ۽ مزرڪا (16) روپاه (17) ٻڙدڪا ۽ مير نصير خان وارو ملڪ (18) ميرپور (19) ماٿيلو (20) مهرڪي ۽ دادلوءِ جي ديهہ انهن مان اڳي جيڪو ملڪ سرڪار ضبط ڪيو هو سو هو (6) (10) (11) (12) (18) (19) ۽ (20) نمبر وار اهو پويون مير علي مراد خان کي سرچارلس انعام طور ڏيڻو ڪيو. ٻيا بہ ڪي رواجي شرط هئا جن جي هتي ڏيڻ جو ڪو ضرور ڪونهي.
اها سفارش گورنر جنرل صاحب بهادر وٽ وئي پر ڪن سببن ڪري انهيءَ جي منظوري اچڻ ۾ دير ٿي، مير علي مراد خان کي شڪ پيو تہ شايد سر چارلس کي اعتراض اٿاريا آهن، مگر سر چارلس هن کي خاطري ڏني تہ ائين ناهي. حقيقت ڪري انهيءَ وچ ۾ بمبئي ۽

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪي ٻين پاسي سر چارلس جي برخلاف سرڪار جي ڏيان تي ڳالهيون آيون. اوٽرام صاحب ۾ ڪي ٻيا سندس برخلاف ٿيا هئا. انهن جي خيال موجب سر چارلس زور ڪري ميرن سان جنگ ڪئي ۽ سنڌ ورتي نه ته مير عهد نامي قبول ڪرڻ لاءِ تيار هئا. فقط ٻن ٽن ڏينهن جي دير گهربي هين. جنهن ۾ هو بلوچن سان صلاح مصلحت ڪري انهن کي راضي ڪن ها ۽ ٻيو ته سر چارلس مير علي مراد خان جي بيجا خان طرفداري ٿي ڪئي ۽ هن تي زياده مهرباني ٿي ڪئي جنهن جو هو لائق نه هو. انهن ڪري سرڪار سر چارلس جي سفارش ڪيل شرطن تي زياده پڇا ڳاڇا ۽ ويچار ۾ دير پئي ڪئي. نيٺ 1850 ع ۾ لارڊ ڊلها ئوزي صاحب بهادر گورنر جنرل سنڌ ۾ آيو ۽ مير علي مراد خان سان اچي ملاقات ڪيائين. انهيءَ وقت بمبئي جو گورنر صاحب بهادر سر جارج ڪلارڪ هو ۽ پرنگل صاحب ٽن چئن ورهين کان سنڌ جو ڪمشنر هو ۽ کيس گورنر واريون اختياريون سنڌ جي لاءِ هيون.

انهيءَ وچ ۾ سرڪار کي مخفي طرح معلوم ٿيو ته مير علي مراد خان مير رستم خان واري قرآن تي لکيل نونهار واري عهد نامي ۾ جعلسازي ڪئي آهي ۽ ديهه لفظ ڪٿي انهيءَ جي بدران پرڳڻو لکيو آهي، جنهن ڪري نڳي ڪري انگريز سرڪار کان ملڪ وٺي ويو آهي. گورنر جنرل صاحب توڙي ڪمشنر صاحب انهيءَ مٿئين سال ۾ ان ڳالهه جي پنهنجي منهن تحقيقات ڪرڻ لڳا. ٻن ٽن ورهين کان اڳي اهڙي تهمت مير صاحب جي برخلاف مخفي طرح هينئين ماڻهن ڪمشنر صاحب جي ڏيان تي آندي، پهرين شيخ علي حسين، جو اڳي مير علي مراد خان جو خاص نوڪر ۽ وزير هو ۽ سرڪار جو مٿس گهڻو راز هو پر ڪنهن خيانت ۾ ڪپت ڪرڻ ڪري مير صاحب وٽان ڀڄي هليو ويو هو ته مٿان کيس سزا ڏئي ۽ هن جي ملڪيت مير صاحب ضبط ڪري ڇڏي، ٻيو منشي ذوقيرام هو جو پڻ ڪنهن ڏوهه جي ڪري انگريز سرڪار جي جيل ۾ هو. ٽيون پير علي گوهر شاهه هو جو اڳي مير علي مراد خان جي نوڪري ۾ هو ۽ جنهن الزام جي ڪري شيخ علي حسين نڪري ويو هو انهيءَ ۾ شامل هو، چوٿون هو ٽؤنرمل، جو پڻ ڪنهن ڏوهه جي ڪري جيل ۾ هو. انهن سڀني پاڻ ۾

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

سازش ڪري مير صاحب جي بر خلاف معاهدي ڏيڻ جي رٿ ڪئي انهيءَ انجام تي نہ رڳو گذريل ڏوهن جي معافي ملندن پر چڱو انعام بہ ملندن.

اها خبر شيخ علي حسين پهرين سر چارلس نيپئر کي ڏني هئي، جنهن انهيءَ بابت پڇا ڪئي ۽ سيپٽمبر 1847ع ۾ جڏهن سر چارلس ويو ۽ سندن جاءِ تي پرنگل صاحب ڪمشنر ٿي آيو تڏهن انهيءَ بابت هن کي سر چارلس ٻڌايو ۽ ڪاغذ ڏنائينس ۽ صلاح بہ ڏنائينس تہ اهو ملڪ جو وڏيڪ ڏنو ويو آهي سو موٽائي وٺڻو پوندو ۽ انهيءَ لاءِ لشڪر موجود رکجي، اگرچہ مير صاحب جي تڪرار ڪرڻ جو ڊپ ڪونهي. پرنگل صاحب مٿي گورنر صاحب کي رپورٽ ڪئي، جنهن جو ارادو هو تہ سنڌ ۾ اچي جانچ ڪري. پر ڪن ضروري سببن ڪري اچي نہ سگهيو. ٻئي سال 1848ع ۾ آڪٽوبر مهيني ۾ ڪمشنر صاحب کي حڪم آيو تہ تون پاڻ انهيءَ بابت جاچ ڪر. انهيءَ سال هن کي جاچ ڪرڻي هئي پر پنجاب ۾ گڙٻڙ هئڻ ڪري هن اهڙي جاچ انهيءَ وقت ڪرڻ مناسب نہ ڄاتي ۽ سر چارلس نيپئر، جو سنڌ مان وڃڻ کان پوءِ هندستان جو ڪمانڊر چيف ٿيو هو، تنهن جي سنڌ ۾ اچڻ جو امڪان هو، تيستائين جاچ مهمل رکي ويئي هئي، پر سر چارلس بہ نہ اچي سگهيو. تنهن ڪري ٻئي سال 1850ع ۾ جڏهن گورنر جنرل صاحب بهادر سکر ۾ آيو، تڏهن ڪمشنر صاحب اچي اُتي گڏيس ۽ پوءِ جاچ ٿي.

انهيءَ جاچ لاءِ هڪ ڪميشن مقرر ٿي، جنهن ۾ ٽي ميمبر هئا. هڪڙو پرنگل صاحب ڪمشنر جو پريزيڊنٽ هو ۽ ٻيو ميجر جيڪب سرحد وارو ۽ ٽيون ميجر لئنگ، جو ڪانياواڙ جو پوليٽيڪل ايجنٽ هو. انهن جي اڳيان ڪورٽ وانگي مقدمو هليو. جنهن ۾ پهرين فرياد جي طرف شاهدي ورتي وئي ۽ پوءِ جوابدار جو بچاءُ ۽ پوءِ سندس بچاءُ جا شاهد ورتا ويا ۽ پوءِ هنن جو فيصلو ٿيو يا راءِ ڏني ويئي، اها ڪميشن 20 اپريل سن 1850ع جي سکر ۾ ويٺي.

انهي مقدمي جي ڪارگذاريءَ جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو. پهريون شاهد جو مير علي مراد خان صاحب جي بر خلاف هو سو شيخ علي حسين هو جو شيخ امام بخش وينل انبهٽا ضلع سهار نپور جي جو پٽ هو ۽ جونيئر صاحب جو خاص نوڪر، رازدار، عام مختيار ۽

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

معتبر وزير هو. 1843ع کان وٺي 1846ع تائين انهيءَ عهدي تي هو. پوءِ وچ ۾ نڪري ويو هو پر وري سر چارلس جي سفارش سان 1848ع ۾ انهيءَ ساڳئي عهدي تي آيو. سگهوئي پوءِ مير صاحب مٿس رنج ٿيو ۽ هو نوڪري ڇڏي ڀڄي ويو. اهو پهريون شخص هو جنهن سر چارلس کي اها خبر ڏني، ڀائنجي ٿو ته انهيءَ ڪم ۾ شامل ٿيڻ يا مدد ڪرڻ ڪري يا لڪائڻ ڪري جيڪو انعام مير صاحب ڏنو هوس سو پورو نه هو ۽ وڏيڪ ٿي گهريائين جو مير نه ڏنس، تنهن ڪري هو سندس برخلاف ٿيو. هن جي شاهدي مان معلوم ٿيو ته اها جعلسازي سندس روبرو ٿي ۽ قرآن تي لکيل عهد نامي جي پهرئين صفحي ۾ ديهه جو اکر ڪرڙي ماٿيلي جي اڳيان پرڳڻو لکيو ويو ۽ پنيانس ميرپور ۽ مهرڪي جو پرڳڻو به لکيو ويو ۽ لفظ بمرضي کي ڀڄي مهرڪي ڪيو ويو. پر جڏهن اهو اکر معلوم ٿيڻ جهڙو هو تڏهن اهڙو ٻيو صفحو لکي انهيءَ جاءِ تي اٽڪايو ويو ۽ اهو ناهيل اکر وارو نڪتل صفحو وٽس موجود هو ۽ اصل عهد نامو قران ۾ پير علي گوهر جو لکيل هو ۽ شيخ علي حسين انهيءَ وقت حاضر هو ٻيو ورق به وري پير علي گوهر لکيو هو ۽ اصلوڪي عهد نامي جو نقل بروقت ڪمشنر صاحب جي سيڪريٽري برائون صاحب ڏي موڪليو ويو هو جو دفتر ۾ هو جنهن جي منشي کي پوءِ مير صاحب ڏهه هزار رپيا رشوت ڏئي اهو ڪڍائي ورتو هو ۽ اصل واري عهد نامي جو نقل صاحب جي منشي ٽوٽرمل وٽ به موجود هو. جو شيخ علي حسين بر وقت ڪري ڏنو هوس، پير علي گوهر ولد پير صبغت الله وينل پير جي ڳوٺ واري انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪئي ۽ مير علي مراد خان جو لکيل ڪاغذ به هن پيش ڪيو جنهن ۾ لکي ڏنو ن هئائينس ته جي پس پيش اها ڳالهه جي ظاهر ٿي ته ڪيس کي نقصان پري ڏيندو. منشي ٽوٽرمل ولد ٿهلرام وينل سکر جي به تصديق ڪئي. اصلوڪو قرآن به مير صاحب پيش ڪيو جنهن مان اصلوڪو ورق نڪتل ڏسڻ ۾ آيو. منشي زوقيرام، جو پڻ منشي ٽوٽر مل وانگي صاحب جي دفتر ۾ منشي هو. تنهن به اهڙي ئي ڳالهه ڪئي، مگر اهو انهيءَ وقت ڪپٽ جي ڏوهه ۾ شڪارپور جي جيل ۾ هو.

انهيءَ کان سواءِ ٻيا به ڪي خط دفتر مان نڪتا جي انهن تڪراري ديهن جي نسبت ۾ هئا. ڪي خود مير صاحب جا ۽ ٻين ميرن جا لکيل هئا ۽ ڪي آفيسرن جا. پر انهن سيني ۾

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڏيڪاريل ڏيهن جو ذڪر هو نہ پرڳڻن جو. انهيءَ مان بہ ثابت هو تہ اصل دستاويز ۾ ڏيهہ لفظ هو پوءِ پرڳڻو ٿيو آهي ۽ ميرپور ۾ مهرڪي جو نالو ئي ڪو نہ هو.

مير علي مراد خان پنهنجي بچاءُ ۾ پهرين تہ شيخ علي حسين ۽ پير علي گوهر جي دشمني ڏيکاري، جن کي سر چارلس نيپيئر جي منشي مرزا علي اڪبر جي چورت هئي ۽ جنهن کي مير صاحب ڪيترن لکن رپين جي ڪپت ڪري ڪڍي ڇڏيو هو. اهي اڳي معتبر هئا جو مهر وٽن رهندي هئي ۽ هر طرح جو ڪين اختيار هو. ٽؤنرمل جي برخلاف فقط ڏيڪاريائين تہ هو ڪپتيو ۽ قيدي آهي. عهد نامي جي نسبت ۾ چيائين تہ جيڪو موجود آهي سو برابر آهي، انهيءَ جو ڪو بہ لفظ بدليل ناهي. بچاءُ ۾ ست شاهد بہ پيش ڪيائين. هڪڙو پنهنجو چاچو مير زندگي خان، ٻيو سندس نوڪر محمد خان جلباڻي جو اڳي مير رستم خان جو نوڪر هو سليمان آبدار جو پڻ مير رستم خان جو نوڪر هو ۽ جو انهيءَ وقت نوڪري ۾ نہ هو چوٿون، مير نصير خان جو نوڪر فضل محمد خان جيڪو ان وقت سندس نوڪر هو. علي گوهر جو هڪڙو فوتي نوڪر حسين شاهہ، ڇهون شڪارپور جو قاضي محمد ۽ ستون فتح محمد ولد حاجي توشڪي، جو کهڙن جو زميندار هو جنهن جي نالي پير علي گوهر چيو تہ مون مير علي مراد خان ڏي موڪليو تہ سندس بچاءُ وارو ڪاغذ کيس لکي ڏئي، پر ان ڳالهہ کان انڪار ڪيو پهرين ٽن شاهدن جي شاهدي هئي تہ مير رستم خان ماٽيلي ۽ ميرپور ۾ مهرڪي جا پرڳڻا لکي ڏنا هئا. ٻين پير علي گوهر وٽ مهر رهڻ جي ڳالهہ ڪئي جا ڪورن ڪاغذن کي لڳائيندو هو جيڪي ٻيا خط فريادي جي طرفان پيش ٿيا هئا، تن کان بہ مير صاحب انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ اهي شيخ علي حسين جا لکيل هوندا.

مطلب تہ ڪميشن کي فرياد جي طرف جي شاهدن تي زياده اعتبار آيو ۽ بچاءُ جي شاهدن تي ڪو بہ اعتبار ڪو نہ آيو ۽ انهن کي ڪيل جعلسازي پوري طرح ثابت ٿيڻ ڏسڻ ۾ آئي.

انهيءَ مقدمي جا ڪاغذ ۽ انهيءَ تي لکپڙهہ هلندي 1851ع گذري ويو.

آخر وائسراءِ جي حڪم موجب 21 جنوري 1852ع جي ڪمشنر صاحب سربارٽل فريئر، جو انهيءَ وقت ڏاري پرنگل صاحب کان پوءِ ڪمشنر ٿي آيو هو. تنهن اشتهار جاري ڪيو. جنهن ۾ ڏيکاريو ويو تہ هندستان جي سرڪار کي وسهڻ جو سبب آهي تہ هز هائينس مير

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

علي مراد خان خيرپور وارو ڪن جعلسازي ۽ ٺڳي جي ڪمن ڪرڻ سان انگريز سرڪار جي ملڪ سنڌ جي مان ڪجهه ملڪ ڪٽي ويو آهي. انهيءَ ڪري جانچ ڪئي ويئي جنهن ڪري هز هائينس پاڻ تان اها تهمت لاهي نه سگهيو ۽ صاف طرح ثابت ٿيو ته جنهن قرآن ۾ نونهار جو عهد نامو لکيل هو تنهن مان هڪڙو ورق ڪڍي ٻيو انهيءَ جي جاءِ تي وڌائين، جنهن ڪري ڪپت ڪري انگريز سرڪار جا ڪي پرڳڻا ڪٽي ويو. اهڙي ثابت ٿيل ڏوهه تان سرڪار گذر ڪرڻ نٿي گهري ۽ حڪم ٿي ڪري ته مير علي مراد خان رئيسي جي درجي تان لاهيو وڃي ۽ جيڪو ملڪ سندس پيءُ مير سهراب خان کيس ورثي ۾ ڏنو هو فقط اهو سندس قبضي ۾ رهي ۽ ٻيو سڀ کائنس ونجي ۽ انگريز سرڪار جي شمار ۾ اچي. انهيءَ ملڪ جي ماڻهن کي حڪم ٿو ڏجي ته اڳتي اهي انگريز سرڪار جي رعيت ٿي سک ۽ آرام ۾ گذارين ته سرڪار انهن کي سندن دشمنن کان توڙي ٻئي نقصان ۽ ايذاءَ کان بچائي.

انهيءَ ملڪ جو تفصيل ٻه ڏنو ويو ته اصل مير سهراب خان جو ملڪ ويهه لک اُوڻيتاليهه هزار رپيا پيدا ڪندو هو. اهو 1828ع ۾ هن وصيت ڪرڻ سان پنهنجن ٽن پٽن کي ورهائي ڏنو ۽ سڀ چار حصا ڪيائين. هر هڪ پٽ کي هڪ حصو ڏنائين يعني مير رستم خان ۽ مير مبارڪ خان ۽ مير علي مراد خان کي، باقي چوٿون حصو مير رستم خان کي پڳ ۽ گاديءَ جو زياده ڏنو ويو. مير رستم خان جي ٻن حصن ۾ نوشهرو، ڪنڊيارو، لڏو گاگن، ٻڙديڪا، روپاه، اوباوڙو، پوري، کهڙا، سبزل ڪوٽ، بکر ۽ ڪي ٻيون جايون ۽ ساري ملڪ جو محصول. انهيءَ جي تخميني موجب پيدائش يارهن لک ۽ سترهن هزار هئي. مير مبارڪ خان جي حصي ۾ گهوٽڪي، سعيدپور، ميهري، جمسيرا، ماٿيلو ميرپور، مهرڪي، نبا خالي ۽ ڪي ٻيون جايون- پيدائش چار لک چاهتر هزار ۽ پنج سئو رپيا، ۽ مير علي مراد خان جو حصو گاگري، خم بيلا، احمد آباد يا ڏيجي جو ڪوٽ، خيرپور، نارو ۽ ڪي ٻيون جايون- پيدائش ٻه لک پنجانوي هزار ۽ پنج سئو رپيا (ڏسو نقشو ضمو (2)

انهيءَ اشتهار موجب تعميل ڪئي ويئي. سگهو ئي پوءِ شيخ علي حسين، جو مير صاحب جي برخلاف مک شاهد هو سو بمبئي ۾ اچي گذاري ويو. مرڻ کان ٿورو اڳي هن سر چارلس نيپيئر جي منشي مرزا علي اڪبر کي پاڻ وٽ گهرايو اهو ئي شخص هو جنهن پهرين مير

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

صاحب جي برخلاف رپورٽ ڪئي هئي ۽ انهيءَ جي اڳيان ۽ پوليس واري صاحب جي روبرو هن هيئيون اظهار ڏنو جنهن ۾ پنهنجو ڪوڙ قبول ڪيائين ۽ هن کي پارت ڪيائين تہ "مون وٽ خرچ تمام ٿورو آهي، منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجي ڪفن دفن جو بندوبست ڪجائين. سرڪار جيڪا پن سون رپين جي پينشن مون کي ڏيٽي ڪئي آهي سا منهنجي پٽ ۽ عيال کي ملي. مون مير صاحب سان جيڪا نمڪ حرامي ڪئي آهي، تنهن جو آئون هاڻي خدا جي اڳيان ڪهڙو جواب ڏيندس. ڪمشنر جي اڳيان مون ۽ پير علي گوهر ڪوڙي شاهدي ڏني، جو اسان جي مير صاحب سان دشمني هئي."

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب تيرهون

سر مير علي مراد خان جي حڪومت

پاڱو پيو: سندس وفات تائين

مير علي مراد خان سرڪار جي ڪيل فيصلي جي برخلاف ڪمشنر صاحب کان وٺي وائسراءِ صاحب تائين گهڻيون ئي عرضيون ڪيون، پر انهن جو ڪو به اثر ڪو نه ٿيو. آخر ارادو ڪيئين ته ولايت ۾ وڃي مڪ معظمه ۽ پارليامينٽ جي اڳيان اپيل ڪريان. جڏهن سرڪار کي انهيءَ جي خبر پئي تڏهن هن جي اوڏانهن وڃڻ تي اعتراض اٿاريائون. انهيءَ هوندي به جڏهن مير صاحب آخر هتان ولايت ويو تڏهن ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس ملڪ معظمه جي سلام ڪرڻ جي هن کي منظوري نه ڏني.

سن 1856ع ۾ سربارٽل فريئر ڪمشنر صاحب سنڌ جو ارڙهن مهينن جي موڪل تي ولايت ويو ۽ سندس جاءِ تي جنرل جيڪب، جو سرحد سنڌ جو پوليٽيڪل ايجنٽ هو سو مقرر ٿيو. انهيءَ سال جي اپريل مهيني ۾ مير صاحب به داد خواهي جي لاءِ ولايت روانو ٿيو. پنهنجي جاءِ تي پنهنجو وڏو پٽ مير شاهنواز کي مير منشي ڪشنداس سميت ملڪ هلائڻ لاءِ ڇڏي ويو هو. ٻئي سال 1857ع ۾ جڏهن هندستان ۾ مشهور فساد ٿيو. تڏهن سرڪار مير صاحب کي موٽي پنهنجي ملڪ ۾ وڃي بندوبست ڪرڻ لاءِ زور ڪيو پر مير صاحب اتي سرڪار کي پنهنجي ۽ پنهنجي رعيت جي ايمانداري ۽ وفاداري جي خاطري ڏني ۽ پنهنجي پٽ کي تاڪيد لکيائين ته سرڪار کي پيادن ۽ سوارن جي لشڪر موجود ڪري ڏيڻ ۽ فساد بند ڪرڻ ۾ مدد ڏئي. ان موجب هو پنهنجي ۽ پنجابي ۽ سنڌي ماڻهن جو لشڪر جنرل حافظ حڪومت خان هيٺ وٺي شڪارپور ۾ وڃي حاضر ٿيو ۽ سرڪار کي ڏاڍي چڱي مدد ڏنائين ۽ همت ۽ بهادري ڏيکاريائين ۽ 25 فسادي پڪڙيائين هن جي خدمتگذاري جي ڪري سرڪار ڏاڍي خوش ٿي ۽ انعام ۾ به هزار رپيا ماهيانو پينشن مقرر ڪري ڏنائونس، مگر هن توڙي سندس والد قبول نه ڪئي. انهيءَ ڪانسواءِ به پيو حڪومت جو ڪم مير شاهنواز خان برابر ڪندو رهيو. ڏيڍ ورهيه کان پوءِ جڏهن مير علي مراد خان موٽي آيو تڏهن وري اچي پنهنجي گادي تي ويٺو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جڏهن مير صاحب ولايت ڏي ٿي ويو تڏهن پاڻ سان پنهنجو پٽ مير فيض محمد خان وٺي ويو. مير فيض محمد خان بيمار هئڻ ڪري پيءُ کان ٻہ مهينا اڳي موٽي سنڌ ۾ آيو هو ۽ مسٽر ايڊورڊ ڪافي کي پنهنجو سيڪريٽري ڪري وٺي ويو ۽ حڪيم امام الدين خان بہ ساڻ ڪنيائين. اهو صاحب اصل آئرلينڊ جو ماڻهو ۽ پهرين هندستان ۾ سپاهي ٿي آيو هو پوءِ سرچارلس نيپئر هن کي ڪراچي ۾ پوسٽ ماسٽر مقرر ڪري رکيو ۽ پوءِ وڏي وچي پوسٽ ماسٽر جنرل ٿيو. مير صاحب جي گهٽن ورهين کان ساڻس سجاڻپ هئي ۽ وزير صاحب بہ هن جي سفارش ڪئي هئي. شرط اهو هو تہ مير صاحب هن کي ٽي هزار پائونڊ ڏيندو, جنهن مان هڪ هزار پائونڊ هتي ۽ باقي پوءِ ولايت ۾ قسطن سان ۽ جيڪڏهن مير صاحب فتحياب ٿيو تہ حياتي تائين هڪ هزار پائونڊ ساليانو ڏيندو رهندو ۽ ڪا جاگير بہ عطا ڪندس.

جڏهن ولايت ۾ ويا تڏهن ڪافي صاحب سيڪريٽري ٿي گهڻيون ئي درخواستون ڪيون ۽ مٿاهيان, آخر پارليامينٽ جو هڪڙو ميمبر, جو بئرسٽر يا ڪئينس ڪؤنسل بہ هو, تنهن سان معرفت پيدا ڪيائين ۽ انهيءَ سان اهو بندوبست ڪيائين هو تہ هو بورڊ آف ڊائريڪٽرس وٽ توڙي پارليامينٽ ۾ پڪارون ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ انگريز سرڪار جيڪو موروثي ملڪ ۽ پڳ وارو ملڪ کانئس کسيو آهي سو موٽي وٺي ڏئي. انهيءَ صاحب جو نالو مسٽر آئزڪ بٽ هو جو آئرلينڊ جو ماڻهو هو. شرط اهو هو تہ جي مير فتحياب ٿيو تہ هن کي پنج هزار پائونڊ ملندا ۽ جي انهيءَ ڪم لاءِ هن کي هندستان ڏي وڃڻو پيو ۽ ان جي حاڪمن کي ڪي چوڻو چوائڻو پيو تہ ٻيا پنج هزار بہ وٺندو. ٽي سؤ پائونڊ علي الحساب هن کي ڏنا ويا. هن بورڊ آف ڊائريڪٽرس ۽ ڪن ٻين وٽ آمدرفت ڪئي ۽ پارليامينٽ ۾ بہ سوال پيش ڪرايائين, ليڪن انهيءَ وقت ڏاري هندستان ۾ فساد جو ڏپ هو, تنهن ڪري پارليامينٽ انهيءَ تي بحث ڪري نہ سگهي. بٽ صاحب مير صاحب کي ٻڌايو تہ بورڊ هڪڙو خط هندستان ڏي موڪليو آهي تہ ڪيس پنهنجو حق موٽائي ڏين. اهڙو ڪاغذ مير صاحب کي ڏيکاريئين پَر مير صاحب کي خاطري نہ ٿي, تنهن ڪري شرط موجب جيڪي پيسا ڏهہ هزار گهريائينس انهيءَ لاءِ ڪيس بہ هندستان ۾ هلڻو ٿيندو سي مير

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

صاحب هن کي نہ ڏنا، فقط ٻہ هزار پائونڊ في الحال ڏنائينس، آخر مير صاحب وڏيڪ ترسڻ مناسب نہ ڄاڻي ڏنل دلاسي تي ڀروسو رکي ولايت مان روانو ٿيو ۽ پهرين پئرس ۾ پوءِ ويئنا ۾ ۽ پوءِ ٽريسٽ ۾ آيو. انهيءَ وچ ۾ بٽ صاحب کي ڪافي صاحب ۾ ٻن هزار پائونڊن جي کپت جو شڪ گذريو سو ٽريسٽ ۾ آيو. ڳالهين ڪلڻ تي مير صاحب ڪافي صاحب کي پنهنجي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ ڪپتان لئنگلي، جو اڳي مدراس ۾ انگريزي رجمنٽ جو آفيسر هو ۽ مسٽر ولسن کي پنهنجو سيڪريٽري ڪيائين. مير صاحب، بٽ صاحب کي هندستان ۾ هلڻ لاءِ چيو پر آخر نهراءُ اهو ٿيو تہ مير صاحب پنهنجي پٽ ۽ ٻين دوستن سان صلاح ڪري پوءِ لکندو تہ هو ويندو. مگر ٻہ هزار پائونڊ ڏنائينس، پوءِ هندستان ڏي روانو ٿيو.

پويان ڪافي صاحب، بٽ صاحب تي فرياد ڪئي ۽ پيسن جي دعويٰ ڪئي، انهيءَ جي جاچ لاءِ پارليامينٽ ڪميٽي مقرر ڪئي جنهن ۾ نَوَ ميمبر هئا ۽ سر جيمس گريهام پريزيڊنٽ هو. انهن سارو ڪيس هلايو. سوال اهو تہ بٽ صاحب کي پارليامينٽ جو ميمبر ٿيڻ جو حق نہ هو. مير صاحب کان پيسا وٺڻ ۽ فيصلي جو شرط ڪرڻ، آخر مارچ سن 1858ع ۾ فيصلو ٿيو تہ ڪافي صاحب ڪپت ڪئي پر نہ بٽ صاحب، جنهن هندستان ۾ هلڻ جو انجام ڪيو هو ڏهن هزارن وٺڻ سان پر پنهنجي هن وچڻ جو ضرور نہ ٿيو فقط ولايت جي ڪم لاءِ ٻہ هزار پائونڊ هڪڙا ۽ ٽي سئو پائونڊ ٻيا ورتائين ۽ لکپڙهہ ڪيائين ۽ بورڊ کي ڏنائين، پر پارليامينٽ جي نسبت ۾ بٽ صاحب کي ٻہ ڪين ڪيو ۽ انجام ڪيو هئائين.

جيڪو عرصو ڏيڊ ورهيہ کن مير صاحب ولايت ۾ رهيو تنهن ۾ تمام چڱي هلت رکيائين ۽ ماڻهن کي احسانن سان خوش ڪيائين ۽ هلڻ مهل لنڊن جي لارڊ ميئر کي هڪ سئو پائونڊ خيراتي ڪم لاءِ ڏنائين، جنهن ڪري اتان جي اخبارن ۾ سندس گهڻي تعريف ٿي. نومبر جي شروعات ۾ بمبئي پهتا. آڳبوٽ ۾ هئا تہ مير شاهنواز خان ۽ ٻين جا خط هڪڙي منشي آڻي ڏنا پوءِ ايلچي واري بنگلي ۾ وڃي لٿا اتي شهر جا گهڻا معزز ماڻهو مير صاحب جي ملاقات لاءِ آيا. خصوصاً آغا خان، جنهن مير علي مراد خان وانگي انگريز سرڪار کي سنڌ ۾ گهڻي مدد ڏني هئي ۽ ساڻس وفادار ٿي رهيو هو. مير صاحب سان حڪيم الدين

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هڪڙو معتبر ڏيهي ماڻهو هو جو سندس گهڻي ڪم ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ ايلفنسٽن صاحب بمبئي جو گورنر هو، تنهن سان ملاقات ٿي. سگهو ئي پوءِ مير علي بخش خان، جو مير علي مراد خان جو پاٽئيو هو ۽ ساڻس ٿهيل هو ۽ سندس نياڻو ٿيڻ وارو هو، سو بمبئي ۾ آيو ۽ اچي مير صاحب سان گڏيو. مير صاحب بمبئي ۾ گهڻا عمدا قيمتي عربي گهوڙا خريد ڪيا ۽ ولايت ۾ گهڻيون ئي عمديون بندوقون خريد ڪيون هئائين، جو انهن ۾ هي شين جو هو قدردان ۽ خريدار هو. گورنر صاحب مير صاحب سان چڱي طرح پيش آيو ۽ گهڻو دلاسو ڏنائينس ۽ سندس سفارش ڪمشنر صاحب سنڌ جي کي ڪيائين، تنهن ڪري مير صاحب گهڻو خوش ٿيو ۽ سرڪاري طرح سندس لاءِ هڪڙي آڳبوٽ جو به بندوبست ٿيو. تنهن ۾ پنهنجي عملي سميت چڙهي روانو ٿيو ۽ اچي ڪراچي پهتو.

ڪمشنر صاحب ڪراچي ۾ ڪين هئا، گشت تي هئا ۽ سکر ۾ منزل هين. مير شاهنواز خان ۽ ٻه ٻيا ننڍا مير ڪراچي ۾ آيا ۽ مير صاحب سان گڏيا. سؤ کن سوارن سان خيرپور مان منزلون ڪري آيا هئا. آخر 21 ڊسمبر جي آگبوٽ ۾ چڙهي پهرين سمنڊ ۾ ۽ پوءِ درياهه جي منهن حجامڙي وٽان درياهه مان هليا. جهاز جو نالو فريئر هو. 3 جنوري سن 1859ع جي سکر ۾ پهتا. جتان ٻيڙين جي رستي سامان وغيره نائچن کان خيرپور موڪليو ويو. مير صاحب ڏار سڌو خيرپور جي ويجهو اچي لٿو ۽ سندس عملو به پوءِ خيرپور ۾ آيو.

ولايت مان خير سان موٽي اچڻ ڪري خيرپور ۾ خوشيون ٿي ويون. شهر ۾ داخل ٿيڻ وقت سلامي جون توبون ڇٽيون ۽ سڀ ماڻهو اچي ڪيس گڏيا. انهيءَ وقت سندس وڪيل حافظ حڪومت خان هو. دوباغو، جتي اڳي ريزيڊنٽ جو بنگلو هوندو هو، اتي خوشيءَ ۽ مانيءَ جي مجلس ڪئي ويئي ۽ سکرن کي دعوت ڏني ويئي ۽ اتي ناچ ۽ راڳ به ٿيا ۽ بازن جي شڪار ۽ ٻين قسمن جو تماشو به ٿيو. ٻئي ڏينهن صبح جو مير صاحب ڪوچ ڪري هميشه واري گشت تي نڪتو جو اڪثر شهر ۾ نه رهندو هو. انهيءَ وقت سندس مختيارڪار مراد خان هو ۽ هو تسنگ ۽ ڪشنداس سندس مير منشي هئا. ڇئن ڏينهن کان پوءِ سکر ۾ ڪمشنر صاحب سان ملاقات ٿي، جنهن ۾ مير صاحب پنهنجي ملڪ جي سڌاري لاءِ هن سان گهڻيون ئي صلاحون ۽ مشوره ڪيا. جيئن ته تعليم جي لاءِ اسڪول کولڻ ۽

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪتابن ۾ ماسترن جي لاءِ ميجر گولڊ سمنڊ صاحب کان مدد وٺڻ، بمبئي جي ميڊيڪل ڪاليج مان ڪو ڊاڪٽر گهرائڻ ۾ انگريزي دوائن جو بندوبست ڪرڻ، يورپين ۾ ڏيهي ماڻهن ۾ مسافرن لاءِ بنگلا ۾ مسافر خانا ٺهرائڻ، مصر، بمبئي ۾ يورپ مان چڱا چڱا وڻ ۽ ٻج گهرائڻ، مدراس مان نير جي ڪارخاني لاءِ ماڻهو گهرائڻ، اهي سڀ بندوبست نيٺ آهستي آهستي ٿيڻ لڳا ۽ ملڪ سڌري ويو ۽ مير صاحب انگريزي تعليم پکيڙڻ جو اهڙو شائق هو جو پنهنجن منشين جي اولاد سان منشي مولراج بي، اي کي پنهنجي خرچ تي ولايت موڪليائين، تعليم وٺڻ لاءِ ۽ هو بئرسٽر ٿي آيو جو پوءِ انگريز سرڪار جي نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو ۽ اڄا تائين نوڪري ۾ آهي.

ولايت مان موٽي اچڻ کان پوءِ سرڪار وري به مير صاحب کي سندس ولي عهد مير شاهنواز خان جي حسن خدمتيءَ جي ڪري ٻارهن هزار رپيا درماهي پينشن جي آڇ ڪئي پر مير صاحب وري به قبول نه ڪئي ۽ انهيءَ جي بدران زياده ملڪ جو ٽڪر گهريائين جا ڳالهه انگريز سرڪار قبول نه ڪئي. انهيءَ کان پوءِ به وقت به وقت وائسراءِ يا گورنر صاحبن جي ملاقات وقت ساڳيو عرض اشارتا يا ٻي طرح ڪندو رهيو، مثلاً جڏهن وائسراءِ لارڊ ڊفرن صاحب سان روهڙيءَ ۾ سندس ملاقات ٿي، تڏهن مير صاحب کي نقرس جي بيماري هئي، يعني پيرن جي سنڌن ۾ سور هو. لارڊ ڊفرن صاحب پارسي تمام چڱي ڳالهائيندو هو جو اڳي روم ۾ ايران جي طرف سفير ٿي رهي آيو هو. مير صاحب سئين ٿي نه بيهڻ ڪري انهيءَ بيماريءَ جو عذر ڪيو تڏهن لارڊ صاحب پارسي ۾ چيس ته بمبئي ۾ پهچڻ شرط اوهان جي پير جي علاج جو بندوبست ڪندس. مير صاحب ورنديءَ ۾ چيس ته آئون صاحب جو شڪر گذار آهيان مگر مون کي پير جي سور جو علاج نٿو گهرجي. پيٽ جي سور جو علاج ٿو گهرجي، يعني وڏيڪ ملڪ ڪشادي گذران لاءِ، انهيءَ طرح وقت بروقت موقعي ملڻ تي شڪايت به ڪندو رهيو ۽ عرض احوال به ڪندو رهيو، ساڳئي وقت ۾ سرڪار جي مدد لاءِ هر طرح ڪوشش ڪندو به رهيو ۽ جيڪي وڏا صاحب ايندا هئا، توڙي ڪمشنر صاحبن جي خدمت چاڪري به ڪندو رهيو، جنهن ڪري هو منجهانئس گهڻو خوش ٿيندا هئا ۽ ٿورو ٿورو ڪري سندس عزت افزائي ڪندا رهيا، اگرچه ڪسيل ملڪ وري نه ڏنائونس.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

سال 1865ع ۾ جڏهن مانسفيلڊ صاحب سنڌ جو پنجون ڪمشنر هو تڏهن مير علي مراد خان جي سلامي واريون 15 توبون، جي وچ ۾ بند ڪيون ويون هيون، سي وري بحال ٿيون.
سال 1875ع ۾ جڏهن پرنس آف ويلس صاحب هندستان آيو هو، تڏهن مير صاحب مختصر عملي سان بمبئي ڏي سندس ملاقات جي لاءِ ويو جيئن ٻيا راڄائون ۽ نواب آيا هئا.
1876ع جي پڇاڙي ڌاري درياهه جي اٿل ڪري خيرپور جو شهر ٻڏڻ تي هو. گهٽي خرچ سان شهر جي چوڌاري بند ٻڌايو ويو. مير صاحب جو پٽ مير جان محمد خان خاص انهيءَ بند جي حفاظت لاءِ مقرر هو. مگر درياهه ۾ برسات جي زور ڪري اوچتو رات جي وقت ڪوڪرن وٽان بند ڀڄي پيو ۽ شهر ۾ پاڻي ڪاهي پيو. زلزلو مچي ويو. ماڻهن ڪي پنهنجا سر بچائي ڪيڻ محال هو. وڃين ڀاڳي ڪانسواءِ ٻيو شهر سڄو ٻڏي ويو ۽ جايون ڪري پيون. پوءِ وري مير صاحب جي مهرباني سان شهر آباد ٿي ويو. انهيءَ وقت مير صاحب جي حڪم موجب مون پارسي شعر ۾ ڪي تاريخون لکيون هيون جي هيٺ ڏجن ٿيون.

دوش، شنيدم خبر دردناک خيرپورست اندر غم مبتلا
غرق بدريا شده ديهات و شهر، خلق براز خوف برون شديپا
مال غريبان همگي دزد برد باز بهر سو در جور و جفا
اين خبر آرام دلم رابرد محو بتاريخ نموده مرا
فڪر همي ڪردم ازان غم ڪہ دل نعره زد و گفت غم ڪربلا

(ايضا) امسال از حڪم قضا درريا فراوان امده تڪثير جريان يڪطرف تڪرير باران يڪطرف شد خيرپور عرق اندران ديده خرابي بيڪران نقص اميران يڪطرف رنج فقيران يڪطرف بيرون شد نداز خام ها، بانالہ و افسانہ ها فرياد و افغان يڪطرف، اسباب و سامان يڪطرف دزدان بغارت تاختين آن و اين پردا ختند مال غريبان يڪطرف حال پريشان يڪطرف تاريخ مي جستم ڪہ دل ناگہ ببانگ نرم گفت اوبار طوفان يڪطرف پيڪار دزدان بڪطرف (ايضا) هي هي غريبان (ايضا) ملڪ شہ خيرپور ز آب پراز باک شد – ماده تاريخ آن آب غضبناڪ شد.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

1877ع ۾ جڏهن سر وليم ميريويدر صاحب سنڌ جو ڪمشنر هو تڏهن دهلي ۾ جيڪا نوابن ۽ راجائن ۽ اميرن جي دربار ٿي هئي، تنهن ۾ مير صاحب جو وڃڻ ٿيو. اتي سونهري جهنڊو ۽ ٻيو سامان سرڪار ڪيس عطا ڪيو ۽ اتي سندس ٻين راجائن ۽ نوابن سان معرفت ٿي ۽ دوستي جو رستو جاري ٿيو. انهن مير صاحب کي پنهنجي ملڪ ۾ اچي شڪار ڪرڻ جون دعوتون ڏنيون. مير صاحب فقط ڪپورٿلا جي راجا وٽ وڃي شڪار ڪيو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پٽيالي جي مهاراجا جي شادي ۽ تاج پوشيءَ جي دعوت تي پنهنجو وزير منشي اتم چند وڏي اتالي سان موڪليائين.

1882ع ۾ هڪڙي ڏينهن مير صاحب پکين جو شڪار ٿي ڪيو. گهڻو لشڪر پکين جي پنيان هو تہ هڪڙو حر وجهہ وٺي، مير صاحب جوو اُٺَ تي سوار هو تنهن تي تپاچي جا ٻہ فائر ڪيا پر نہ لڳا، تنهن سان مير صاحب کي زخمي ڪري وڌائين. مير صاحب جي نوڪرن انهن کي اتي ماري وڌو. پنهنجن ماڻهن کي مير صاحب پاڻ حڪم ڏنو تہ جيئرو مونکي منزل تي وٺي هلن. منزل تي پهچڻ کان پوءِ ٻہ مير صاحب ٻہ مهينا کن بيمار پيو هو. سکر جو ڊاڪٽر پيڪاڪ علاج ڪندو هو. گولي اندر گهڙي ويئي جا وٺي ڪڍڻي پئي. نيٺ جڏهن مير صاحب شفاياب ٿي خيرپور ۾ آيو تڏهن ڏاڍيون خوشيون ۽ خيراتيون ٿيون. چوڻ ۾ اچي ٿو انهيءَ حر کي پير علي گوهر شاهہ ۽ شيخ علي حسين جي دوستن جي چورت هئي، جو اهي مير صاحب سان ناراض ۽ ناساز هئا ۽ حر انهيءَ ڪنگريءَ واري پير جا مريد هئا.

1887ع ۾ لارڊ رئي گورنر صاحب بمبئي جو شڪارپور ۾ گهوڙن جي ميلي تي تشريف فرما ٿيو هو. مير صاحب ٻہ اتي ويو هو ۽ ملاقات ڪيائين. اهو پهريون ئي دفعو هو جو تندرستي کان پوءِ اهڙي جلسي ۾ ويو هو. وري 1889ع ۾ لارڊ رئي سان گڏجي سکر جي لئنسڊائون برج يا پل کولڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا هئا.

سن 1891ع ۾ جڏهن جيمس صاحب بهادر سنڌ جو ڪمشنر هو تڏهن مير صاحب کي جي سي آءِ (يعني نائيٽ گرائونڊ ڪراس آف دي انڊين امپائر) جو خطاب مليو ۽ انهيءَ سان گڏ ٻہ هزار رپيا لوازمو ٻہ عطا ٿيو جو مير صاحب قبول نہ ڪيو. انهيءَ لاءِ بمبئي جو گورنر

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

صاحب بهادر لارڊ هئرس ڪراچي آيو ۽ پوءِ شڪارپور ۾ آيو جتي دربار ٿي. مير صاحب بہ اتي آيو. شڪارپور جو ڪليڪٽر ۽ خيرپور جو پوليٽيڪل ايجنٽ ڪرنل ميهو هو تڏهن دستوري جبو مير صاحب کي ڏڪايو ويو ۽ 19 توبون سلاميءَ جون ڇوڙيون ويون. انهيءَ ڏينهن ۽ انهيءَ رات شهر ۾ ڏاڍي خوشي ظاهر ڪئي وئي هئي ۽ آتشبازي ۽ چراغبندي ڪئي ويئي هئي.

سن 1893ع ۾ جيمس صاحب بهادر سکر ۾ خيرپور جي خاندان مان جيڪي ننڍا وڏا مير صاحب هئا ۽ ڪي رياست ۾ ڪي انگريز سرڪار جي حد ۾ رهندا هئا تن سڀني کي سڏائي روبرو احوال وٺي يادداشتون تيار ڪرائي مٿي سرڪار ۾ سفارش ڪيائين، جنهن موجب انهن جي قرض جي جاچ ۽ ادائي جو بہ بندوبست ٿيو ۽ انهن جي گذران لاءِ جيڪي حڪمرانن جي قطار ۾ هئا، تن کي پشت بہ پشت جاگيرون ڏياريائين، ڪن کي فقط حياتي تائين ڏياريائين ۽ ڪن کي پينشنون ڏيارئين ۽ ڪن کي آبادي جون زمينون ڏئي زميندار ڪيائين ۽ جيڪي ننڍا هئا تن کي مدرسۃ الاسلام ڪراچي ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريائين ۽ انهيءَ مدرسي ۾ مير صاحب والي رياست جي ڪان پيسن جي گهڻي مدد ورتائين، جنهن مان انهن ننڍن ميرن جي رهائش ۽ کارائڻ پيارڻ واري جاءِ جو بندبست ڪيائين ۽ انهيءَ تي مير صاحب جو نالو رکيائون، ۽ انهيءَ کان سواءِ سنڌ جي غريب مسلمان ٻارن لاءِ ڪيترين ئي اسڪالرشپون مير صاحب جي نالي سان مقرر ڪيائون، ۽ انهن جي ڏيڻ بابت قانون ٺهرايائون جي اجا تائين هلندا اچن، ۽ جن مان گهڻن غريب مسلمانن کي فائدو پهتو آهي ۽ پيو پهچي.

سن 1311هہ مطابق سن 1894ع ۾ مير علي مراد خان وفات ڪئي. جنوري مهيني ۾ دڙي جي منزل تي سخت بيمار ٿيو. سڀ امير امراءُ ڪمشنر صاحب ۽ ڪليڪٽر صاحب ۽ ٻيا ماڻهو اتي آيا ۽ تنبن ۾ لهي پيا. ڊاڪٽر ۽ طبيب اچي گڏ ٿيا مگر ڪو بہ علاج نہ هليو. هزارين رپيا خير خيرات ۽ صدقي ۾ خرچ ڪيا ويا ۽ بہ لک رپيا مدينہ منوره ۽ ڪربلا معليٰ ۽ نجف اشرف ڏي ۽ ٻين خيراتي ڪمن جي لاءِ نذر ڪري رکيا ويا. آخر 2 تاريخ اپريل جي يعني 25 رمضان مهيني جي 81 ورهين جي عمر ۾ 65 ورهين جي حڪومت ڪان پوءِ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

وسڻڻ جي منزل تي هن جهان مان لاڏاڻو ڪيائين. سندس وفات جو سال گدا شاعر جي چيل تاريخ جي هيٺين شعر مان ٺونڪري:

سلا نقش گدا بروي، ببهشت

گفت هاتف بهشت يافت مکان

۽ حياتيءَ ۾ سندس سجع جا مهرتي هوندي هئي سا هي هئي. علي مراد مرا دادو بخت ياري ڪرد. اگرچہ صحيح ۾ پاڻ علي مراد فقير لکندو هو. پوءِ سندس لاش ڪربلا ڏي نيڻ جي لاءِ وڏي تجمل سان ڪٽي ڪراچي ۾ آيا ۽ اتان اگبوٽ ۾ چاڙهي روانو ڪيائون ۽ اتي خاص جاءِ هٿ ڪري دفن ڪيائون.

پهريائين مير صاحب مرحوم جو جنازو خيرپور مان سکر آنڊائون. اتي اسپتال ۾ سول سرجن جي صلاح ۽ مشوره سان ضروري دوائون ۽ خوشبوئن سان خاص صندوق ۾ بند ڪيائون ۽ اسپيشل گاڏي تي چاڙهي ڪراچي روانو ڪيائون ۽ مير محمد مراد خان، مير امام بخش خان، مير علي مدد خان، مير گل حسن خان ۽ ڪيترا ٻيا معزز ماڻهو اٽڪل هڪ سؤ جنازي جي صندوق ساڻ ٿيا. ٻئي ڏينهن تاريخ 13 اپريل 1894ع مطابق 27 رمضان 1311هہ جي صبح جو ڪراچي جي صدر اسٽيشن تي گاڏي پهتي. ڪمشنر صاحب بهادر سر جيمس ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر لوڪس صاحب ۽ ڪمانڊنگ آفيسر صاحب ۽ ڪيترائي ٻيا يورپي آفيسر، هندو ۽ مسلمان معزز ماڻهو ماتم جي پوشاڪ ۾ حاضر هئا. فوج ، توپخانو ۽ باجو وغيره بہ حاضر هئا، پهرين مير محمد مراد خان سان دستوري معذرت ڪري، جنازي جي صندوق تي ڪيمخواب ۽ گل وجهي چئن گهوڙن وارن ڪاري گاڏيءَ تي رکيائون ۽ سلامي جون 19 توپون ڇوڙيون ويون ۽ لشڪر بہ بندوقن سان سلامي ڏني ۽ ماتم جو باجو وڄڻ لڳو. جنازي جي پٺيان درجي وار گاڏيون قطار ٻڌي هلڻ لڳيون، سرڪار گزٽ ڪارن ڪنارن سان انهيءَ تاريخ خاص طرح ڪڍيو ويو جنهن ۾ مير صاحب مرحوم جي وفات جي خبر ڇاپي ويئي ۽ سرڪار جي طرفان افسوس ظاهر ڪيو ويو. جيڪي ماڻهو آيا هئا تن کي دستور موجب عمدو طعام کارايو ويو. ٽي ڏينهن جنازو اتي رهيو ۽ انهيءَ وچ ۾ حافظ جنازي تي ڪلام الله پي پڙهيو ۽ غريبن ۽ مسڪينن کي خيرات پي ملي. اهي ٽيئي ڏينهن

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪمشنر صاحب بهادر اچي جنازي تي تازا گل وجهي ويندو هو. تاريخ 6 اپريل رمضان جي عيد هئي. عيد جي نماز پڙهڻ کان پوءِ جنازي جي صندوق ڪڍائي ڪياماڙي تي آيا، رستي ۾ جنازي جي مٿان وقت بہ وقت رپيا گهوريندا اڇلائيندا آيا. هڪڙو خاص اگبوٽ جو بہ هزار رپيا ڏيئي ڪرائي تي ڪيو ويو هو تنهن ۾ صندوق رکيائون. جيڪي مير صاحب خيرپور مان جنازي سان آيا هئا سي بہ لاش سان ڪربلا روانا ٿيا. هز هائينس حاجي نور محمد خان بہ اگبوٽ تائين آيو هو. ڪربلا ۾ جنازي جي دفن ڪرڻ لاءِ خاص حجرو هٽ ڪيو ويو هو. جيڪي ماڻهو جنازي سان ڪربلا ويا هئا سي جون مهيني ۾ موٽي آيا.

مٿي جن خيرات وارن ٻن لکن جو ذڪر ڪيو ويو تن مان پنجاهہ هزار ڪربلا معليٰ ڏي خيرات لاءِ موڪليا ويا. باقي ڏيڍ لک رپيا مير فيض محمد خان والي رياست ۽ جيمس صاحب ڪمشنر جي صلاح سان سنڌ ۾ خيراتي ڪمن ۾ خرچ ڪيا ويا. جيئن تہ مسجدون وغيره جي مرمت لاءِ مدرسة الاسلام ۾ شاگردن جي مدد لاءِ ۽ مدرسہ ۾ شيعن شاگردن جي لاءِ مسجد جوڙائي ويئي ۽ اسڪالرشپن ۽ ٻين خير جي ڪمن ۾ لڳايا ويا.

مرحوم مير علي مراد خان کي ڏاڏي پوٽي واري پهرئين ديري مان يعني مري بلوچ خاندان جي اهليہ مان بہ پٽ هئا، هڪڙو مير شاهنواز خان، جو سندس ولايت وڃڻ وقت سندس جاءِ تي حڪومت ڪندو هو جنهن جو مٿي ذڪر آيو آهي، ٻيو مير فيض محمد خان، اڳئي گهر مان ٿي نياڻيون بہ هيس، اجا بہ وڏو پٽ مير سهراب خان نالي هئس جو ننڍي هوندي مري ويو هو. ٻئي ديري مان بہ پٽ هئس، هڪڙو مير جان محمد خان ۽ ٻيو مير خان محمد خان، ٽئي گهر مان هڪڙو پٽ مير غلام مهدي خان هوس. چوٿون ديرو جو بهاولپور جي نواب صبح صادق جي خاندان مان هو، تنهن مان اولاد ڪو نہ هئس.

مير شاهنواز خان 43 ورهين جي عمر ۾ آڪٽوبر سن 1874ع ۾ وفات ڪئي ۽ کيس مير محمد مراد خان پٽ هو. مير فيض محمد خان انهيءَ کان پوءِ ولي عهد ٿي رياست جو والي ٿيو ۽ انهيءَ جو بيان هيٺ ڪيو ويندو. مير خان محمد خان 35 ورهين جي عمر ۾ مارچ سن 1888ع ۾ وفات ڪئي ۽ لاولد هو. مير جان محمد خان ساڳئي سن 1880ع ۾ وفات ڪئي ۽ انهيءَ جو پٽ مير غلام حسين هو ۽ مير غلام مهدي خان 27 ورهين جي عمر ۾ وفات

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪئي. انهيءَ طرح مير علي مراد خان جي ٻين سڀني پٽن سندس حياتي ۾ وفات ڪئي. سواءِ مير فيض محمد خان جي جو ڪانئس پوءِ گادي تي ويٺو.

مير علي مراد خان مرحوم جي طبيعت ۽ هلت چلت بابت ساڳئي صاحب ڪپتان پوسٽنس، جنهن مير رستم خان بابت مٿي لکيو، تنهن مير صاحب مرحوم بابت به هيئن لکيو آهي.

”مير علي مراد خان خيرپور جي مير صاحبن مان تمام مشهور ماڻهو آهي. هو نهايت گهڻي طبع، تجويز، تميز ۽ سمجهه وارو آهي. عالي دماغ ۽ مستقل مزاج ۽ پڪي ارادي ۽ خودمختيار طبيعت وارو ماڻهو آهي. شڪل ۾ تمام سهڻو آهي. اگرچہ سانورو آهي جو سندس ناناڻا مري بلوچ آهن. هو اهڙو خوش خلق ۽ خوش طبع ۽ مروت وارو آهي جو جيڪو ڏسندس سو پسند ڪندس. جوانيءَ ۾ شرابخوري جي عادت ۽ زالن جي صحبت گهڻي هوندي هيس. اگرچہ پوءِ انهن کي گهڻو روڪيائين، جنهن ڪري سندس تندرستي کي نقصان ڪو نہ رسيو. اهڙو بهادر ۽ همت وارو ۽ سالم طبع هلندو آيو جو ملڪ جي مشڪل مسئلن کي حل ڪندو ۽ ملڪ هلائڻ جي ڪم ۾ هن کي ٻاهرين دست اندازي پسند نہ هئي، تنهن ڪري ٻين بلوچن کان، بلڪ حيدرآباد وارن ميرن کان بہ پاڻ کي شروع کان وٺي ڌار رکيائين. پنهنجا ڪامورا خانگي خدمتگار اڪثر ٻاهر جا رکندو هو. لشڪر بہ اڪثر هندستاني ۽ پنجابي، پٺاڻ ۽ بهاولپوري رکندو هو. شڪ ناهي تہ شروع ۾ هن جو ارادو هو تہ حيدرآباد توڙي خيرپور وارن ميرن کان ڌار ٿي ساري سنڌ جي حڪومت پنهنجي هٿ رکي. پر انگريز سرڪار جي اچڻ کان پوءِ انهيءَ سان واسطو رکيائين ۽ انهن جو طرف ورتائين.

مير صاحب تمام وڏي دل وارو ۽ سخي مرد، ڏاهو مهمان نواز ۽ مسافر پرور هو.سندس سخا ۽ بخشش سنڌ ۾ مشهور آهي. هو ڏاڍو خبردار ۽ تيز فهم ۽ قابل شخص هو. عربي، پارسي، سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۾ ڏاڍو هوشيار هو. مسلماني مذهب مان چڱي طرح واقف هو بلڪ هندو مذهب مان بہ واقف هو ۽ وٽس ايران، هندستان ۽ ٻين هنڌن جا عالم فاضل گهڻا ايندا هئا ۽ انعام اڪرام پائيندا هئا. شيعي مذهب رکڻ ڪري ساداتن کي گهڻو مان ڏيندو هو ۽ انهن

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪي گهڻو ڏيندو وڻندو هو. راڳ ۽ ڳائڻ جو گهڻو شوق هوندو هوس، هندستاني ۽ پنجابي گويا، ڪٿڪ ۽ سنڌي راڳ ڳائڻ وارا هميشہ ساڻس رهندا هئا. اهو هڪڙو پهاڪو ٿي ويو هو تہ جنهن گوئي مير علي مراد خان وٽ نہ ڳايو هوندو سو گوئيو سڏجڻ جو لائق ناهي، مير صاحب کي راڳ جي چڱي ڄاڻ هوندي هئي ۽ شڪار جو شوق انهيءَ حد هئس جو هميشہ جهنگ ۾ لانڍين منجھہ گذاريندو هو ۽ هر قسم جو شڪار ڪندو هو ۽ بندوق چڱي طرح هڻڻ ۽ نشان چٽڻ ۾ ولايت تائين مشهور هو. هو فقيرن ۽ درويشن ڏي گهڻو صدق ۽ اعتقاد رکندو هو ۽ انهن کان هميشہ دعا گهرندو هو. هيٺيون پارسي غزل سندس چيل آهي:

آه دل از فراق تو دامان من گرفت
پروانہ پيش شمع راه انجمن گرفت
پروانہء فراق تو تنها نہ سوخت دل
بس جان درين شرر گہ پروانہ تن گرفت
در محفلي ڪہ شخص غمت ميزبان بود
مهمان چگو نہ روي ازان انجمن گرفت
در دور حسن روي تو اسلام ڪفر گشت
داد از برهمني ڪہ صنم از ثمن گرفت.
قاتار زلف پر شڪست چين رخ گرفت
مرغ دل از خطاره ملڪ ختن گرفت
درهيچ دين شنيد کہ ازيک نگہ گناهہ
برمن گذشت ورو زمن بوالخرن گرفت
رفتم بکوي دوست دهم شرح اشتياق
شوقش بگشت آتش و دامان من گرفت
جز هجر او نصيب نگشتم علي مراد
آن هم زمان عمر بن يغما زمن گرفت
۽ هي بيت بہ مير صاحب جو آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

از خصام نبود هيچ دلم را مطلب
غرض آنست ڪہ آهو صفتان رم نڪنند

سچل فقير درازن وارو مير صاحب جي وقت ۾ هو ۽ انهيءَ ڏي مير صاحب جو گهڻو اعتقاد هو. سچل فقير جو پارسي ديوان، ديوان آشڪار مير صاحب، خوشخط ڇاپائي پڌرو ڪيو جو اڃا موجود آهي.

مير صاحب جي وڏي پٽ مير شاهنواز خان جي نسبت ۾ ڪپتان لئنگلي هئين لکي ٿو تہ ”جڏهن مير شاهنواز خان ننڍو هو تڏهن سر چارلس نيپئر چوندو هو تہ هن جي شڪل نپولين بونا پارٽ جهڙي آهي ۽ هو ڪارو نپولين آهي. هو خوبصورت ۽ تيز فهم ۽ جرئت وارو آهي. هو ٿوري گهڻي انگريزي لکي پڙهي سگهي ٿو. زياده تعليم جي لاءِ هن جي گهڻي خواهش آهي ۽ انهيءَ ڪم لاءِ انگلينڊ ڏي وڃڻ گهري ٿو. جڏهن فساد وقت هن شڪار پور ۾ مدد ڪئي تڏهن هن ڏاڍي همت ۽ بهادري ڏيکاري، جنهن ڪري ڪمشنر صاحب مٿي سرڪار ۾ سندس گهڻي تعريف ڪئي.“ [1]

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب چوڏهون

مير سهراب خان، مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان جي حڪومت ۾ ملڪي انتظام ۽ ماڻهن جي حالت وغيره جو بيان

مير سهراب خان توڙي مير رستم خان جي حڪومت ٿوري وقت جي هئي ۽ اڳوڻي قسم جي هئي ۽ راڄداري نموني جي هئي. مير علي مراد خان جي حڪومت گهڻي تائين هلي، جنهن عرصي ۾ هن گهڻا سڌارا ڪيا. اگرچه نمونو اڳوڻو ڍول جو هو انهيءَ حڪومت جي طرز ۽ ملڪ جي ٻي حالت جو هيٺ مختصر بيان ڏجي ٿو. انهيءَ لاءِ انهيءَ کان پوءِ جڏهن انگريز رياست جي لاءِ وزير مقرر ڪري ڏنا، تڏهن جيڪو سڌارو ٿيو ۽ ملڪ جي جيڪا حالت ٿي تنهن سان مقابلو ڪري سگهجي.

زمين جي ڍل ۾ڏڻ ۽ اوڳاڙڻ جو بندوبست اڳوڻي نموني جو هو. يعني بٽائي ڪرڻ سان. اهو رستو زميندارن ۽ آبادگارن کي زياده پسند هو جو هنن کي سهولت وارو هو. سرڪاري حصو جو ڪاردار وٺندو هو سو زمين جي لياقت آهر پيدائش جو چوٿون حصو يا پنجون حصو هو. مقاطيدار وري پنهنجو حصو وٺندو هو. ليڪن اهو غريب هارين کي ڏاڍو ستائيندو هو. هيٺين فصلن تي اڪثر بٽائي جي بدران پيسا وٺڻ ۾ ايندا هئا. اَن جي هميشه بٽائي ٿيندي هئي ۽ نير جي به. ڪپهه ۽ ڪمند ۽ تماڪ ۽ ٻاجهين ۽ ميون جي لاءِ نقد پيسا وٺڻ ۾ ايندا هئا. ڪپهه جي لاءِ في بيگا يا جريب تي ڏيڍ رپئي کان اڍائي رپين تائين وٺبا هئا. ڪمند جي لاءِ چئن رپين کان ساڍن ڇهن رپين تائين تماڪ جي لاءِ هڪ رپئي کان سوا چئن رپين تائين. بعضي ڪاسگي جي رستي به ڍل وٺبي هئي، يعني بيٺل پوک جو تخمينو ڪري في جريب تي انهيءَ تان بٽائي جو حصو وٺبو هو. انهيءَ ڪم لاءِ

[①] مون کي مرحوم مير علي مراد جي ملاقات جو شرف حاصل هو ۽ ٻه ٽي ڀيرا سرڪاري ڪم سان سندس ملڪ ۾ وڃڻ ٿيو جڏهن آئون روهڙيءَ جو مختيارڪار هوس. گشت ۾ سندس منزل تي وڃڻ ٿيو هو ۽ پاڻ ملاقات جي وقت تمام گهڻي مهرباني ڪندو هو ۽ سندس حڪم موجب منهنجي آسائش جو نهايت چڱو بندوبست ٿيو هو. اگرچه سخت گرمي جي ڏينهن ۾ وڃڻ ٿيو هو. ملاقات وقت جيڪا ساڻس صحبت ٿي اها لذت جهڙي هئي ۽ وسرڻ جي نه آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هوشيار ۽ آزمودگار ڪامورا رکيل هئا ۽ انهن کي چڱو پگهار ملندو هو. ڪاسگي بٽائي موجب مقرر ٿيندي هئي. سرڪار جي طرفان تقاوي ڏيڻ ۾ ايندي هئي. بعضي جنسي ٻج ڏيڻ ۾ ايندو هو. تقاوي جا پيسا

واڍين کان ورتا هئا. جي سؤ تي ساڍا ٽي يا چار رپيا درماهو وياج وٺندا هئا ۽ جي جنس ڏبي هئي ته خرار جي بدران ڏيڍ خرار ورتو هو. مختيارڪارن ۽ ڪاردارن کان پوءِ مک عملدار ارباب ۽ مکي ۽ ڪوتوار هوندا هئا. ارباب وڏيرا هئا جي موروثي نيڪ مرد هئا ۽ انهن کي فصل لهڻ وقت ڪي ملندو هو. مکي هندن جي پنچات جو وڏو هو. ڪوتار به موروثي هئا، جن کي پيدائش مان ڪجهه ان ملندو هو انهن کي ديهن جي حدن يا دنگن وغيره جي زياده خبر پوندي هئي.

پهرين خيرپور ۾ ڪورا رپيا ڪم ايندا هئا ۽ پوءِ ڪلدار ڪمپني جا رپيا ڪم ايندا هئا، جي ڪورن کان آنو به وڌيڪ هوندا هئا. زمين جي آبادي لاءِ اڳي وڏو واهه ميرواهه هو. پوءِ مير علي مراد خان ابل واهه ۽ سنيو واهه کڻايا. وڏن وڏن شهرن ۾ هندن ۽ مسلمانن جو تعداد قريب هڪ جيترو هوندو هو. خود خيرپور شهر ۾ به مسلمان اڪثر سنڌي، سيد، پٺاڻ، بلوچ ۽ شيدي هوندا هئا. شيدي ۽ حبشي غلام مسقط ۽ ٻين عربستان جي بندرن مان سنڌ ۾ ايندا هئا. پوءِ غلامن جو اچڻ بند ٿيو. سنڌين ۽ سنڌياڻين سان انهن جي شادي ڪرڻ سان گڏا پيدا ٿيندا هئا. ٻولي سنڌي ڳالهائبي هئي، جا لاڙ ۽ وچولي ٻولي کان البته ٻي طرح جي هوندي هئي ۽ اجا به آهي. مير صاحب اڪثر سرائڪي ڳالهائيندا هئا، جا ٻولي ڪلهوڙن جي هئي، جن جا ٽالپر مريد هئا ۽ جي سڀ سري کان آيا ۽ انهيءَ ڪري پاڻ سرائي ۽ سنڌن ٻولي سرائيڪي سڏبي هئي. اها پنجابي ٻوليءَ کي گهڻو ويجهو آهي.

مڪتب يا مدرسه ۾ آخوند ۽ ملا تعليم ڏيندا هئا ۽ اڪثر قرآن ۽ پارسي پڙهائيندا هئا. بلوچ اڪثر ڪين پڙهندا هئا. گهڻا مير به اڻ پڙهيل هوندا هئا. واپار جو ڪم هندن جي ذمي هو جن مان گهڻا شاهوڪار هوندا هئا. سرڪاري لکپڙهه سڀ پارسي ۾ هلندي هئي.

انصاف جو ڪم مير صاحب پاڻ هلائيندو هو. ضروري مقدما پاڻ

مير صاحب هلائيندو هو. ٻيا مقدما فيني صاحب هلائيندو هو جو مير صاحب جي عدالت جي مٿان هو ۽ سنڌي ۽ هندستاني ۾ هوشيار هوندو هو. ديواني ۽ فوجداري مقدما ساڳيا عملدار

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هلائيندا هئا. ڪاردار ٻنهي قسمن جا معاملا هلائيندا هئا ۽ زمين جي ڍل وصول ڪرڻ جو ٻه ڪم ڪندا هئا. موت جي سزا فقط مير صاحب پاڻ ڏيندو هو. مک سزا ڏنڊ ۽ قيد جي هوندي هئي. چور کان چورايل مال جي ٻيڻي يا ٽيڻي ملهه جيترو ڏنڊ ونبو هو ۽ پوءِ مختيارڪار يا ڪوتوال انهيءَ کي ڇڏي ڏيندو هو. جي ڏنڊ نه ڏيندو هو ته زنجير وجهي قيد رکندا هئس. چورايل شيءَ جو مالڪ انهيءَ جي ملهه جي چوٿين پتي ڏيندو هو. اهو ۽ جيڪي چور کان ونبو هو سو سرڪاري يعني مير صاحب جو ٿيو. مير صاحبن جي حڪومت ۾ گهڻا جاگيردار پنهنجي جاگير ۾ چورن کي وهڻ ڏيندا هئا ۽ انهيءَ مان موچاري چڱي پيدائش ڪڍندا هئا. چوٿائي يا چونگي جو محصول اوڳاڙڻ ۾ ايندو هو. ڏوهارين کي سچي ڪرائڻ لاءِ ڏاڍي مارڪٽ ۽ ظلم زبردستي ڪرڻ ۾ ايندي هئي، جيئن ته لوهه تپائي ڏنبڻ، رسن سان هٿ پير ابتا ٻڌڻ ۽ انهن تي پاڻي وجهڻ، ٽنگن کان ابتو ٽنگڻ وغيره. مير صاحب جو وڏو پٽ ۽ ولي عهد مير فيض محمد خان خاص عدالت جي ڪم تي مقرر هو. فوجداري ۽ ديواني مقدما هلائيندو هو.

پوليس جو بندوبستڪوتوال جي هٿ هيٺ هوندو هو ۽ انهيءَ کي ويهه چوڪيدار ۽ ٻه منشي مليل هئا، پگهار ٿورو هوندو هون. ليڪن اُنَ ملندو هون ۽ گاهه ٻه، هر هڪ دڪان تان هڪ پيسو ماهيانو پڳي يا پيروادو چورن هٿ ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏيندا هئا ۽ اهي ڏاڍا هوشيار هوندا هئا. هڪ دفعي ڏنل پير مهينن کان پوءِ ٻه سڃاڻي سگهندا هئا. جي ٻي ڪا ثابتي ڪا نه ملندي هئي ته باهه ۽ پاڻي جو امتحان ونندا هئا. شڪي ماڻهو کي کوهه ۾ وجهندا هئا ۽ هو مٿو پاڻي ۾ وجهي بيهندو هو ۽ ساڳئي وقت ۾ هڪڙو ماڻهو ڪمان مان تير هڻندو هو ۽ ٻيو وڃي ڊوڙي ڪٽي ايندو هو ۽ تيستائين هو ماڻهو پٽيءَ ۾ رهي سگهيو ته ڄاڻبو هو ته هو بيگناهه آهي ۽ جي اڳي مٿو مٿي ڪيائين ته ڏوهاري ڄاڻبو هو. وري باهه جي آزمائش لاءِ ست هٿ ڊگهي کڏ ۾ باهه ٻاري ٽانڊا ڪري شڪي ماڻهو جي ٽنگن کي ساون ڪيوڙن جا پن ٻڌي انهن تان لنگهائيندا هئس. جي ايذاءُ کان سواءِ لنگهي ويو ته بيگناهه، نه ته گنهگار. لوهه جي لٺ باهه ۾ ڳاڙهي ٿيل ٻه آزمائش لاءِ ڪٽائيندا هئا. غير شرعي ڪم ڪرڻ جي سزا ڏاڙهي مٿو ڪوڙائي گڏهه تي پنيرو ويهاري شهر ۾ گهمائڻ ۾ ايندو هو. زالن جي ڪري خون ٿيندا هئا ته تڏهن زال توڙي مڙس ٻنهي کي گڏ ڏسي ماري سگهندا هئا. پر جي ڪو ڏوهاري ڀڄي ويندو هو يا خون بها ڏئي جند ڇڏائيندو هو يا ڪو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

سڱ ڏئي. اها بلوچڪي رسم نہ فقط مسلمانن ۾ هوندي هئي، پر هندن ۾ بہ. هندن مان بہ جيڪي عامل هوندا هئا، سي بہ ميرن وانگر سنڌون، پهراڻ ۽ ٽوپيون وغيره پائيندا هئا. پر واڻيا ۽ شاهوڪار ڌوتيون ٻڌندا هئا. بعضي بعضي ٿوري عذر تي هندن کي مسلمان ڪندا هئا، جيئن تہ رسي چوڻ سان جو انهيءَ مان رسول جو لفظ سمجهي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري ويچارا هندو منشي سرڪاري لکپڙهن ۾ بہ رسول آباد شهر کي وزير آباد ڪري لکندا هئا.

تمام گهڻا هندو مير صاحب جي نوڪري ۾ هوندا هئا، بلڪہ انهن کي وڏا وڏا عهدا هوندا هئا، پڇاڙيءَ ۾ مير صاحب جو وزير هندو هوندو هو جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو. انهيءَ کان اڳ منشي ڪشنداس، مير منشي هوندو ۽ انهيءَ جو پياءُ بشنداس ۽ انهيءَ جا پٽ ۽ پاٽئيا بہ نوڪريءَ ۾ هوندا هئا.

مير رستم خان جي وقت کان وٺي خيرپور ۾ تمام عمدا ڪاريگر ۽ هنر وارا ماڻهو هوندا هئا. سونارا، لوهار، هٿيارن ۽ زرهن جوڙڻ وارا ۽ زينن جوڙڻ وارا وغيره سڀ اتي موجود هئا. انهن جي ڪمن تي لک خرچبا هئا، پر مير علي مراد خان جي ڏينهن ۾ اهو خرچ گهٽو گهٽ ٿي ويو، تنهن ڪري ڪاريگر لڏي ٻين ملڪن ڏي هليا ويا. ميرن جي حڪومت ۾ عمدا هٿيار، خاص تراريون ايران ۽ ترڪستان کان ايندڙيون هيون. بعضي هڪڙي ترار جو ملهہ اڌ لک رپيا بہ هوندو هو خود سنڌ ۾ تمام عمديون تراريون ٺهنديون هيون ۽ بندوقون بہ سنڌي قسم جون پسند ايندڙيون هيون ۽ ٺهنديون بہ هيون، مگر مير علي مراد خان هميشہ انگريزي بندوقون پسند ڪندو هو ۽ هميشہ ولايت کان گهرائيندو هو.

مهينا ۽ سال هجري ڪم ايندا هئا ۽ آبادي جي ڪم لاءِ فصلي سال ڪم ايندو هو. هندو ماڻهو سنبت ڪم آڻيندا هئا. وقت پهرن ۽ گهڙين سان شمار ٿيندو هو. سرڪاري وقت ڏيکارڻ لاءِ گهڙيال گهڙي گهڙيءَ تي وڄائيندا هئا. چئن چئن پهرن يا 32 گهڙين پوري ٿيڻ تي ڏچر وڄائيندا هئا. پرهہ ڦٽي مهل توب ڇٽندي هئي ۽ سج لٿي کان پوءِ ٽي گهڙي مهل ڪوتواليءَ ۾ نوبت وڄندي هئي، چار پيرا اهي نغارا وڄندا هئا، چوٿين دفعي وڄڻ کان پوءِ توب لڳندي هئي. انهيءَ کان پوءِ جي ڪو ماڻهو ٻاهر گهمندو ڏسڻ ۾ ايندو هو تہ چور يا خرابي ڪندڙ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جاٽي روڪيو ويندو هو ۽ چوڪيدار انهن کي پڪڙي ويهاريندا هئا.

ڏيجي جو ڪوٽ، جو خيرپور کان اٺ ڪوهه پري آهي، انهيءَ ۾ توبون رکيل هيون، اڳي انهيءَ ۾ ڪنهن بہ يوروپي آفيسر کي وڃڻ نہ ڏيندا هئا. انهيءَ جي در وٽ هڪڙو باغ هوندو هو جنهن جو نالو دروازو باغ هوندو هو. انهيءَ ۾ ملاقات ٿيندي هئي. ڪوٽ ۾ مير سهراب خان جون جوڙايل عظيم توبون، گولا ۽ بارود وغيره رکيل هئا. هڪڙي توب جو نالو صفن صفا ملڪ ميدان ۽ ٻي جو مريم، اهي تمام پري پنڌ تائين گولا اڇلائينديون هيون، سندن منهن ايڏو وڏو هو جو انهن ۾ ماڻهو ويهي سگهي. بلڪ جيستائين مير علي مراد خان حيات هو تيستائين مير صاحب پنهنجي ملڪ مان آگ گاڏي کي بہ لنگهڻ نہ ٿي ڏنو ۽ نہ ڪنهن ٻئي قسم جو داخل ڪرڻ تي ڏنائين. گاڏي يا سرڪاري وزير وغيره جو جيڪو بندوبست ٿيو اهو مير صاحب جي وفات کان پوءِ ٿيو. انهيءَ ڪوٽ ۾ خيرپور اچڻ کان اڳي مير علي مراد خان پنهنجو هندستاني ۽ پنجابي ۽ پٺاڻ ۽ ٻين ٻاهرين ماڻهن جو گهڻو لشڪر رکندو هو جنهن تي گهڻو پيسو خرچ ڪندو هو. ايتري قدر جو بعضي انهن کي پگهار وقت تي نہ ملندو هو تہ هو فساد ڪندا هئا، بلڪ اهڙي هڪڙي فساد مهل هڪڙي انگريز آفيسر کي خيرپور ۾ اچي بندوبست ڪرڻو ۽ ضامن پوڻو ٿيو. اهو فساد سن 1882ع ۾ ٿيو جيڪي بدمعاش ڏوهاري جنم قيد وارا ڪوٽ ۾ هئا سي هڪڙي جمعي جي ڏينهن وجهہ وٺي اندران در بند ڪري پنهنجون بيڙيون ڀڃي توبون هڻڻ لڳا ۽ ميرن جي جاين کي نقصان پهچايائون ۽ گهڻا ماڻهو مئا ۽ ڦٽيا. آخر مير صاحب گهيرو ڪرائي ڪوٽ ورتو. ڪلڪٽر سنڪليئر صاحب ننگر مان جيڪب جو رسالو وٺي آيو جنهن دست اندازي ڪرڻ ڪري مير صاحب گهڻو رنج ٿيو ۽ مٿي پڪاريائين بہ. مير صاحب اڪثر شڪار لاءِ ٻاهر رهندو هو ۽ سندس نوڪرن جو لشڪر گهوڙن سميت بہ ساڻس رهندو هو سندس مختيارڪار بہ مير جڏهن ڪوٽ ۾ ايندو هو تڏهن اڪثر هيئن ڪندو هو جو صبح جو سوير شڪار تي ويندو هو. نائين ڏهين بجي موٽي اچي ناشتو ڪائيندو هو. پوءِ لانڍي ۾ ڪچهري ڪندو هو. عريضيون ملنديون هيون تہ اهي پڙهي عرضدارن کي چوندو هو تہ اوهان جو جاچ بعد بندوبست ڪبو. پوءِ جيڪا ٽپال هوندي هئي، تنهن جو نيڪال ٿيندو هو. پوءِ راڳ، ڳائڻ ۽ وڄائڻ وارا ايندا هئا. پوءِ آرام ڪندو هو ۽ ماڻهو بہ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

وچي آرام ڪندا هئا. جڏهن وري ٻيهرن ڪان پوءِ اٿندو هو. تڏهن وهنجي سهنجي بندوق سان نشان چٽيندو هو يا ڪتن ۽ بازن جو شڪار ڏسندو هو. اهو سندس هر روز جو ڪم هوندو هو.

ٽپال جو بندوبست هي هوندو هو تہ جيڪي خط ٻاهر ويندا هوندا هئا، سي هڪڙي پيتي ۾ پوندا هئا، جا ڪوتواليءَ ۾ رکيل هوندي هئي، ۽ چوڪيدار انهيءَ تي نظر ڪندو هو. پوءِ ڪوتواليءَ جو منشي اچي شام جي وقت سڀ خط ڪيڏي گڏ ڪري رسيءَ سان ٻڌي، ڪڙهہ ۾ نيندو هو. جتي ڏاڪ واري مقاطعدار جا گهوڙا هوندا هئا. سج لٿي جو ڏاڪ وارو روهڙيءَ ۾وچي سرڪاري پوسٽ آفيس ۾ وجهندو هو. هڪڙي ڀيري سرڪاري ٽپال کاتي جو يورپي آفيسر خيرپور ۾ آيو هو ۽ گهڻي خواهش ڪيائين تہ ٽپال جي بندوبست ۾ سڌارو ڪجي، پر مير صاحب انهيءَ کي بہ دست اندازي ڪرڻ نہ ڏني، باقي ملڪ جي اندر قاصد ٽپال کڻي ويندا هئا.

مير صاحب کي شڪار جو شوق گهڻو هوندو هو. تنهن ڪري گهڻيون آباد زمينون بہ ٻيلا ۽ مهاڙيون ٿي ويون. شڪار گاهن تي هزارين رپيا خرچ ٿيندا هئا، انهن جي سنڀال لاءِ ۽ شڪار جي بدوبست لاءِ وڏو عملا هوندو هو رکيل هئا ۽ سخت بندش جا قانون هئا. انهيءَ لاءِ وڏا وڏا ڳوٺ ڦٽائي ڇڏيا هئائين. جيڪڏهن ڪو ٻيو ماڻهو شڪارگاهن ۾ شڪار ڪندو هو تہ ان کي سخت سزا ملندي هئي. اهڙن وقتن تي عزيزي خويشي ۽ ٻي مروت وسري ويندي هئي. شڪار رڳو ڏينهن جو نہ ٿيندو هو پر رات جو ڪڏهن ۾ بہ ٿيندو هو. شڪارگاهہ مان سوئر ۽ ٻيا جانور پاسي وارن ڳوٺن ۾ وچي پوکون زيان ڪندا هئا تہ انهن کي مارڻ ۽ تاهڻ جو ڪنهن کي حڪم نہ هوندو هو. شڪارين جو ڪم گهڻن وڏن ڪامورن ڪان انهيءَ نسبت ۾ زياده هوندو هو. ڪڏهن انهن شڪارن ۾ مير صاحب سان گڏ عالي سرڪاريون يا سندس گشت تي هلڻ وارا ديرا بہ شامل ٿيندا هئا. شڪار ۾ تي ڏينهن هڪ هنڌ منزل مشڪل ٿيندي هئي. بعضي تہ صبح جو هڪ هنڌ ۽ شام جو ٻئي هنڌ منزل ٿيندي هئي. شهرن ۾ رهڻ ڪان، خاص خيرپور ۾ رهڻ ڪان مير صاحب کي نفرت ايندي هئي. شايد انهيءَ سبب ڪري جو انهيءَ شهر ۾هن نندي هوندي پنهنجي والد جي وفات ڪان پوءِ گهڻيون تڪليفون سٺيون هيون. اهي پنهنجون عادتون ولايت ۾ بہ وٺيو آيو ۽ لنڊن جي ٻن تماشن ۽ وڏن ماڻهن جي ملاقاتن جو بہ خيال نہ رهندو هوس.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

شڪارگاهن جي مير صاحب کي ايتري ڳڻتي رهندي هئي، جو سن 1939ع واري عهد نامي ۾ اهڙو هڪڙو شرط وڌو ويو هو ته انهن ۾ ڪنهن به قسم جي دست اندازي نه ٿيندي، هڪڙي ٻيري سرڪاري آفيسرن ڏي ائين به لکيائين ته شڪارگاهون اسان کي اهڙيون پياريون آهن جهڙا اسان جا آل ۽ عيال. مير فتح علي خان ته چار پنج لک رپيا سال ۾ شڪار جي پٺيان خرچندو هو. پر گهڻو ڪري سڀني ميرن کي اهو شڪار جو شوق نه پر مرض هوندو هو.

انهيءَ وقت ڏاري جيڪي مير صاحب سنڌ ۾ هئا، تن جي نسبت ۾ هيءُ چوڻي عام هئي، جنهن مان سندن طبيعت ۽ مشغولي جي خبر ٿي پوي. "مير نصير خان رنگ ۾ (يعني عيش عشرت ۾) مير سهراب خان جنگ ۾ (يعني ملڪ هٿ ڪرڻ ۽ وڌائڻ ۾). مير رستم خان پينگ ۾ (يعني نشه خوري ۾) مير علي مراد خان جهنگ ۾ (يعني شڪار ۾).

ولايت مان موٽڻ کان پوءِ مير صاحب وٽ سندس مختيارڪار يا خزانچي هوت سنگ برک هوندو هو. انهيءَ ڪري ننڍا مير توڙي ٻيا وڏا ماڻهو مٿس حسد ڪندا هئا. پيسن جي ڏيتي ليتي سڀ انهيءَ جي معرفت ٿيندي هئي. گهربل پيسا هميشه اهو موجود ڪري ڏيندو هو. مير صاحب جو انهيءَ تي ۽ مير منشي ۽ ڪشنداس ۽ سندس ڀاءُ وشنداس تي گهڻو ويساهه هوندو هو. حڪيم امام الدين، جو پهرين مير صاحب وٽ وڏو مان لهندو هو ۽ ساڻس گڏ ولايت ۾ به هو، تنهن کي هوت سنگ ۽ سيد جعفر علي شاهه چوري ڪڍايو بلڪ قيد ۾ وجهرايو. انهيءَ سيد کي مير صاحب گهڻو مان ڏيندو هو.

مير صاحب پاڻ توڙ ٻيا مير صاحب، جهڙا خيرپور وارا تهڙا حيدرآباد وارا مذهب جا شيعا هوندا هئا، مگر سندن ڪن خدمتگارن کانسواءِ ٻيا ماڻهو سڀ سني هوندا هئا. محرم ۾ تعزيا، تابوت ۽ سيجون وغيره ڪڍندا هئا ۽ نغارا وجرائيندا هئا ۽ عاشورن ۾ ڪارا ڪپڙا ڪندا هئا ۽ نذر نياز ڪندا هئا. انهيءَ ڪري خيرپور جا عاشورا سنڌ ۾ مشهور هوندا هئا ۽ انهيءَ کان پوءِ سيوهڻ جا، سيد جعفر علي شاهه ۽ امام علي شاهه ڪربلائي کي تمام گهڻي تعظيم ڏيندا هئا ۽ ٻيا سيد به انهيءَ ۾ شامل ٿيندا هئا، انهن کي خاص بخششون ملنديون هيون. انهن سيدن کي ساري رياست جي پيدائش مان چاليهون حصو ملندو هو، جنهن مان محرم جو خرچ تمام گهڻو ڪندا هئا. سيد امام علي شاهه کانپوءِ سندس به پٽ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

علي رضا شاهہ ۽ علي حسين شاهہ کي ساڳيو پيءُ وارو مان ۽ انعام اڪرام ملندو هو. سيد مهر دريا شاهہ هر سال عاشورن ۾ ايندو هو ۽ ماتم ڪندو ۽ ڪرائيندو هو ۽ وڏا انعام اڪرام پائيندو هو. مير صاحبن جي پيروي ڪري هندو ماڻهو بہ ماتم ڪرڻ ۽ نذر نياز ڪرڻ ۽ ٻئي اعتقاد رکڻ ۾ شامل ٿيندا هئا. عاشورن جي ڏينهن ۾ خود مير صاحب شڪار بند ڪري ڏيجي جي ڪوٽ ۾ اچي رهندو هو ۽ ماتم ڪندو هو ۽ انهيءَ سبب ڪري مير صاحب جي وفات کان پوءِ سندس وصيت موجب سندس لاش ڪربلا ڏي موڪليو ويو ۽ اتي خاص حجري ۾ دفن ڪيو ويو ۽ گهڻو خرچ نذر نياز ۽ خيرات تي ڪيو ويو. جيئن مٿي ذڪرڪيو ويو تہ مير علي مراد خان جو مرشد يوسف فقير ڪوڪر هوندو هو. جو اڳڙن جي ويجهو رهندو هو. اهو يوسف فقير درازن واري سچل فقير جو مريد ۽ خليفو هو. انهيءَ ڪري مير صاحب درازن واري درگاهہ کي گهڻي داد دهش ڪندو هو.

مير علي مراد خان مرحوم جي حڪومت جي شروع ۾ توڙي پڇاڙيءَ ۾ انگريز سرڪار وٽ ڪيتري عزت هئي سا مٿين لکڻي مان معلوم ٿيندي. هتي زياده ايترو لکڻ مناسب آهي تہ سرڪاري اعليٰ آفيسر جيئن تہ گورنر صاحب بهادر وغيره سان ملاقات ڪرڻ وقت جيڪا رسم ادا ٿيندي هئي سا بيان ڪجي، جو انهيءَ مان بہ زياده تعظيم معلوم ٿيندي ۽ اها گهڻو ڪري اڄا تائين اهڙن وقتن تي هلندي اچي ٿي.

جڏهن مير صاحب انگريز سرڪار جي حد ۾ ايندو هو تڏهن پهرين بہ يوروپين آفيسر اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪليڪٽر جي در جي وارا ڪمشنر صاحب جي مير منشي سميت مير صاحب جي استقبال لاءِ ويندا هئا ۽ گهڻي عزت سان کيس وٺي سندس نهرايل تنبو يا بنگلي ۾ آڻيندا هئا. پوءِ جڏهن نهرايل وقت تي مير صاحب گورنر صاحب وغيره جي بنگلي يا تنبوءَ ۾ ملاقات لاءِ ايندو هو، تڏهن انهيءَ صاحب جو سيڪريٽري ضلعي جو ڪليڪٽر صاحب ٻاهر اچي مير صاحب کي هٿ ڏئي اندر وٺي ويندا هئا ۽ اندر صاحب پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي ڪيترا قدم ڪڍي اچي ملندو هوس ۽ هٿ ۾ هٿ ڏئي اندر وٺي وڃي پنهنجي سڄي پاسي خاص ڪيمخواب جي پوش واري ڪرسيءَ تي ويهاريندو هو. انهيءَ وقت نهرايل تعداد توبن جو ڇوڙيندا هئا، جتي توبون نہ هونديون هيون، اتي بم گولا ڇوڙيندا هئا. ڪلاڪ ڪن جي صحبت

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪان پوءِ مير منشي گلاب پاڻي، عطر ڏيڻ ۽ پان سوپاري يا چاءِ وغيره جي رسم پوري ڪندو هو. پوءِ جيڪي تحفا مير صاحب جي طرفان آندا ويا هوندا سي پيش ٿيندا هئا، جيئن ته ڪي قيمتي هٿيار، ڪيمخواب، لنگيون وغيره. پوءِ رخصت وٺي مير صاحب نڪردو هو ۽ ساڳي طرح موٽندو هو ۽ ساڳي طرح توبون ڇٽنديون هيون. جيڪڏهن رات رهڻ جو اتفاق ٿيندو هو ته سرڪار جي طرفان مير صاحب ۽ سندس صاحبزادن ۽ عملي جي لاءِ مهمانيءَ جو بندوبست ٿيندو هو، جو اڪثر مير منشي ڪندو هو.

ٻئي ڏينهن وري باز ديد ملاقات ٿيندي هئي ۽ گورنر صاحب بهادر وغيره مير صاحب جي بنگلي يا تنبوءَ تي ايندو هو. ٻه صاحبزادا ڪن خاص اميرن سان گڏ يا سندس وزيرن سان گڏ صاحب جي استقبال لاءِ ٻاهر ويندا هئا ۽ صاحب کي وٺي اندر ايندا هئا ۽ اچڻ وڃڻ وقت توبن جي سلامي ٿيندي هئي ۽ تحفا ڏيڻ ۾ ايندا هئا. جيئن ته تراريون، بندوقون ۽ پستول، وغيره، مير صاحب جي طرفان پڪل طعام، مٺايون ۽ ميوا موجود ڪيا هئا، جي مير صاحب ۽ صاحبزادا، صاحب سان گڏ کائيندا هئا ۽ رات جي وقت آتشبازي ۽ چراغ بندي ٿيندي هئي. ڏينهن جو هر قسم جو شڪار جانورن ۽ پکين جو ٿيندو هو جنهن ڪري مهمان صاحب گهڻو خوش ٿيندا هئا. صاحب جي عملي وارن مسلمانن کي رڌل طعام ملندو هو ۽ هندن کي ڪچو سيڌو ملندو هو.

معلوم هجي ته مرحوم مير علي مراد خان جي حڪومت جي عرصي ۾ ڪمشنر صاحب بهادر جو منشي مرحوم خدا داد خان هو، جو هميشه اهڙين ملاقاتن وقت ڪم ايندو هو. اهو صاحب ترين افغاني خاندان جو هو ۽ سکر جو رهاڪو ۽ پارسي ۾ قابل هو ۽ ڪي ڪتاب به لکيا اٿس ۽ 1853ع کان وٺي ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ رهيو ۽ تمام گهڻن ڪمشنرن صاحبن سان گذاريائين جي سڀ مانُ ڏيندا هئس. پوءِ مختيارڪاري جي درجي تي اچي به اتي ڪم ڪيائين، سندس حسن خدمتي جي ڪري خان بهادري جو لقب مليس ۽ جاگير ۽ زمين مليس، وقت بوقت انعام ملندا رهيس. آخر ۾ پينشن ورتائين ۽ وفات تائين سکر ۾ گوشه نشين ٿي رهيو. سنڌ جي مسلمانن جي لاءِ گهڻا چڱا ڪم ڪيائين. ڪيس به پٽ آهن هڪڙو عبدالمجيد خان جو ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ نوڪر هو ۽ هاڻي ڊيپوٽي مئنيجر انڪمبرڊ اسٽيٽس جو آهي ۽ ٻيو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

عبدالحميد خان جو ولايت مان تعليم وٺي آيو آهي ۽ پنهنجي والد جي جاءِ تي جاگيردار ۽ زميندار آهي ۽ ميونسپل ڪمشنر بہ آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب پندرهون

سر مير فيض محمد خان جي حڪومت

مرحوم مير علي مراد خان جي وفات کان هڪ هفتو پوءِ يعني تاريخ 7 ـ اپريل سن 1894ع مطابق پهرين شوال سن 1211هہ يعني عيد جي ڏينهن سندس پٽ مير فيض محمد خان کي حڪومت جي گادي تي ويهاريو ويو ۽ مٿس پڳ رکي ويئي. انهيءَ ڏينهن خيرپور ۾ هڪڙو وڏو جلسو ڪيو ويو. جئلس صاحب، سکر جو ڪليڪٽر، جو خيرپور جو پوليٽيڪل ايجنٽ هو سو بہ آيو ۽ سڀ مير صاحب ۽ ٻيا وڏا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. مير فيض محمد خان وڏي شان ۽ شوڪت سان آيو ۽ پوليٽيڪل ايجنٽ صاحب هڪڙي تقرير ڪئي، جنهن ۾ مير صاحب کي مخاطب ٿي چيائين تہ اوهان جي والد بزرگوار وانگي اوهان تي بہ انگريز سرڪار پورو ڀروسو ٿي رکي ۽ اميد ٿي رکي تہ اوهين بہ ان وانگي پنهنجا سڀ حق بجا آڻيندؤ ۽ پنهنجي رعيت کي سکيو رکندؤ). مير صاحب مناسب لفظن ۾ سندس شڪر گذاري ڪئي. سن 1894ع جي اپريل مهيني ۾ مير صاحب جي منظوريءَ سان انگريز سرڪار کيس خان بهادر قادر داد خان ڊيپوٽي ڪليڪٽر کي وزير ڪري ڏنو جنهن کي سن 1893ع ۾ سي آءِ اي جو خطاب مليو هو جو انگريز سرڪار وٽ تمام هوشيار ۽ آزمودگار عملدار شمار ٿيل هو.

انهيءَ کان پو مير فيض محمد خان رياست جي حڪومت جو ڪم شروع ڪيو ۽ پنهنجي وزير جي معرفت ۽ سندس صلاح سان ملڪ ۾ ٿورو ٿورو ڪري گهڻا سڌارا ڪيائين، پريندي پريندي انهيءَ وزير صاحب ديوان اتم چند ۽ ٻيا جيڪي ديوان مرحوم مير علي مراد خان وٽ برکہ هئا ۽ جن جي گهڻي هلندي هئي تن کي خيرپور مان ٻاهر ڪڍيو جي وڃي روهڙي ۽ سکر وينا. پوءِ انگريز سرڪار جي انتظام ۽ حڪومت جي بندوبست جي نموني تي رياست ۾ بندوبست ڪرڻ لڳو. سڀني ڪاتن ۾ سڌارو ڪرڻ لڳو. انهيءَ ۾ ڪمشنر صاحب بهادر ۽ پوليٽيڪل ايجنٽ صاحب جي صلاح سان هو ڪم ڪندو هو. تنهن ڪري کيس ڪا بہ دقت پيش نہ آئي ۽ مير صاحب بہ انهيءَ نظر تي ساڻس شامل رهيو. اگرچہ ڪن ڳالهين ڪري مير صاحب کي روڪ ۽ بندش ٿي ٿي، پر هو ملڪ جي فائدي ۽

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

خلق جي سڌاري ۽ انگريز سرڪار جي مرضيءَ جي خلاف ڪجھ ڪري نٿي سگھيو. انهيءَ وزير صاحب جا گھڻا ئي اتي جا شاهوڪار ماڻهو ۽ ننڍا مير دشمن ٿي پيا، جيئن ته وزير صاحب جرات وارو ماڻهو پنهنجو خير ۽ سڌاري جو ڪم ڪندو رهيو. ان ڪري انگريز سرڪار به مٿس ڪيل دانهن تي خيال ڪو نه ٿي ڏنو انهيءَ ڪري رياست ۾ اهڙا سڌارا ٿي ويا، جي اڳي ڪڏهن نه ٿيا هئا ۽ سگھو ئي ماڻهو انهيءَ جو فائدو وٺڻ لڳا. مير فيض محمد خان به پنهنجي والد وانگي شڪار جو شوقين هوندو هو ۽ هميشه گشت ۾ رهندو هو. تنهن ڪري ملڪ جي سڌاري جو بار سڄو ئي وزير صاحب تي هو جنهن کي رڳو ڪانئس دستوري منظوري وٺڻي پوندي هئي.

انهيءَ بندوبست جو نتيجو اهو ٿيو ته رياست جي اندر ٿورئي عرصي ۾ هڪ سؤ کان وڌيڪ اسڪول پئجي ويا ۽ خاص طرح خيرپور ۾ هنري ۽ ديني ۽ بيا، وڏا وڏا اسڪول جاري ٿي ويا ۽ سوين شاگرد تعليم وٺڻ لڳا. گھڻا بيلا وڍجي ويا. آبادي زياده ٿيڻ لڳي. بٺائي، ڍل ۽ ٻي پيدائش جو بهتر بندوبست رکيو ويو. وڏا وڏا کوھ کوٽيا ويا ۽ پليون ٻڌايون ويون ۽ پڪا رستا جوڙيا ويا. مطلب ته سگھو ئي ملڪ جي پيدائش اڳوڻن پنجن لکن جي بدران پندرهن لک ٿي ويئي. عمارتون به وڏيون ۽ عمديون جڙي ويون. هڪ لائبرري يا ڪتب خانو ۽ هڪ اسپتال ۽ چار ڊسپينسريون جاري ٿيون، هڪڙي ننڍي پيادل پلٽڻ رکي ويئي.اسڪول سان گڏ شاگردن جي رهائش ۽ ڪارائڻ پيارڻ لاءِ به بندوبست ڪيو ويو. ڪراچي مدرسته الاسلام ۾ ساليانی ڇهن هزارن رپين ڏيڻ کان سواءِ ٻيا ڏھ هزار رپيا هوسٽل جي لاءِ ڏنا ويا. جيڪي سڌارا ٿيا تن جو مفصل بيان هيٺ ڏنو ويندو.

سن 1894ع ۾ جڏهن سر ايوان جيمس صاحب کان پوءِ سر چارلس آليونٽ صاحب سنڌ جو ڪمشنر ٿيو ۽ هز ايڪسيلنسي وائسراءِ صاحب ۽ بمبئي جو گورنر صاحب بهادر لارڊ سئينڊ هرسٽ ڪراچي ۾ آيا، تڏهن سکر ۾ مير صاحب به اچي ساڻن ملاقات ڪئي ۽ وري مٿين صاحبن روبرو ملاقات پير صبري وٽ ڪئي، جو ڳوٺ رياست جي حد ۾ آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

سن 1899ع ۾ وري بہ ساڳيو گورنر صاحب بهادر لارڊ سئنڊ هرسٽ جيڪب آباد ۾ آيو ۽ اتي دربار ڪيائين ۽ مير صاحب بہ اتي ويو ۽ اتي ڪيس سي. آءِ. اي جو خطاب مليو ۽ پنهنجي والد مرحوم وانگي نائيٽ ٿيو ۽ سر جولقب مليس.

سن 1900ع ۾ وري بہ هزايڪسيلينسي واسئسراءِ صاحب سان ڪراچي ۾ ملاقات ٿي. هز ايڪسيلينسي گورنر صاحب بمبئي جي سان ڪوٽ ڏيجي ۾ ملاقات ٿي.

سن 1903ع جي جنوري مهيني ۾ دهليءَ جي دربار ٿي، جنهن ۾ ٻين راجائن ۽ نوابن وانگر مير صاحب بہ اوڏانهن ويو هو. انهيءَ دربار جو مختصر احوال هي آهي. شهنشاهہ جي طرفان هزايڪسيلينسي وائسرراءِ لارڊ ڪرزن دربار جي تخت تي ويٺو ۽ سيني نوابن ۽ مهاراجائن ۽ راجائن ۽ ٻين درٻارين صاحب موصوف جو سلام ڪيو. پوءِ دربار مان سيئي نواب ۽ راجائون هاٿين جي سواري سان نڪتا، پهرين سڀ کان وڏي هاٿي تي لارڊ ۽ ليڊي ڪرزن سوار ٿيا، پوءِ هڪ پاسي ڊيوڪ آف ڪنات ۽ ٻئي پاسي لارڊ ڪچنر جا هاٿي هئا. انهيءَ جي پٺيان نظام حيدرآباد دکن ۽ پوءِ نمبر وار ٻيا نواب ۽ راجائون هاٿين تي هئا. هز هائينس مير فيض محمد خان انهيءَ جلوس ۽ سرگشت ۾ شامل ٿي نہ سگهيو جيتوڻيڪ خان بهادر قادر داد خان وزير سندس لاءِ هندستان جي بلند شهر مان هڪڙو عمدو هاٿي بہ خريد ڪري موجود ڪيو هو ۽ ان جو ساز سامان بہ تيار ڪرايو هئائين. مگر افسوس جو پيري ۽ ضعيفي سبب هز هائينس سواري جي تڪليف پاڻ تي گوارا ڪري ڪين سگهيو. جنهن ڪري انهيءَ جلوس ۾ شامل نہ ٿيو مگر دربار ۾ وڃي حاضر ٿيو هو ۽ اتي ڪيس چڱي عزت ملي، راجائن جي ڪيمپ ۾ مهاراجا ڪولاپور جو ۽ نواب پالن پور جو ۽ نواب عدن جو وٽس ملاقات لاءِ آيا هئا. انهيءَ دربار جي موقعي تي وزير صاحب جي حڪمن ۽ هدايتن موجب ڪيئمپ جو عمدو انتظام دهلي ۾ ڪيل هو. خيرپور مان ويندي خواهہ دهلي مان موٽندي رياست بهاولپور جي طرفان مهماني جو عمدو بندوبست ٿيل هو.

انهيءَ سال 1903ع جي مئي مهيني جي 31 تاريخ خان بهادر قادر داد خان اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ وفات ڪري ويو. سندس جاءِ تي سردار محمد يعقوب خان وزير مقرر ٿيو. خان بهادر جو احوال ٻئي باب ۾ ڏنو ويندو. مرحوم مير فيض محمد خان سان بہ مون کي معرفت ۽

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ملاقات جو شرف حاصل ٿيو هو. پر تي پيرا ڪراچيءَ ۾ بہ ڪنهن ٻئي هنڌ ملاقات جو اتفاق ٿيو ۽ پاڻ نهايت مهرباني سان پيش ايندو هو. سندس مهرباني جي ڪري هڪڙي ڳالهہ ڪافي آهي تہ بہ تي پيرا جڏهن پنهنجن وزيرن سان ڪنهن سبب جي ڪري رنج ٿي ٿيو، تڏهن مون کي وزير ٿيڻ لاءِ خواهش ڪيائين ۽ انهيءَ مطلب لاءِ معتبر ماڻهو ۽ خط تي موڪليائين، پر مون کي ڪي ڳالهيون پسند نہ آيون ۽ ڪي آڇيل شرط نامناسب نظر آيا، تنهن ڪري شڪر گذاري سان معافي گهريم. نموني لاءِ سندس هڪ خط جو نقل ٿو ڏيان جو مختصر آهي، جنهن مان سندس علميت ۽ فضيلت ظاهر آهي. اهي سڀ خود سندس هٿ جا لکيل آهن ۽ تمام خوش خط آهن.

عاليجاه رفيع جائگاه دوست مهربان خير خواه از آبا و اجداءَ مرزا قليچ بيگ خان سلامت۔ معتمد الخدمت غلام رسول خدمتگار را بنا بر خير عافيت پرسي آن دوست روانہ فرموده شد مهرباني نموده از خيريت طبع خوش اطلاع، کنند کہ تسلي شود و آنچ معتمد مذکور زباني بيان کند معتبر تصور فرمايند خاص خيال دلي همين ست کہ بازوي آن دوست معرفت صاحب مشفق مهربان پوليٽيڪل ايجنٽ صاحب برائي عهده وزارت خود درخواست کرده گرفتہ شود ليڪن معلوم هست کہ آن عاليجاه اينمعني را قبول خواهند کرديانہ مهرباني نموده ازراي، خود خبر دهند۔ رقعہ فيض محمد بنده خدا يا مهو خود.

سن 1940ع ۾ جڏهن هز ايڪسيلينسي لارڊ لئمنگٽن گورنر صاحب بهادر بمبئي جو خيرپور آيو ۽ سردار محمد يعقوب وزير هو. تڏهن سندس خواهش موجب جيڪو مرحبائي شعر جلسي ۾ پڙهڻ لاءِ مون لکي موڪليو هو سو هتي ڏجي ٿو. جو انهيءَ ۾ مير صاحب جي حڪومت ۾ يارهن ورهين جي عرصي ۾ رياست جي علحدن سڌارن جو ذڪر آيل آهي.

قصيده مرحبائيہ

اسان جو شل هجي ايڊورڊ شهنشاهہ سوڀارو

زياده هوئي سندس شل عمر ۽ اقبال موچارو

رکي ٿو خلق کي سو خوش، رعيت کي سدا راضي

رهي ٿو نت غريبن ۽ ابوجهن تي سو ٻاجهارو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

آهي هر قوم کي آزادگي هر قسم جي حاصل،
ڪنهن کي ناهي ڪنهن پر مذهب ۽ ملت جو مونجهارو
ٿيو. علم ۽ هنر، خواه مال ۽ دولت ۾ واڌارو
اگرچه ڪي ويا ڪن ڪان وڏي عملي فضيلت ۾
نه آهي پاسداري ڪا، نه ٿيو نه ڪو ڪنهن تي ريسارو
ڏسي هي عدل ٿيا عادل رياست جا سيئي والي
هلائي حڪم حڪمت سان وسايو ملڪ تن سارو
الهيٰ اهڙي شهنشاهه کي قائم رکج دائم
سدا شل هند تي چمڪي سندس اقبال جو تارو
بجا لک شڪر آڻيون ٿا لمنگٽن لارڊ صاحب جا
بهادر جو گورنر بمبئي جو آهي ناميارو
۽ ليڊي صاحبه جا پڻ اسين ممنون سڀ آهيون
جو آيو خيرپور ۾ پڻ سندن تشريف جو وارو
اپر احسان پڻ ڪيا ڪمشنر صاحب بعمه مڊم
۽ پڻ پوليٽيڪل ايجنٽ، جو هت آهي هاڪارو
خدا يا رک سدائين تون اهي صاحب اسان جو خوش
ڪرم ۽ لطف تنهنجي جو ڍري شل تن مٿي ڍارو
ڏسون سک سهسين شل صاحب گورنر جي حڪومت ۾
ٿئي شل بيڪسن جو ڪس ۽ بيچارن سندسن چارو
رهي پڻ مير سر فيض محمد خان سلامت شل
جنهن تي اصل کان آهي اسان سيني جو نت آرو
رياست جو آهي والي، سندس درجو آهي عالي
هميشه خيرپور ۾ جنهن جي نالي نر هٽن نارو
سڌارا ٿيا اتي بيحد، هي يارهن سال جي گذريا

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

وڏيو ڏيدوڻو آدم ۾ ٿيو بيٺو ٻني ٻارو
جڙيا رستا پليون مڪتب ڌرم سالا شفا خانا
وري ٿيا واهه جاري، جر وهي ٿو جن مان ٿو جلارو
الهيٰ عمر خضري ڏي اسان جي مير صاحب کي
رهي شل آل ۾ اولاد سان خوش سو وڻن وارو
اسان جون هي مرادون شال سڀ پوريون ڪري پرور
دعا لاءِ سڀ خدا ڏي هٿ کڻو يڪجا اوهين يارو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب سورهون

سر مير امام بخش خان جي حڪومت

مرحوم مير فيض محمد خان جي وفات تي سندس پٽ مير امام بخش خان تاريخ 6 مارچ 1909ع جي گادي تي ويٺو مگر جولاءِ جي پهرين تاريخ باقاعدي رياست جو والي مقرر ٿيو. سندس وزير شيخ صادق علي صاحب رهيو جو اڳ ۾ ئي سندس والد جو وزير هو. انهيءَ مٿين تاريخ تي هڪڙي عاليشان دربار ٿي ۽ هڪڙو جلسو ڪيو ويو. جنهن لاءِ ٻه لک روپيا منظور ٿيا ۽ ٻه هزار رپيا خيرات جي ماني کارائڻ ۾ لڳا جا وڏي بندوبست سان ڪئي وئي، جهڙو سڪرن کي تهڙو غريبن مسڪينن کي کارائي ويئي. جيڪو نئون بنگلو ڇئن سالن کان ٺهيو پيو هو تنهن ۾ اها دربار ٿي. پير ۽ مير ۽ ٻيا ڪيترا وڏا ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. بلڪ حيدرآباد جو مير صاحب هز هائينس مير نور محمد خان به آيو پوليٽيڪل ايجنٽ صاحب ۽ ٻيا يورپين صاحب حاضر هئا، انهن جي روبرو پوليٽيڪل ايجنٽ مسٽر لارينس صاحب هز ايڪسيلينسي گورنر صاحب بهادر جو لفافو کولي انهيءَ جو پيغام پڙهي ٻڌايو. اها تقرير مير صاحب کي مخاطب ٿي ڪيائين ۽ جيئن ته انهيءَ ۾ گذريل تازن سڌارن جو اشارو هو، تنهن ڪري انهيءَ جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو.

هز ايڪسيلينسي گورنر صاحب بهادر جو خط منهنجي حوالي ڪيو ويو آهي، سو آئون هتي اوهان جي روبرو کوليان ٿو ۽ پڙهان ٿو انهيءَ کان سواءِ ڪمشنر صاحب جو پيغام به اوهان کي ڏيان ٿو ۽ هينيان لفظ چوڻ پنهنجي لاءِ فخر ٿو سمجهان ته اوهين رياست جي گادي تي پڪي عمر ۾ ويٺا آهيو. هي رياست روزبروز سڌرندي ٿي وڃي. گذريل چوڏهن ورهين ۾ جيڪي سڌارا ٿيا آهن سي اوهان جي والد جي وقت ۾ ٿيا آهن. اهي اوهان چڱي طرح ڏٺا آهن، انهيءَ جي وقت ۾ باقاعدگي ڪورٽون جاري ٿيون آهن جن مان رعيت جو انصاف ٿئي ٿو. تعليم پڪڙي ويئي آهي. هز هائينس مير فيض محمد خان صاحب انگريزي تعليم جو هڪڙو خاص مربي هو ۽ سندس سخاوت نه فقط سنڌ تائين محدود هئي پر هندستان ۾ علي ڳڙهه ڪاليج تائين پهتل هئي. سڙڪن ۽ ٻين عمارتي ڪمن تي، خاص واهن تي گهڻو ڏيان ڏنو ويو. چڱا ۽ وڏا واهه کڏيا ويا ۽ مير صاحب مرحوم جون خاص شڪار گاهون آبادي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جي لاءِ ماڻهن کي ڏنيون ويون، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو جتي سوئر ۽ ڦاڙها پيا ڏسبا هئا.اتي هاڻي ايماندار آبادگارن جا ڳوٺ پيا ڏسجن. سڌاري جو نتيجو ملڪ جي مالي حالت مان معلوم ٿي سگهي ٿو. پيدائش اٽڪل پنجن لکن مان وڌي پندرهن لکن تي پهتي آهي ۽ اٽڪل ڏهه لک رپيا خزاني ۾ بچت رکيل آهن. ڪئمل ڪورس يا اٺن جو لشڪر جاري ڪيو ويو آهي. اهو رسالو بلڪل ڪامل نموني جو آهي. رياست ۾ پوک صرف هڪڙي موسم ۾ ٿئي ٿي. مگر درياءَ مان سکر واهه ڪڍيو آهي. اهو سدا واهه ٿي ٻارنهن ئي مهينا پاڻي پهچائيندو. اميد آهي ته اوهين انهيءَ سڌاري جي ڪم ۾ ضرور مدد ڪندؤ ۽ اوهان جي رعيت کي هميشه لاءِ پاڻي جو فائدو حاصل ٿيندو. انهيءَ ڪري رياست جي حيثيت به زياده ٿيڻ جي اميد آهي. گذريل سالن ۾ رياست منجهه جيڪو سڌارو ٿيو آهي سو نه فقط هز هائينس مرحوم جي دور انديشي ڪان ٿيو آهي، پر مدبر وزيرن خان بهادر قادر خان سي. آءِ. اي سردار محمد يعقوب خان سي. آءِ اي ۽ خان صاحب شيخ صادق علي صاحب جي حسن خدمتي جي ڪري ٿيو آهي. هاڻي اميد آهي ته جهڙي طرح اوهان جي والد بزرگوار پنهنجي وڏي عمر تندرستيءَ ۾ گذاري، تهڙيءَ طرح خدا ڪري اوهين به امن امان ۾ گذاريو ۽ حڪومت ڪريو.

تنهن تي مير صاحب اٿي شڪريو ادا ڪيو ۽ ڏنل صلاح موجب حڪومت ڪرڻ جو انجام ڪيائين ۽ جيڪي سڌارا ٿيا هئا تن کي قائم رکڻ ۽ وڌائڻ جي اميد ڏنائين ۽ پنج هزار رپيا شڪارپور جي خانگي هاءِ اسڪول هوپ فل اڪيڊمي جي عمارت لاءِ ڏيڻا ڪيائين ۽ ٻه هزار رپيا ساليانو لاڙڪاڻي جي مدرسته السلام کي ڏيڻا ڪيائين ۽ نئين واهه جي ڪڍڻ ۾ به خرچ جو حصو ڏيڻو ڪيائين ۽ پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي رعيت کي اتفاق سان رهڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين ۽ خدا کان دعا گهريائين ۽ شهنشاهه ايڊورڊ ستين سان هميشه وفادار رهڻ جي خواهش ڏيکاريائون. سن 1909ع ۾ هز ايڪسيلينسي گورنر صاحب بهادر بمبئي جو خيرپور ۾ اچڻو هو مگر مير صاحب وڏي جي وفات ڪرڻ ڪري ملاقات مهمل ڪئي ويئي ۽ خيرپور ريلوي اسٽيسن تي صاحبزادي ولي عهد وجي ساڻس ملاقات ڪئي. ساڳي ئي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

سال ۾ هز ايڪسيلينسي وائسراءِ صاحب بهادر بمبئي ۾ آيو اتي مير صاحب وٽي ساڻس ملاقات ڪئي.

سن 1911ع ۾ وري هز ايڪسيلنسي وائسراءِ صاحب بهادر ڪراچي ۾ آيو اتي مير صاحب وٽي ساڻس ملاقات ڪئي.

سن 1912ع ۾ دهلي جي دربار ٿي، جنهن تي هز هائينس مير صاحب جو وڃڻ ٿيو ۽ بادشاهه سلامت پاڻ اتي تشريف فرما ٿيو هو. سندس وزير شيخ صادق علي صاحب ساڻس گڏ هيو. انهيءَ دربار جو عجيب نظارو هو. جنهن ماڻهو اها دربار ۽ جلسو ڏٺو هوندو، تنهن کان اهو هرگز نه وسرندو. دنيا جي سڀ ڪنهن ڀاڱي جا ماڻهو انهيءَ موقعي تي اتي آيل هئا. يورپ، ايشيا، آفريڪا، آمريڪا، ۽ آسٽريليا جا رهندڙ اتي ڏسڻ ۾ پئي آيا. خاص دربار ۾ ڪرسي نشينن لاءِ ٻارنهن هزار جايون هيون، تنهن کان سواءِ هيٺ ويهڻ لاءِ ٻه پنجهتر هزار ٽڪيٽ ماڻهن جي وهڻ لاءِ جاري ٿيل هئا. انهيءَ دربار ۾ هزهائنيس مير صاحب کي سي . آءِ. اي جو خطاب مليو. ٻلو ۽ هار بادشاهه سلامت پاڻ پنهنجن هٿن سان هز هائينس کي پارايو. ڪئمپ جو انتظام تمام عمدو رکيل هو. سنڌ جا گهڻا معزز ماڻهو رياست خيرپور جا مهمان اچي ٿيا هئا جو انهيءَ وقت دهلي ۾ ماڻهن کي آرام جي جاءِ ملڻ مشڪل هئي.

انهيءَ ساڳي سال 1912 ۾ جي اپريل مهيني جي 19 تاريخ شيخ صادق وزير صاحب لاهور ۾ وفات ڪئي، جو بيماريءَ جي علاج لاءِ اوڏانهن ويل هو سندس لاش پوءِ اتان ڪٽائي شڪارپور آندو ويو ۽ اتي دفن ڪيو ويو. خالي ٿيل وزارت جي جاءِ لاءِ گهڻيون ئي درخواستون ٿيون. آخرڪار سردار محمد يعقوب جي ننڍي ڀاءُ ميان محمد ابراهيم صاحب کي وزير مقرر ڪيائون، جو تڏهن ضلع سرحد سنڌ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو. انهيءَ 22 تاريخ مئي جي وزيري جي چارج ورتي. هو پنهنجي ڀاءُ واري اصول تي هلڻ ۽ سڌاري جي ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ لڳو.

1913ع ۾ هز ايڪسيلينسي گورنر صاحب بمبئي، خيرپور ۾ آيو ۽ مير صاحب ساڻس ملاقات ڪئي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

1914 ۾ به وري جناب گورنر صاحب بمبئي جو خيرپور ۾ آيو ۽ مير صاحب جي ساڻس ملاقات ٿي. انهيءَ سال ۾ انگريز سرڪار جي ٻين ڪن بادشاهن سان گڏ جرمنيءَ سان وڏي جنگ شروع ٿي. انهيءَ ۾ هز هائينس مير صاحب ا انگريز سرڪار کي هيٺين مدد ڏني.

1915ع ۾ رياست مان جنگ جي ڪم لاءِ (340822 رپيا) هوائي جهاز جي لاءِ ڏنا, جنهن جو نالو خيرپور رکيو ويو هو ۽ هزار رپيا ٻيا سپاهين جي حقن ۽ تماڪ لاءِ ڏنا ويا.

1916ع ۾ ڏهه هزار ٻه سئو رپيا جنگ جي مدد واري فنڊ ۾ هڪ هڪ هزار لارڊ ڪچنر جي يادگيري قائم ڪرڻ واري فنڊ ۾ ڏنا ويا.

1917 ع ۾ پهرئين جنگ جي قرض ۾ (.-12- 651365 رپيا) ڏنا ويا ۽ پنج هزار رپيا زخمي سپاهين جي ڪم لاءِ ڏنا ويا.

1918ع ۾ ٻيءَ جنگ جي قرض ۾ (455236 رپيا) ڏنا ويا ۽ ست هزار رپيا ٻيا سپاهين جي ٻارن جي تعليم لاءِ ڏنا ويا. انهيءَ جنگ جي مدد جي نظر تي انهيءَ سال ۾ سرڪار هز هائينس مير صاحب کي ڪرنل جو مليٽري خطاب عطا ڪيو ۽ سندس پٽ مير غلام علي کي ليفٽيننٽ ڪيو جو اهو اتي ولايت ۾ تعليم لاءِ ويل هو ۽ اتان وڃي جنگ جي ڪم ۾ شامل ٿيو.

1919ع ۾ وري به هز ايڪسيلينسي گورنر صاحب بمبئي جو خيرپور ۾ آيو ۽ مير صاحب جي ساڻس ملاقات ٿي هن سال ۾ خيرپور ۾ آل انڊيا محمد ايڊويوڪيشنل ڪانفرنس گڏ ٿي. هڪڙو وڏو عمدو مانڊئو جوڙايو هو. پري پري جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. ميان محمد ابراهيم وزير صاحب نهايت عمدو بندوبست رکيو هو.

1920ع ۾ ڪمشنر صاحب بهادر هڪڙو ڀيرو ۽ پوليٽيڪل ايجنٽ هڪڙو ڀيرو خيرپور ۾ آيا. انهيءَ سال ۾ مير صاحب ۽ وزير صاحب جي ڪن ڳالهين تي ناسازي پيدا ٿي, جنهن ڪري ميان محمد ابراهيم وزيري ڇڏي 15 تاريخ جولائي جي موڪل تي ويو ۽ سندس جاءِ تي بمبئي مان شيخ قادر صاحب آيو. ساڳئي وقت ۾ جهوني نائب وزير گل حسن خان به استعيفا ڏني ۽ سندس جاءِ تي شيخ شير علي ولد صادق علي نائب وزير ٿيو. ساڳئي سال جي آگسٽ مهيني ۾ مير صاحب بمع ديره سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي درگاهه تي زيارت لاءِ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ويا.نومبر مهيني ۾ ڪمشنر صاحب بهادر جي ملاقات لاءِ ڪراچي ويا. انهيءَ سال مئي مهيني ۾ صاحبزادو ولي عهد خان صاحب جي ٿوري عرصي کان پنهنجي والد کان رنج ٿي دهلي جي پاسي ويل هو سو موٽي پنهنجي والد سان پرتو ۽ خيرپور آيو.

1921ع جي جنوري جي پهرين تاريخ مڪاني سلاميءَ لاءِ ٻه توبون وڌيڪ هميشه لاءِ موروثي طرح سرڪار مان مليون ۽ فيبروري مهيني جي 8 تاريخ مير سر امام بخش خان خيرپور ۾ وفات ڪئي. ڪيترن ڏينهن کان ضعيف ۽ پيٽ جي خلل کان بيمار رهيو آخر مٿين تاريخ وفات ڪيائين. خبر ملڻ تي پوليٽيڪل ايجنٽ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب اچي حاضر ٿيا. سندس لاش امانت طور قادر بخش جي قبن واري مقام ۾ رکي ويئي ۽ سترهن توبون دستور موجب ڇوڙيون ويون. ۽ سال جي پڇاڙيءَ ۾ سندس لاش وصيت موجب ڪربلا ۾ دفن ڪرڻ لاءِ ڏياري موڪليو ويو. انهيءَ سان گڏ مير فيض محمد خان جو لاش ٻه اوڏانهن موڪليو ويو. گهڻن نوابن ۽ راجائن ۽ سرڪاري آفيسرن کان معذرت جون تارون پهتيون. دستور موجب پنج ڏينهن ماتم جو پٿر رهيو ۽ سنڌ جا مير، پير، زميندار ۽ ٻيا وڏا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. 13 تاريخ فيبروري جي سيني جي آڏو صاحبزادي ولي عهد مير علي نواز خان کي پڳ ٻڌايائون ۽ دستار بندي جي رسم ادا ڪئي وئي ۽ سگهو ئي پوءِ فيض محل ۾ مير صاحب جي مسند نشيني جي رسم ادا ڪئي ويئي. جا پوليٽيڪل ايجنٽ مسٽر مانٽگامري حاضر ٿي ڪئي. هن پنهنجي تقرير ۾ چيو ته "صاحبزادو معزز صاحبو اڄ آئون دل جي خوشيءَ سان پنهنجو هڪڙو فرض ٿو ادا ڪريان. ٿيو ڏينهن جڏهن آئون هتي خيرپور ۾ آيو هئس تڏهن منهنجي حالت خوشيءَ جي نه هئي جو سيئي مير صاحب مرحوم جي ماتم ۾ هئا، جنهن ٻارهن ورهين رياست تي حڪومت ڪئي. هو اهڙو چڱي دل وارو ۽ سچو ماڻهو هو جو سڀ دوست ته منجهانئس خوش هئا پر سندس دشمن ٻه ساڻس پرچي ويا هئا هن وقت آئون ٻيو ڪجهه چئي نٿو سگهان، صرف بمبئي جي سرڪار جي طرفان ۽ انڊيا سرڪار جي ٻه اميد منظوري مرحوم مير صاحب جي ولي عهد کي سندس گادي تي وهارڻ آيو آهيان. سر مير امام بخش خان پاڻ پنهنجي والد جي مرضيءَ جي برخلاف گادي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

تي وينو هو ۽ وڏي عمر جو هو ۽ سيني کي سندس نسبت ۾ فڪر ۽ ڳڻتي هئي، پر پوءِ سگهو ئي هن اهڙي هلت ڪئي سڀ منجهانس راضي ۽ خوش ٿيا.“

”مير علي نواز خان پور جوانيءَ ۾ پنهنجي والد مرحوم جو جاءِ نشين ٿئي ٿو جنهن لاءِ سندس والد اڳي ئي راضي ٿي منظوري ڏني هئي. هن کي هاڻوڪي تعليم چڱي مليل آهي ۽ سندس پيائر، سوٽ ۽ ٻيا صاحبزادا سڀ سندس دوست ۽ خير خواهہ آهن. آئون گهڻي خوشيءَ سان ڪيس دعا ٿو ڪريان تہ هن وڏي درجي تي اچڻ ڪري رياست کي خوش نصيبي حاصل ٿئي ۽ مون کي يقين آهي تہ انهن کي منجهانس گهڻو فائدو حاصل ٿيندو. آئون وڏي سرڪار جي بہ اميد منظوري ڪيس سندس بزرگن جي گاديءَ تي وهاريان ٿو. ”پوءِ هز هائينس جي مسند نشينيءَ جي پڌرائي لاءِ سترهن توبون ڇوڙيون ويون.

تنهن کان پوءِ مجلس برخاست ٿي ۽ مير صاحب رياست جو والي ٿي حڪومت جو ڪم ڪار شروع ڪيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب سترهون

هزهائينس مير علي نواز خان جي مسند نشيني ۽ سندس حڪومت جو شروع ٿيڻ

هز هائينس مير علي نواز خان، خيرپور جو هاڻوڪو والي 13 تاريخ فيبروري 1221ع ۾ پنهنجي والد مير سر امام بخش خان جي وفات تي سندس جاءِ نشين ٿيو. جيئن مٿي چيو ويو. ساڳئي سال جي جون مهيني جي 24 تاريخ مسند نشيني جي رسم سرڪاري طور دستور موجب ادا ڪئي وئي، انهيءَ ڪم لاءِ پوليٽيڪل ايجنٽ مسٽر پوپ خيرپور ۾ آيو. هڪڙي وڏي دربار ڪئي وئي انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ ۾ سيني جي اڳيان هز ايڪسيلينسي وائسراءِ جو خريطو مير صاحب کي ڏنو ويو. جنهن ۾ هز مئجسٽي شهنشاهہ مير صاحب کي سندس والد جي جاءِ تي مسند نشين مقرر ڪيو هو. انهيءَ ڏينهن صبح جو نائين وڳي هز هائينس مير صاحب ڇئن گهوڙن واري شاهي گاڏيءَ ۾ چڙهي پنهنجي باڊي گارڊ سميت محلات ۾ آيو.

وزير صاحب ۽ بہ صاحبزادا ساڻس گڏ هئا. پوليٽيڪل ايجنٽ مسٽر پوپ سکر جي پوليس سپرنٽينڊنٽ سان گڏ سگهو ئي پوءِ آيو. جڏهن سڀ ويهي ويا تڏهن وزير صاحب هز هائينس جي اجازت سان اٿي ظاهر ڪيو تہ دربار کلي تي ۽ ڪار گذاري شروع ٿئي ٿي، تنهن تي پوليٽيڪل ايجنٽ هز ايڪسيلينسي وائسراءِ جو خريطو ڪڍي پڙهيو جنهن ۾ هيئن لکيل هو:

بطرف هز هائينس مير علي نواز خان ٽالپر والي خيرپور

منهنجا معزز دوست، اوهان جي والد هز هائينس مرحوم مير امام بخش خان جي وفات جي درد انگيز خبر بمبئي جي سرڪار اڳوڻي وائسراءِ لارڊ چيلمسفرڊ کي ڏني، جنهن بمبئي سرڪار ڏي لکيو تہ سندس طرفان مرحوم مير صاحب جي ڪٽنب سان معذرت ڪري انگريز سرڪار کي گهڻو افسوسس آهي تہ اوهان جي والد جي وفات ڪري ان کان هڪڙو نهايت وفادار دوست هليو ويو آهي ۽ هن ڏک جهڙي موقعي تي آئون پنهنجو غم ۽ ارمان سان اوهان

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جي والد جي ڪٽنب جي ڀين ڀائين سان سچي همدردي ظاهر ٿو ڪريان. انهيءَ ڪان پوءِ آئون خوشي سان اوهان کي اطلاع ٿو ڪريان تہ هزيمپيريل مئجستي بادشاهہ هندستان جي شهنشاهہ مهرباني ڪري اوهان کي رياست خيرپور جي مسند تي مرحوم مير جو جانشين مقرر ڪيو آهي ۽ انهيءَ لاءِ پنهنجي دل و جان سان اوهان کي مبارڪون ٿو ڏيان. آئون ڏاڍي خيال سان سماءَ پيو رکندس تہ اوهين ڪيئن حڪومت ٿا هلايو ۽ اميد ٿو رکان تہ اوهين گهڻي مدت تائين پنهنجي رياست جا والي ٿي رهندو جيڪي ماڻهو اوهان جي سنڀال هيٺ ڏنا ويا آهن. تن کي اهڙو فائدو پهچائيندو جو انهيءَ جي زبان مان اوهان جي تعريف ۽ تحسين نڪرندي. اوهان جو سچو دوست ريڊنگ انڊيا جو وائسراءِ ۽ گورنر جنرل.

جڏهن خريطي پڙهڻ کان پوءِ هو هز هائينس کي ڏنو ويو. تڏهن 17 توبون سلامي لاءِ ڇٽيون. جنهن مان سڀني کي معلوم ٿيو تہ هز هائينس خيرپور جي مسند تي ويٺو. تنهن کان پوءِ پوليٽيڪل ايجنٽ سنڌ جي ڪمشنر صاحب بهادر جو فارسي مراسلو ڪڍي انهيءَ جو انگريزي ۾ ترجمو پڙهيو. جنهن جو مضمون هي هو.

منهنجا دوست هزامپيريل مئجستي بادشاهہ انڊيا جي شهنشاهہ مهرباني ڪري اوهان کي رياست خيرپور جو مسند نشين ڪيو آهي. تاريخ 25 جون 1921ع جي هز ايڪسيلنسي انڊيا جي وائسراءِ گورنر جنرل جو خريطو انهيءَ ڳالهہ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ پوليٽيڪل ايجنٽ دربار ۾ اوهان کي ڏيندو. اهڙي موقعي تي آئون اوهان کي دلي مبارڪ ٿو ڏيان ۽ اميد ٿو رکان تہ اهو موقعو خيرپور رياست جي لاءِ توڙي اوهان جي لاءِ سڀاڳو ٿيندو اوهين اهڙي شخص ۽ والي جا جانشين ٿا ٿيو جنهن پنهنجي اعليٰ قسم جي چال ۽ هلت ۽ عقل وري حڪومت ۾ انگريزن سرڪار سان وفاداري ۽ مددگار جي ڪري رياست خيرپور جو درجو ۽ انهيءَ جو ناموس گهڻي قدر وڌايو هئو. اهڙي جهوني ۽ ڪمائتي دوست جي بيوقت گذاري وڃڻ ڪري مون کي گهڻو افسوس ٿيو آهي. اوهين حڪومت جي ڪم ۾ تازا داخل ٿا ٿيو جنهن لاءِ اوهان جي تعليم ۽ ٻاهرين دنيا جي واقفيت گهڻي قدر اوهان جي فائدي ۾ آهي، جي ڳالهيون اوهان جي والد ۾ نہ هيون،تنهن ڪري آئون اڳواٽ اميد رکي سگهان ٿو تہ اوهان جي حڪومت رياست خيرپور ۽ ان جي ماڻهن لاءِ خاص طرح سڀاڳي ۽ مفيد ٿيندي. مون

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ڪي خبر آهي تہ اوهان جا خيال اعليٰ آهن ۽ اوهان جي مشهور وڏن بزرگن جو جيڪو ڪم اوهان کي مليو آهي، تنهنجي پوري طرح سان ادا ڪرڻ لاءِ اوهين سچي دل سان خواهشمند آهيو. تنهن ڪري مون کي قوي اميد آهي تہ خدا تعاليٰ جي مدد سان اوهان جي حڪومت نہ فقط اوهان جي قديم ٽالپرن جي خاندان جي ناموس قائم رکندي ايندي، پر هاڻوڪي زماني جي سڌاري جي نظر تي رياست جي حالت اڳي کان بهتر ٿيندي ۽ ان جي پيدائش بہ زيادہ ٿيندي ۽ ماڻهن جو سک بہ اڳي کان وڌيڪ بهتر ٿيندو. پڇاڙيءَ ۾ آئون دعا ٿو ڪريان تہ شل اوهين گهڻي وقت خيرپور جي حڪومت هلايو ۽ حياتي خوش گذاريو. اوهان کي خاطري ٿو ڏيان تہ آئون هميشه اوهان جو دوست ۽ مددگار ٿي رهندس. هيءَ سڀ وقت آئون دل جان سان اوهان کي مبارڪباد ڏيڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو ۽ اميد ٿو ڪريان تہ اوهان جي حياتي وڏي ٿيندي ۽ اوهين چڱا ڀلا رهندؤ ۽ اوهان جو ملڪ اهان جي حڪم هيٺ خوش ۽ سکيو گذاريندو. تنهن کان پوءِ پوليٽيڪل ايجنٽ صاحب هيٺين تقرير ڪئي: -

يوئر هائينس، اوهين رياست خيرپور جي مسند تي اهڙي وقت ٿا ويهو جڏهن تاريخ ۾ نهايت وڏي جنگ پوري ٿي ويئي آهي. اهڙي جنگ جنهن ۾ دنيا جون سيئي قومون شامل آهن ۽ جنهن جي ڪري تمام وڏيون قومي ۽ ڪفايتي ڦيريون گهيريون ٿيون آهن، جنهن جو اثر ٿورو يا گهڻو سڀني قومن تي ٿيو آهي. آئون خوشي سان ظاهر ٿو ڪريان تہ انهيءَ جنگ ۾ رياست خيرپور جيڪو حصو ورتو آهي سو سندس گذريل ل نالي ناموس جو هر طرح لائق آهي. خيرپور جي امپيريل مائونٽيڊ سروس رئفلس ۽ ڪئمل ٽرانسپورٽ برٽش ايرندي آفريڪا، مصر ۽ هندستان جي اتر الهندي سرحدن تي جيڪو تعريف جهڙو ڪم ڪيو، توڙي جيڪا اتان پيسي جي مدد ڏني، تنهنجي ڪري اوهان جو والد مرحوم هز هائينس مير سر امام بخش خان ٽالپر جي امپيريل مئجستي هندستانجي شهنشاهہ ڏانهن پنهنجي سچي وفادار جي پوري ثابتي ٿي ملي. مون کي پڪي اميد آهي تہ اوهين انهيءَ عمدي مثال تي هلندو. مٿي مون چيو تہ انهيءَ وڏي جنگ جي پنيان سڀني سڌريل قومن ۾ ٿوريون يا گهڻيون قومي يا ڪفايتي ڦيريون گهيريون ٿيون آهن. هاڻوڪي زماني جي حڪومت ۾ سڀني ڪاتن جي سرڪاري ڪمن جو خرچ وڏي ويو آهي. انهيءَ جي پورائي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

رياست جي پيدائش جي اپائن جي سنڀال ۾ ڪفايتي بندوبست ڪرڻ گهرجي ۽ اتي جي رهندڙن جي سک ۾ آسائش جي نهايت گهڻي ڳڻتي رکڻ گهرجي. مون کي اميد آهي ته اوهان جي سنڌريل حڪومت هيٺ خيرپور جي رياست درجي بدر جي ترقي ڪندي رهندي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سکر واري وڏي واهه جي رٿ جا جلد پوري ٿيڻي آهي. سا رياست کي تمام گهڻو فائدو پهچائيندي ۽ انهيءَ جي پيدائش وڌائيندي ۽ ماڻهن جي حالت ان جي ڪري بهتر ٿيندي. جيڪي هاڻي تازو ئي گذريو آهي يا جيڪي جلد ٿيڻو آهي، تنهن تي نظر ڪجي ٿي ته خيرپور جي ماڻهن کي اوهان جي حڪومت هيٺ سک ۾ خوشيءَ لاءِ گهڻي اميد ٿي ڏسجي. آئون دعا ٿو ڪريان ته شال اوهين گهڻي مدت تائين رياست جو ڪم ڏاهپ ۽ تجويز سان هلايو جنهن ڪري اوهان جي رعيت اوهان جي احسانمند رهي ۽ اوهان کي پيار ڪري."

تنهن کان پوءِ هز هائينس مير صاحب ورندي ۾ هيءَ تقرير ڪئي: -

"منهنجا دوست، آئون اوهان جو گهڻو شڪر گذار آهيان جو اوهان هر ايڪسيلنسي وائسراءِ ۽ گورنر جنرل آف انڊيا جو خريطو ۽ ڪمشنر صاحب بهادر سنڌ جو مراسلو مون کي ڏنو آهي، جن ۾ اها خوش خبري آهي ته هر امپيريل مئجستي بادشاهه ۽ انڊيا جي شهنشاهه مهرباني ڪري مون کي رياست خيرپور جي مسند تي پنهنجي والد جي جاءِ تي ويهاريو آهي، ۽ اسان جي خاندان جي عزت ۽ قدرداني بابت ۽ منهنجي والد مرحوم جي نسبت ۾ جيڪي هنن چيو آهي ته تنهن جو منهنجي دل تي گهڻو اثر ٿيو آهي، جيڪي دلي مبارڪون اوهان مون کي ڏنيون آهن ۽ جيڪي دعائون اوهان مون کي ڪيون آهن، تن جي لاءِ آئون احسانمند آهيان. مون کي انهيءَ ڳالهه تي فخر آهي ته منهنجن بزرگن انگريز سرڪار جي چڱي خدمتگذاري ڪئي ۽ هندستان جي ٻين رياستن جي والين کان وفاداري ۾ هو پوئتي نه پيا آهن. گذري ويل جنگ، جا هاڻي پوري ٿي، تنهن ۾ خيرپور جي رياست جيڪا مدد ڪئي، تنهنجي قدردانيءَ جا اشارا ٻڌي آئون گهڻو خوش ٿيو اهيان. انهيءَ ڳالهه جي يادگيري مون کي پنهنجن بزرگن جي پنيان قدم بقدم هلڻ تي همٿائڻ لاءِ ڪافي آهي. آئون اوهان کي يقين ٿو ڏيان ته آئون شهنشاهه جي جان ۽ تخت سان وفاداري ۽ محبت ۾ ٻئي ڪنهن کان گهٽ نه رهندس ۽ جنهن جي شهنشاهت ۾ آئون فخر سان رهان ٿو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

انهيءَ جي لاءِ خدمت چاڪري ڪرڻ ۾ آئون ڪين گھٽائيندس. ڪمشنر صاحب بهادر مهرباني ڪري منهنجي نسبت ۾ تعليم ۽ ٻاهرين دنيا جي واقفيت جو اشارو ڏنو آهي، جنهن سان حڪومت جي ڪم ۾ داخل ڪار ٿيو آهيان. انهن لفظن مان مون کي چڱي طرح معلوم ٿي سگهي ٿو ته رياست جي والي ٿيڻ ڪري مون تي ڪهڙيون ڪڙيون جوابداريون ٿيون عائد ٿين. آئون خدا ۾ اميد ٿو رکان ته اهي ڳرا فرض جي مون تي رکيل آهن، سي آئون پوري طرح ادا ڪندس. منهنجا دوست، جنهن خطرناڪ زماني ۾ اسين رهون ٿا، تنهن جو اوهان باربار پورو ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ وڏي جنگ بيشڪ دنيا کي پيسي جي مشڪلاتن ۾ وڌو آهي ۽ ترقيءَ کي روڪي ڇڏيو آهي. هيءَ رياست جا انگريزي وڏي شهنشاهت جو هڪڙو ڀاڱو آهي، سا به انهن ڦيرين گهيرين جي اثرن کان ڇٽي نه سگهي آهي، پر آئون اميد ٿو ڪيان ته خدا جي فضل سان پيدائش جا اُپاءَ سڌاري ۽ ڪفايت سان ڪم هلائي آئون رياست جي حالت وري بهتر ڪري سگهندس، جنهن لاءِ اسين سڀئي دل جان سان ڪوشش ڪندڙ آهيون. 13 تاريخ فيبروري جي، جڏهن آئون بااميد منظور گاديءَ تي ويهاريو ويو هئس، تڏهن کان وٺي آئون انهيءَ پنهنجي مدعا جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو اچان ٿو يعني پنهنجي پياري رعيت جي سک ۽ خوشي ۽ راضپي موجود ڪرڻ لاءِ، انهيءَ ارادي سان مون ڇيڙ جي رسم بند ڪرائي ڇڏي آهي، انهيءَ جي عيوض ٿورا نقد پيسا وٺڻ ۾ اچن ٿا. انهيءَ ڇيڙ مان جيڪي تڪليفون پيدا ٿيون ٿين تن جي انهن کي خبر هوندي جي انهيءَ رسم جا چڱي طرح واقف آهن. اُها هڪڙي تمام وڏي نقصان ۽ خرابيءَ واري رسم هئي جا مُني صديءَ کان هلندي آئي آهي. انهيءَ ضروري ڦير گهير جو نتيجو مون هاڻي ئي پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي. منهنجي رعيت مان سوين ماڻهو جي ڇيڙ جي تڪليف کان رياست مان نڪري ٻين پاسن ڏي ويا هئا، سي موٽي آيا آهن ۽ هزارين ٻيا جلد موٽي ايندا. تنهن کان سواءِ غريب هارين جي لاءِ مون ڪوآپريٽو سوسائٽيون جاري ڪرايون آهن. اهڙيون ارڙهن سوسائٽيون ته اڳيئي هنن ڇئن مهينن جي عرصي ۾ قائم ٿي ويون آهن، سکر واري واهه جي جاري ٿيڻ بابت جيڪي اوهان چيو تنهن مان بيشڪ هن رياست کي سارو سال آباديءَ جو فائدو پيو پهچندو. آئون خوشيءَ سان چوان ٿو ته خيرپور کي آباديءَ جي لاءِ اڳيئي پاڻي پورو هو فقط ذڪڻ واري ڀاڱي ۾ گهٽي آباديءَ لائق غير آباد زمين پيل آهي، جتي پاڻي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

گهٽ آهي، تنهن ڪري آبادگار بہ گهٽ آهن. پهرين ڳالهہ جو علاج ڇيڙ جي معافي آهي ۽ ٻي ڳالهہ بابت مون انهيءَ وڏي واهہ مان نڪرڻ واري شاخ سڏارڻ جي منظوري ڏني آهي، جا پنجويهن ميلن تائين ويندي ۽ مٿس اٽڪل هڪ لک رپيا خرچ ٿيندا. پوءِ اٽڪل ڏهہ هزار ايڪڙ نئين غير آباد زمين آباد ٿي ويندي، پڇاڙيءَ ۾ آئون خدا کان دعا ٿو گهران تہ هو هن نئين حالت ۾ مون کي هدايت ڪري ۽ مون کي طاقت ۽ هوش ڏئي تہ پنهنجي هن نئين عهدي جا فرض اهڙي ايمانداريءَ ۽ انصاف سان بجا آڻيان، جو منهنجي رعيت کي فائدو رسي، جنهن جي سک ۽ آسائش جي هميشہ مون کي ڳڻتي رهندي“

تنهن کان پوءِ هز ايڪسيلينسي گورنر صاحب بمبئي سر جارج لائڊ جي مبارڪباد جي پهتل تار پڙهي ويئي ۽ هز هائينس مير صاحب انهيءَ مبارڪ موقعي جي خوشيءَ ۾ ڇهہ قيدي آزاد ڪيا ۽ ٽن ڏينهن تائين رياست ۾ سڀ آفيسون ۽ اسڪول بند رهيا.

هز هائينس مير علي نواز خان، 9 تاريخ آگسٽ سن 1884ع جي تولد ٿيو هو ۽ 37 ورهين جي ڄمار ۾ رياست جي گاديءَ تي ويٺو. ننڍي هوندي هو ڪوٽڏيجيءَ ۾ پڙهندو هو. وڏي هوندي انگريزي تعليم لاهور جي ايچسين جيفسن ڪاليج ۾ ورتائين، جتي گهڻا ورهيہ رهيو. خيرپور جي رياست ۾ سندس خانگي تعليم لاءِ مسٽر ولسن نالي هڪڙو قابل ماڻهو مقرر ڪيو ويو هو جو لاهور ۾ ساڻس گڏ رهندو هو. جڏهن تعليم جو ڪم پورو ڪيائين، تڏهن هن کي ڪپتان ريلي سان گڏ يورپ ڏي موڪليو ويو، جتي نَوَ مهينا وڃي زيادہ تعليم ورتائين، جا هن پوري طرح حاصل ڪئي ۽ يورپ ۽ هندستان جا گهڻا پاڱا گهمي ڏٺائين، جنهن ڪري دنيا جي هن کي چڱي واقفيت حاصل ٿي آهي، انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو آهي تہ مسند نشيني کان پوءِ هڪدم رياست جي سڌاري جو ڪم

شروع ڪيو اٿس، جيئن مٿي سندس تقرير مان معلوم ٿو ٿئي.

1921ع جي نومبر مهيني ۾ هز هائينس مير صاحب دهلي ۾ چيمبر آف پرنسز يعني شهزادن واري مجلس ۾ بہ وڃي شامل ٿيو ۽ بمبئي ۾ بہ ڪيترا دفعا ويو آهي، پهرين ساڳئي سال جي آگسٽ مهيني ۾ تہ هز ايڪسيلنسي گورنر صاحب بمبئي جي ملاقات لاءِ ويو ۽ نومبر ۾ هز رائل هائينس پرنس آف ويلس جي استقبال ۽ ملاقات لاءِ ويو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هز هائينس مير صاحب کي هڪڙو پٽ آهي، جنهن تي سندس ڏاڏي مير فيض محمد خان جو نالو آهي، جو 4 جنوري سن 1913ع جي ڄائو هو. مير صاحب کي ٻه ڀائر آهن، هڪڙو مير علي محمد خان، جو اٽڪل 34 ورهين جو آهي ۽ ٻيو مير غلام علي خان جو 32 ورهين جو آهي ۽ ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جو بي. اي آهي ۽ ملٽري ۾ درجو ميجر جو اٿس.

هز هائينس مير علي نواز خان جي حڪومت جي شروع ٿيڻ تي رياست جي عهديدارن ۾ هيٺيون ڦيريون گهيريون ۽ مقرريون ٿيون. نئون وزير شيخ محمد قادر صاحب ته اڳيئي مرحوم مير سر امام بخش خان جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ميان محمد ابراهيم خان صاحب جي جاءِ تي آيل هو. نائب وزير گل حسن خان جي جاءِ تي شيخ شير علي ٿيو جو اڳوڻي وزير مرحوم شيخ صادق علي جو پٽ آهي ۽ انگريز سرڪار جي ملڪ ۾ سانگهڙ جو مختيارڪار هو. مسٽر تولا رام پينشنر مختيارڪار زمينن جي حقن جي جاچ ۽ تپاس لاءِ انڪوائري آفيسر مقرر ٿيو. مسٽر عبدالمجيد دريشاڻي ايم اي، جو اڳي به خيرپور هاءِ اسڪول جو پرنسپال هو ۽ ڇڏي ويو هو سو وري اتي آيو. مسٽر مينا رام جو پڻ اڳي رياست ۾ هو ۽ پوءِ نڪري ويو هو سو وري مختيارڪار ڪري آندو ويو ۽ في الحال آدمشماريءَ جو سپرنٽينڊنٽ ڪري رکيو ويو. ساڳيءَ طرح مسٽر گيانچند، جو اڳي رياست مان نڪري ويو هو سو وري ڪوآپريٽو سوسائٽين جو رجسٽرار ڪري رکيو ويو. ميان غلام قادر مختيارڪار کي ڪن ڳالهين ڪري موڪل ڏني ويئي ۽ هو رياست مان نڪري ويو ۽ رمضان خان پينشنر پوليس انسپيڪٽر کي رياست ۾ پوليس انسپيڪٽر ڪري رکيو ويو ۽ اڳوڻي انسپيڪٽر ميان غلام حسين استعيفيٰ ڏني. مير مريد احمد خان کي ٻيلن جو عملدار مقرر ڪيو ويو. ٻيا سڀ عملدار بحال رهيا.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب ارڙهون

سر مير فيض محمد خان ۽ سر مير امام بخش جي حڪومت

۾ ملڪي انتظام ماڻهن جي حالت وغيره جو بيان

مير سهراب خان ۽ مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان جي حڪومت ۾ ملڪي انتظام اڳوڻي نموني جو يعني ميرن جي صاحبي وارو هو جو ٿورو ٿورو ٿي سڌرندو ويو ۽ ملڪ جي حالت بہ بهتر ٿيندي وئي. مير علي مراد خان جي ڏينهن ۾ موچاري حالت هئي. تڏهن بہ اڳوڻي نموني جي هئي. مير صاحب هاڻوڪي زماني جا سڌارا پنهنجي مرضيءَ موجب ۽ پنهنجي طبيعت موافق ۽ پنهنجن ماڻهن جي حالت موافق جيڪي ڪري سگهيو ٿي سي ٿي ڪيائين. مگر انگريز سرڪار جي ملڪ جي نموني تي گهڻو سڌارو ڪو نہ ٿي ڪيائين ۽ نڪي انگريز سرڪار انهيءَ نسبت ۾ ڪيس ڪنهن چيو ٿي يا زور ڪيو ٿي ۽ نہ اهڙن سڌارن جي ڪرڻ لاءِ وزير يا ڪو ٻيو پنهنجو عملدار ٿي ڏنائون. جيئن پوءِ ٿيڻ ۾ آيو ۽ نہ ڪنهن بہ ٻئي قسم جي دست اندازي ٿي ڪيائون. بلڪ ريلوي، جا حيدرآباد ۽ روهڙي تائين رياست ڪان لنگهڻي هئي، سا بہ مير صاحب لنگهڻ نہ ٿي ڏني. شڪار گاهون اڳي وانگي زور هيون. آبادي ي فائدي جي نظر تي شڪار گاهن، ٻيلن ۽ جهنگن کي نقصان نہ ٿي پهچي سگهيو. حڪومت جو چرخو بہ اڳوڻي نموني تي ٿي هليو. سر مير فيض محمد خا جي حڪومت ۾ ئي سرڪار جي زيادہ دست اندازي ٿيڻ لڳي ۽ ريلوي بہ کلي ۽ سرڪار جي طرفان وزير بہ ملڻ لڳو. جنهن جي معرفت انگريز سرڪار جي ملڪ وارو انتظام شروع ٿيڻ لڳو ۽ اهڙا سڌارا ٿورا ٿورا ٿي شروع ٿيڻ لڳا. جي پوءِ ويا وڌندا ۽ هاڻي اچ تائين ٿيندا اچن. آدمشماري بہ اڳي ڪان زيادہ ٿي آهي، جيئن پهرين باب ۾ ڏيکاريل آهي. ڍل وغيره جي اوڳاڙڻ جو يا ملڪ مان ٻي پيدائش ڪيڻ جو بهتر بندوبست ٿيو آهي.

زمين جي آبادي جي بنسبت ۾ ڪا پوري سروي ۽ سٽلمينٽ ڪان

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ٿيل آهي، مگر انهيءَ جو ڪم هلندڙ آهي ۽ ڏيهن، جاگيرن، ٻيلن ۽ شڪار گاهن جون حدون ماپ ڪرائي نروار ڪيون ويون آهن ۽ انهن جا نقشا يا چڪ بہ تيار ڪيا ويا آهن، حساب ڪيو ويو آهي تہ ساري رياست ۾ 1250 چورس ميل يا اٽڪل اٺ لک ايڪڙ آبادي جي لائق زمين آهي، جنهن مان اٽڪل چوٿين پتي جيترو غير آبادي پئي آهي. باقي مان قريب ٽي پتي جيتري زمين هر سال واري واري سان آبادي هيٺ اچي ٿي. مکيہ فصل جوار، ٻاجهر، ڪڻڪ، چڻا، مٽر، مڱ آهن. ووئنڻ ۽ تماڪ بہ ٿين ٿا، نير ساري سنڌ کان زيادہ هتي ٿو ٿئي ۽ واپار لاءِ ٻاهر ويندو آهي. آفيم ۽ ڀنگ لاءِ پوک ٿيندي آهي، مگر انهيءَ لاءِ ڪي رڪاوٽون آهن ۽ رياست جي حد اندر اُهي ڪم ايندا آهن نہ ٻاهر. کوهن ۽ زمين جي سڌاري لاءِ رياست مان ماڻهن کي وياج کان سواءِ تقاوي ملندي آهي، تنهن ڪري آبادي گهٽي وڌي آهي ۽ سرڪاري ڍل سال بسال وڌندي ٿي وڃي. حساب ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ زمين مان سرڪاري پيدائش جا ڪي سال اڳي چار پنج لک رپيا مس هئي سا وڌندي وڃي، تيرهن چوڏهن لکن سان لڳي آهي، بلڪ زيادہ. ڏنل تقاوي جي بنسبت ۾ بہ حساب ڪيو ويو آهي تہ هر سال اٺن هزارن کان وٺي چاليهن پنجاهن هزارن تائين گهرج آهر ڏني وڃي ٿي، پوءِ ڪي روڪ ۽ ڪي جنس ۾. ڏڪار اڪثر گهٽ پوندو آهي. 1899ع – 1900ع سال واري ڏڪار ۾ ٿر واري پاسي کي البت تڪليف رسي هئي. سڀ چوپايو مال مري ويو مگر ڏڪارين جي مدد لاءِ رياست جي سرڪار جي طرفان رياست جي رهاڪن توڙي جوڌپور ۽ جيسلمير مان آيلن ماڻهن جي لاءِ ڪاتي وغيرہ جا ڪم جاري ڪرايا ويا هئا. رياست جا گهڻا ماڻهو مال چارڻ وارا آهن، خاص ٿر جي پاسي وارا.

باراني آبادي تمام ٿوري ٿئي ٿي ۽ اها آبادي کوهن جي لاءِ تقاوي ملڻ ڪري زيادہ ٿيندي وڃي ٿي، مگر مکيہ آبادي واهن تي ٿي ٿئي. رياست ۾ وڏو واهہ مير واهہ آهي جو مير سهراب خان، رياست جي باني کڻايو هو ۽ جنهن جي ڪناري تي خيرپور جو شهر آهي. اهو سکر جي سامهون درياهہ مان نڪري ٿو ۽ ڏکڻ ڏي وهي ٿو ۽ خيرپور کان لنگهي ڪوٽ ڏيجي ڏي وڃي ٿو ۽ گهڻو ملڪ آباد ڪري ٿو. انهيءَ جي مدد لاءِ سر مير عليمراد خان به واهہ کڻايا هئا، هڪڙو سنيو واهہ ۽ ٻيو ابل واهہ. انهيءَ کان پوءِ سر مير فيض محمد خان جي وقت ۾

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

انجنيئري ڪاتو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن سئين واهه کي گهٽو سڌاريو آهي ۽ انهن مان هيٺيون مکيه شاخون ڪڍيون آهن. فيض واهه، فيض بخش، فيض گنج، فيض نهر، ۽ فيض موج. انهن واهن جي شاخن سميت ڊگهائي اٽڪل ٽي سئو ميل آهي ۽ انهن تي 314 چورس ميل زمين جا آباد ٿين ٿا. ٻيا رياست ۾ وڏا واهه هي آهن. غرقڻو جلدي، سنهڙو مين واهه، احمد پور واهه، مانڊو واهه، حمر جي واهه، ويهو واهه ۽ پنڌهو واهه.

اٽڪل ٽي سئو ميل ڊيگهه ۾ وڏا وڏ ارستا جڙيا آهن ۽ خاص سر مير فيض محمد خان جي وقت ۾. انهيءَ کان پوءِ اهو ڪم پيو هلي. هڪڙي وڏي شاهي سڙڪ حيدرآباد کان روهڙي ڏي ٿي وڃي ۽ اها خيرپور مان لنگهي ٿي. انهيءَ کان سواءِ ٻيون ڪيتريون ئي سڙڪون آهن، جي تعلقي جي وڏن شهرن کي خيرپور ۽ ڪوٽڏيجي سان ٿيون ڳنڍين. رياست مان اتر الهندي واري سرڪاري ريلوي به لنگهي ٿي ۽ انهيءَ تي هي اسٽيشنون آهن، ڪوٽ لعلو سينارجا، راڻيپور، گمبٽ، پير ڪٽپر، ٽنڊو مستي خان ۽ خيرپور.

رياست خيرپور ۾ ٽپال جي ڪم لاءِ خيرپور منجهه هڪڙي سب پوسٽ آفيس آهي، نو برانچ پوسٽ آفيسون، انهيءَ جي هيٺ ٻين شهرن ۾ آهن. رياست جي سرڪار، سرڪاري ڪم لاءِ سرڪاري ٽڪليفون ڪم آڻيندي اهي. مٿين پنجن ريلوي اسٽيشنن تي جي تار آفيسون آهن سي رياست جي ماڻهن کي ڪمائتيون ٿي سگهن ٿيون. رياست جو ٽپال ڪاتو سن 1897ع کان وٺي انگريز سرڪار جي پوسٽل ڪاتي سان لاڳو ٿي سنڌ ۽ بلوچستان واري سرڪل ۾ داخل آهي.

جيڪو واپار جو مال رياست مان ٻاهر ويندو آهي سو هي آهي: اَن، ڪپاهه، اُنَ، کلون، تماڪ، نير، سادو ڪپڙو ۽ چانهيو. هٿ جا اٽيل ڪپڙا ۽ چم جون شيون ۽ ڪنيرن جا ٽانوَ ۽ سرون ۽ ٻيا اهڙا رواجي ڊنڊا اُتي هلندا آهن، مگر ڪيس گمبٽ جا ۽ رنگريزي خيرپور جي مشهور آهي. غاليچن اُٽڻ جو ڪارخانو سن 1900ع ۾ وڏو ويو هو جنهن ۾ امرتسر کان استاد گهرائي رکيا ويا هئا ۽ ڪيترائي ٻار اهو ڪم اتي سکندا آهن. ڪاٺ جي ٽڪڻ جو ڪم ۽ ڪاشيءَ جو ڪم، زردوزي ڪم ۽ ريشمي پرت جو ڪم به خيرپور جي هنري اسڪول ۾ ٿيندو آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

سال 24_1923ع کان وٺي بٽائي جي بدران ڪاسڪي جوار ۽ ٻاجهريءَ تي خيرپور تعلقي ۾ آزمائش طور مقرر ڪئي وئي آهي. جوار في ايڪڙ ڏهه ڪاسا ۽ ٻاجهري في ايڪڙ ساڍا ست ڪاسا, ڪاسڪي جو مطلب آهي ته مقرر ڪري انهيءَ جي قيمت هلندڙ اگهه موجب ٺهرائجي. هر سال 15 تاريخ جنوري جي پيسا وصول ڪجي. اهو رواج هاڻوڪي حالت جي نظر تي آبادگارن کي بٽائي کان زياده پسند آهي. اهو ڪاسڪيءَ جو انداز هن نظر تي مقرر ڪيو ويو آهي ته آباگارن کي خراب فصلن جي هئڻ جي حالت ۾ معافي ملي سگهي ٿي.

سرڪاري ڍل ۽ محصول اڳاڙڻ جو انتظام قديم وقت وارو هليو اچي ٿو. بعضي زمين جي پيدائش مان سرڪار بٽائي ڪندي آهي. اتي جي ماڻهن کي ٺهرايل ڍل کان بٽائي زياده پسند ايندي آهي. بٽائي ۾ سرڪار ٿي پتي ڪڻندي آهي, پوءِ پوک ڀلي هجي يا ڍلي هجي. وڏا زميندار ڪي ٿورا آهن, تنهن ڪري باقي ٻه پتيون اڪثر آباد ڪندڙ زميندار کي ملن ٿيون, حساب ڪيو ويو ته آبادي جي هر هڪ ايڪڙ تي سرڪار کي ساڍا پنج رپيا ٿا ملن. جيڪو سرڪاري ان بٽائي ٿيندو آهي, تنهن جي رکڻ لاءِ ريلوي اسٽيشنن جي ويجهو گدام سرائون ٺهرائي ڇڏيون اٿن, ٺهرايل ڍل مقرر ڪئي ويئي آهي. جيئن ته ڄانيو سرنهن, ڇٽا ۽ مٽر وغيره..

پيدائش جا مکيه اُپاءَ هي آهن. زمين جي ڍل مان اٽڪل سورنهن لک رپيا, ٻيلن مان اٽڪل ستٽيهه هزار ۽ شراب, ڀنگ وغيره تي محصول اٽڪل پنجونجاهه هزار, فوجداري ڏنڊ اٽڪل ٻارنهن هزار, پلي ۽ مڇي جي مقاطعن مان اٽڪل يارنهن هزار, ڪلن جي محصول مان اٽڪل ٻارهن هزار, لوڻ مان اٽڪل ٽيتاليهه هزار. زمين جي چڱي اجاري يعني اڪثر محصول مان اٽڪل ايڪونجاهه هزار, پر لوڻ انگريز سرڪار جي ملڪ مان ايندو آهي ۽ فائدي تي وڪامندو آهي.

انهيءَ مان اٽڪل سوا ٻه لک جاگيردارن ۽ ٻين معافيدانن کي ملي ٿو ۽ ٻئي خرچ جون رقمون هي آهن. ملڪ جي حڪمراني, پوليس جي حفاظت, تمام فائدي جا ڪم, هز هائينس جوءِ ان جي ڪئمپ جو خرچ, صاحبزادن جو ماهيانو خرچ وغيره.

وزيرن جي رکڻ کان پوءِ رياست جي روينيو پيدائش سال بسال

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

وڏندي ويئي آهي. پهرئين وزير خان بهادر قادر داد خان جي وفات وقت يعني سال 1903ع ۾ رياست جي پيدائش تيرهن لک ڇهه هزار هئي. ٻئي وزير سردار محمد يعقوب جي وفات وقت يعني 1907ع ۾ چوڏهن لک اٺهٺ هزار هئي، شيخ صادق علي صاحب جي وفات مهل يعني 1912ع ۾ ارڙهن لک اٺونجاهه هزار هئي. هاڻي شيخ محمد قادر صاحب جي ڏينهن ۾ ستاويهه لک ۽ ستاويهه هزار هئي.

ملڪي حڪمراني ۽ انصاف جو بندوبست هي آهي. انگريز سرڪار جي حڪومت جاري ٿيڻ کان پوءِ به گهڻن ورهين تائين رياست جي حڪومت جو انتظام ٽالپرن جي ڏينهن وارو هليو آيو. جڏهن کان وٺي رياست کي انگريز سرڪار جي معرفت وزير ملڻ لڳا آهن، تڏهن کان وٺي انهيءَ انتظام ۾ هر طرح جو سڌارو ٿيڻ لڳو آهي، حڪومت جو سارو مدار مير صاحب تي آهي ۽ رعيت جي موت ۽ حياتيءَ جو اختيار به انهيءَ کي آهي. انهيءَ جي هٿ هيٺ ٻيو وڏو اختيار وارو سرڪار جو ڏنل وزير آهي، جنهن کي ضلعي جي مئجسٽريٽ ۽ ضلعي ۽ سيشن جج واريون سڀ اختياريون آهن. انهيءَ جي هيٺان به نائب وزير رهن ٿا: جن مان هر هڪ کي رياست جا ٻه ڊويزن يا پاڱا آهن. هڪڙو خيرپور وارو پاڱو جنهن ۾ خيرپور ۽ گمبٽ جا ٻه تعلقا آهن ۽ ٻيو مير واهه وارو پاڱو جنهن ۾ ميرواهه ۽ فيض گنج ۽ ناري جا تعلقا آهن. هر هڪ تعلقي تي مختيارڪار رکيل آهي.

نائب وزير سب ڊويزنل مئجسٽريٽ ۽ فرسٽ ڪلاس سب جج آهن ۽ مختيارڪارن کي به فوجداري توڙي ديواني، ٻئي اختياريون آهن. اهڙيون ساڳيون اختياريون مير صاحب جي ويجهن عزيزن يا صاحبزادن کي به آهن. انگريز سرڪار وارا قانون ۽ قاعدن جا ڪتاب هتي به جاري آهن، خاص ڪري انڊين پينل ڪوڊ ۽ ڪرمنل پروسيڊ ڪوڊ تڪرارن ۽ مقدمن جي گهٽائڻ لاءِ پٽيلن ۽ وڏيرن ۽ نيڪ مردن جو پنچا تي بندوبست به رکيل آهي ۽ انهيءَ جي معرفت مختيارڪار جي روبرو راجوڻا فيصلا ٿين ٿا ۽ ڌرين جي مرضيءَ موجب پرچاءِ يا نهراءَ ٿين ٿا، يا فيصلي لاءِ امين مقرر ٿين ٿا. امينن جو فيصلو اهڙو آخري ۽ ٻڌندڙ آهي، جهڙو جج يا منصف جو ۽ امينن جي فيصلي ۾ ڪورٽ في وغيره جو خرچ ڪون ٿو ٿئي. تنهن ڪري ڌريون خوشيءَ سان اهڙو فيصلو پسند ڪنديون آهن. قرضي آبادگارن تان

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

قرض جي بار هلڪي ڪرڻ لاءِ ٿورن ورهين کان ڪيترائي قانون جاري ڪيا ويا آهن، جيئن تہ وڪرن توڙي گروي نامن ۽ مقاطعن جو ضروري رجسٽر ٿيڻ، ڪورٽن کي دستاويزن جي سچائي ۽ اصل بنياد جي جاچ ڪرڻ. فرض جي شروع کان وٺي تحقيقات ڪرڻ قرض ادا نہ هئڻ ڪري قيد نہ ڏيڻ، آبادي وارن چئن مهينن ۾ هارين کي سمن تي گهرائڻ جي بندش، ڊڪري جي تعميل ۾ زمين جي وڪري ڪرڻ تي بندش ۽ آبادگارن کي مدد ڏيڻ يا رليف جو ائڪٽ جاري ٿيڻ.

پوليس جي ڪم لاءِ ٻن سون کان مٿي سپاهي رهن ٿا. انهن جي مٿان ناظم مقرر آهي، جنهن جي هيٺان مدد لاءِ هڪڙو انسپيڪٽر رهيٿو چاليهارو پوليس عملدار آهن. پنجاهہ ست گهوڙي سوار آهن ۽ ڏهہ پندرهن شتر سوار آهن ۽ نوي يا سئو ڪانسٽيبل ۽ ويهارو منشي آهن، ٽيهارو کن چونديلن ماڻهن کي بندوقون مليل آهن، باقي ٻين کي تراريون مليل آهن. ڳوٺ جا چڱا مڙس ڳوٺ جي پوليس وارا فرض ادا ڪندا آهن. گهڻا ڏوهہ اڪثر چوري، ڪپت، ايذا، ڪاهہ ۽ پنهنجو پاڻ کي ايذا رسائڻ جا آهن.

رياست جي لشڪر ۾ ٻہ سئو کن قواعد سکيل پيادا آهن ۽ سئو کن بي قائده سوار ۽ چار توبون آهن. جيڪي پيادا آهن سي باقاعدي پوليس وانگي ڪم ايندا آهن ۽ باجي وارا بہ انهن منجهان هوندا آهن. جيڪي سوار آهن سي پهري جو ڪم ڏيندا آهن ۽ ڪي مير صاحب وغيره جي حاضري ۾ رهندا آهن. توبون فقط سلاميءَ جي لاءِ رکيل آهن. سينٽ جان ائمبولنس سوسائٽيءَ جي هڪڙي شاخ بہ قائم ٿيل آهي جا چڱيءَ طرح پئي ڪم ڪري.

هڪڙو وڏو جيل ڪوٽڏيجي ۾ آهي ۽ هڪڙو ننڍو جيل خيرپور ۾ آهي. هر سال قيدين جو تعداد سراسري بہ سويا انهن کان ٿورو گهٽ وڌ رهي ٿو.

تعليم جي ڪم اڳي کان هاڻي گهڻي ترقي ڪئي آهي، اڳي مسجدن وارا ملن جا اسڪول يا مڪتب گهڻا هوندا هئا. هاڻي اُهي گهٽجي انهن جي بدران پورا مڪتب ٿيا آهن.

سن 1904ع ۾ هڪڙو اينگلو ورنيڪيولر اسڪول شروع ڪيو

ويو هو. جو هنري اسڪول بنايو ويو هو ۽ آبرو وارن مسلمان ڇوڪرن جي رهڻ لاءِ انهيءَ سان لاڳو هڪڙو بورڊنگ هائوس بہ ٺهرايو ويو. انهيءَ کان سواءِ 18 ڇوڪرن جي رهڻ جا وڏا ۽ 16

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

پرائمري يا 5 مقاني اسڪول، 50 ڇوڪرين جا، 38 گرانٽي يا مدد ڏنل مسلمانن جا مڪتب ۽ 2 هندو سنڌي اسڪول آهن. انهن کان سواءِ هڪڙو مدد ڏنل انگلو ورنيڪيولر سيڪنڊري اسڪول ۽ هڪڙو مدد ڏنل پرائمري اسڪول ۽ هڪ عربي اسڪول ۽ هڪ هنري اسڪول ۽ هڪ زنانو اسڪول خيرور ۾ آهن. ٻن ورهين کان هڪڙو هاءِ اسڪول بہ اتي جاري ڪيو ويو آهي، جنهن سان بورڊنگ هائوس بہ شامل آهي. اهڙا بورڊنگ هائوس رياست ۾ ڇهن ٻين هنڌن تي بہ آهن. هنري اسڪول ۾ سواءِ رواجي تعليم جي واڍڪو لوهارڪو درزڪو جنڊي جو ڪم، پرت ۽ زردوزي ڪم ۽ اُڪر جو ڪم بہ سيکارڻ ۾ ايندو آهي. غاليچن اُڻڻ جو ڪارخانو جنهن تي جائلس صاحب جو نالو پيل آهي، سو بہ انهيءَ هنري اسڪول جو ڀاڱو آهي. تازو ڪوٽڏيجي ۾ هڪڙو زنانو اسڪول بہ جاري ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ٽالپرن جون ڇوڪريون بہ پڙهن ٿيون.

مير فيض محمد خان جي ڏينهن ۾ رياست جو ڇاپخانو بہ قائم ٿيو جنهن کي فيض پريس نالو مليو آهي. پهرين لٿو گراف ڪم هلندو هو پر پوءِ وزير ميان محمد ابراهيم جي ڏينهن ۾ انهيءَ ۾ ٽائيپ جو بہ بندوبست ڪيو ويو ۽ هاڻي اها تمام عمدن پريسن مان هڪڙي آهي ۽ تمام عمدو ڪم ڪري ٿي.

رياست ۾ ٽي اسپتالون يا شفا خانا ۽ چار ڊسپينسريون يا دوا خانا آهن، جي سڀ خيراتي دوائون ٿيون ڏين. انهن تي هر سال اٽڪل 6000 رپيا خرچ ٿو ٿئي. خيرپور ۾ هڪڙي زناني اسپتال بہ آهي ۽ هڪڙي جانورن جي بہ اسپتال آهي، جنهن ۾ هر سال پنجن ڇهن هزار جانورن جي دوا ٿي ٿئي. پنج ويڪسينيٽر آهن جي رياست اندر ٽڪا هڻن ٿا، ڄمڻ مرڻ جو داخلا تپيدارن ۽ ڊپ منشين ۽ پوليس وارن جي معرفت ڪجي ٿو. بہ ساني گهوڙا ۽ ٽي ساني گڏهہ بہ جدا جدا جاين تي رکيل آهن. 1903ع کان اڳي رياست پنهنجا سڪا هلائيندي هئي، انهيءَ کان پوءِ انگريز سرڪار وارا سڪا هلندا اچن.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب اوڻيهون

سر مير علي مراد خان جا وزير، منشي ۽ ٻيا ڪامورا

شروعات ۾ جڏهن مير صاحب کي جنگيون ڪرڻيون ٿي پيون ۽ خوفناڪ وقتن ۾ گذارڻو ٿي پيو ۽ انگريز سرڪار ۽ ٻين آس پاس وارن حڪمرانن ۽ بادشاهن سان لکپڙهون ۽ واهپو رکڻو ٿي پيو. تڏهن سندس وڏو پٽ مير شاهنواز خان ۽ سندس وزير شيخ علي حسن ۽ سندس مير منشي ڪشنداس هر وقت ساڻ هم رڪاب رهندا هئا ۽ صلاحڪار هوندا هئا. جڏهن پرينديءِ مير صاحب مير رستم خان جي جاءِ تي مسند نشين ٿيو ۽ رياست جو رئيس ٿيو، تڏهن مير صاحب ڏاڍيون خوشيون ۽ بخششون ڪيون. پنهنجي وزير شيخ علي حسن کي هڪ لک رپيا نقد ۽ خلعت فاخره عطا ڪيائين ۽ مير منشي ڪشنداس کي سوني ترار ۽ خلعت ڏنائين ۽ ٻين عملدارن کي انعام اڪرام ۽ وڏا درجا عطا ڪيائين.

شيخ علي حسن اصل هندستان جو ماڻهو هو ۽ زر طلب لشڪر ۾ گهوڙي سوار ٿي داخل ٿيو هو. پوءِ پنهنجي چالاڪي ۽ جان نثاري جي ڪري چڙهي وڃي وزير ٿيو. انگريز سرڪار به کيس پسند ڪرڻ لڳي ۽ سندس طرفدار ٿي. انهيءَ ڪري هن جو مٿو ڦري ويو ۽ همسري جو دم هڻڻ ۽ سرڪشي ڪرڻ لڳو. انهيءَ ڪري مير صاحب پهرين ساڻس رنج ٿي کيس ڪڍي ڇڏيو پر پوءِ سر چارلس نيپئر جي چوڻ تي وري ساڻس پرتو، مگر شيخ علي حسن سرڪشي ۽ فساد کان نه رهيو ۽ ڪوڙا ڪاغذ لکي سرڪار وٽ پيش ڪرڻ ۽ مير صاحب تي چغليون هڻن لڳو، جنهن ڪري مير صاحب کان ملڪ جو پاڱو کسيو ويو، جيئن مٿي تاريخ مان معلوم ٿيو هوندو. مير صاحب شيخ علي حسن کي اصل ڪڍي ڇڏيو تڏهن مير منشي ڪشنداس کي سندس جاءِ تي وزير ڪيائين. انهيءَ منشي ڪشنداس ۽ سندس پٽ وشنداس جو نالو مٿي تاريخ ۾ به آيل آهي. اهي ٻئي ۽ سندن ٽيون ڀاءُ منشي ڪانسنگ، منشي ڀڳوانداس جا پٽ هئا ۽ منشي ڪانسنگ کي چار پٽ هئا، منشي اُتم چند، منشي سجانسنگ، منشي مولرام، منشي چندا سنگهه انهن منشين جو مير علي مراد خان جي ڏينهن ۾ ڏاڍو زور هو ۽ مير صاحب جي پٽن کان پوءِ انهن کي وڏا وڏا ۽ جوابداريءَ جهڙا عهدا

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هئا. بلڪ حڪومت جو سارو ڪارخانو انهن جي حوالي هوندو هو جيئن هيٺ معلوم ٿيندو.

پهرين مير صاحب جو وزير ۽ نائب سندس وڏو پٽ ۽ ولي عهد مير شاهنواز خان هو جو سندس ولايت وڃڻ واري وقت ۾ ملڪ هلائيندو هو ۽ سندس مير منشي ڪشنداس هو. مير صاحب جي موٽڻ کان پوءِ مير شاهنواز خان مير صاحب جو صلاحڪار هو اگرچہ پوئين ڏينهن ۾ ڪن سبب ڪري ڪن بدخواهن جي چورت تي مير صاحب جي ڏانهنس رغبت گهٽجي ويئي. ٻيو پٽ مير فيض محمد خان ناظم عدالت هو ۽ ٽيون پٽ مير خان محمد خان مدار المهام ۽ وزير حال هوندو هو. ۽ مير صاحب جو ننڍو پٽ مير غلام مهدي خان، جو تمام جرئت ڀريو ۽ چالاڪ هوندو هو ۽ جنهن سان پيءُ جي گهڻي محبت هوندي هئي، سو لشڪر جو سپهہ سالار هوندو هو.

مير منشي ڪشنداس، جو گويا وزير هو تنهن جي هيٺان هي عملدار هئا. ديوان مولچند دفتردار هوندو هو، جو ڪمدارن جو حساب ڪتاب تپاسيندو هو. ڪمدار هاڻوڪن مختيارڪارن وانگر تعلقي تعلقي جي مٿان عملدار هوندا هئا. دفتردار جي مٿان وري متصدي ديوان پرتابراءِ هوندو هو، جو مير صاحب جي سرسات ۽ سيڏي سامان، نقد توڙي جنسن جو بندوبست ڪندو هو ۽ گشت جي ڪم جو بہ جوابدار هوندو هو. اهي سيئي مالي ڪم وارا عملدار المهام صاحب جي هٿ هيٺ هئا.

سن 1875ع ڌاري منشي ڪشنداس پيرسنيءَجي ڪري گوشہ نشين ٿيو ۽ سندس پائٽيا منشي سجانسنگ ۽ منشي اتم چند مير منشي ۽ وزير مقرر ٿيا. سن 1877ع ۾ جڏهن مير صاحب دهلي واري دربار تان ٿي آيو ۽ سندس در جو وڏيو ۽ منشي اُتم چند سندس طرفان مهاراجا پٽيالي جي دعوت تان ٿي آيو تڏهن مير صاحب انهيءَ پنهنجن منشين سجانسنگ ۽ اُتم چند کي اضافو ڏنو ۽ سندن پگهار هزار رپيو ڪيائين ۽ جاگيرون بہ ڏنائين. سن 1878ع ۾ جڏهن بمبئي جو گورنر صاحب سر رچرڊ ٽيمپل خيرپور ۾ تشريف فرما ٿيو، تڏهن منشي اُتمچند جي ڏاڍي سرخروئي ٿي. سر رچرڊ پارسي ڄاڻندو هو ۽ منشي اتم چند

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

۽ پارسي عربي ۾ هوشيار هو. تنهن ڪري گورنر صاحب منجهانس ڏاڍو خوش ٿيو. ايتري قدر جو ڪيس بلبل بوستان خيرپور ڪري سڏيائين.

سن 1891ع ڌاري مير صاحب جي دربار ۾ خيرپور جي رهاڪن کان سواءِ ٻيا ڪي ٻاهريان ماڻهو بہ نوڪري ۾ وڏن وڏن عهدن تي داخل ٿيا. سيٺ هوتسنگ شڪارپور وارو ڪيترا سال مختيارڪار هو ۽ مالي ڪم ۾ گويا مدار المهام جو نائب هو. ميان واحد بخش پراڻي سکر وارو رياست جو وڪيل هو ۽ پوليٽيڪل ايجنٽ صاحب وٽ مير صاحب جي طرفان آمدورفت ۽ ڪم ڪار ڪندو هو. پر پوءِ سگهو ئي انهن ٻنهي کي نوڪري ڇڏڻي پئي. هڪڙو انگريز مسٽر ائڊسن نالي سيٺ هوتسنگ جي جاءِ تي مقرر ڪيو ويو. مگر انهيءَ مان بہ مير صاحب راضي نہ ٿيو ۽ منشين سان هن جو تڪرار ٿي پيو. جنهن ڪري هو نوڪري مان نڪري ويو. انهيءَ کان پوءِ مولوي محمد باقي هڪڙو هندستاني قابل ماڻهو مالياتي ڪمن تي رکيو ويو ۽ پنڊت ديا شنڪر هڪڙو هندستاني برهمڻ وڪيل پوليٽيڪل ايجنٽ وٽ ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ ڇڏيو ويو. ڪن سالن کان پوءِ مولوي محمد باقر اوچتو رياست ڇڏي ڀڄي ويو ۽ مٿس سکر ۾ رياست جي پاران مقدمو بہ هليو. ساڳي طرح پنڊت صاحب تي بہ الزام آيو ۽ آخر هنن کي بہ خيرپور ڇڏڻي پئي. جنهن کان پوءِ ميان علي بخش چوڌري جيڪب آباد جو رهندڙ وڏي درجي تي پهتو ۽ گهڻا ورهيہ هليو. بلڪ مير صاحب جي وفات کان پوءِ بہ نوڪري ۾ هو ۽ آخر مير فيض محمد خان جي حڪومت ۾ مسٽر قادر داد خان وزير هن تي جعلسازيءَ جو مقدمو هلائي هن کي سزاياب ڪرايو. انهن کان سواءِ سيد فتح علي شاهہ هالاڻي وارو رياست جي واهن کوٽائڻ ۽ بندن جي سنڀال تي مقرر هو. ڪن ورهين کان پوءِ انهن کي بہ نڪرڻو پيو. پوءِ سندس پٽ غلام حسين شاهہ آيو جو پڻ پوءِ نڪري ويو. انهيءَ جو ننڍو ڀاءُ سيد شهاب الدين شاهہ اڃا تائين رياست ۾ مختيارڪار آهي. سيٺ هوتسنگ شڪارپور جي نڪرڻ ڪري سندس پٽ سيٺ ڪتڻ سنگ نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو ۽ وڏي وڃي مختيارڪار ٿيو ۽ مير خان محمد خان مدار المهام جي هٿ هيٺ ڪم ڪندو هو. سن 1882ع ۾ مير خان محمد خان وفات ڪئي. جنهن ڪري مير صاحب کي ڏاڍو صدمو پهتو. تڏهن مالي ڪارخانو سارو منشين جي حوالي رهيو ۽ ڪتڻ سنگ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

انهن جي هٿ هيٺ رهيو. سرائي لطف علي خان، مير صاحب جو خاص مقرب ۽ حاضر باش هوندو هو ۽ مير صاحب جو منس گهڻو اعتبار هوندو هو. مير صاحب جي مهر سندس حوالي هئي ۽ سندس روبرو ڪاغذن جي مهر هڻندو هو ۽ توشا خاني ۽ حبيب خاص يعني خانگي خزاني جو ڪم به ڪندو هو ۽ صلاحڪار به هوندو هو ۽ اپيلن ٻڌڻ ۾ به مدد ڪندو هو ۽ نير جي پيدائش تي جيڪو خاص ۽ خلاصو عملدار مقرر هو ۽ جنهن کي فوطو ڪري سڏيندا هئا، تنهن تي به نظرداري ڪندو هو. ميان بلي خان لاشاري جاگيردار مينا مدد خان پرڳڻي ناري جو ڪاردار به معتبر ۽ مقرب هوندو هو ۽ نازڪ پوليٽيڪل ڪمن سان ڪمشنر صاحبن ۽ گورنر صاحبن ڏي وڪيل ٿي ويندا هئا. ڊاڪٽري جي عهدي تي راءِ تارا چند هو جو راءِ جواهر سنگ جو پٽ هو. جو رياست بلرامپور جي هڪڙي معزز خاندان مان هو. هو هميشہ مير صاحب سان هم رڪاب رهندو هو ۽ مير صاحب جي خاص مصاحبن مان هڪڙو هو. وڏي پگهار ڪان سواءِ هڪ جاگير به مليل هوس. جنگي عملدارن مان علي محمد خان پناڻ اصل ملتان جو وينل ۽ جمعدار الهداد خان ۽ جمعدار حمد ناصر خان ۽ بيا ڪي وڏا عهديدار هئا ۽ انهن جي هٿ هيٺ وڏو لشڪر پناڻن، مرين، بگٽين ۽ بين بروچن جو رهندو هو جن کي زر طلب سڏيندا هئا. اهي سڀ جنگي عملي وارا مير صاحب جي حياتيءَ جي پڇاڙيءَ تائين ساڻس رهيا ۽ وفادار ۽ نمڪ حلال ٿي گذاريائون.

اهي سڀ عهديدار مير صاحب جي نوڪريءَ ۾ هئا ۽ معتبر ۽ زور وارا مگر جهڙو زور منشين کي هو اهڙو ڪن ٿورن کي هو. چارئي منشي يائر منشي ڪارخانو تمام چڱو هلائيندا هئا. اهي چارئي يائر رياست جا چار عناصر سڏبا هئا. انهن جي اولاد مان به ڪي نوڪري ۾ هئا، جيئن تہ منشي منگهارام پٽ منشي وشنداس جو مير صاحب جي خاص ديري عالي سرڪار جو ساري عمر مختيارڪار هو ۽ منشي مولسنگ پٽ منشي ڪشنداس جو ۽ منشي هرگوبند پٽ منشي سجانسنگ جو. جنهن جو ياءُ منشي مولراج انگريزي پڙهي بي-اي امتحان پاس ڪيو انهن کي مير صاحب ولايت ڏي پڙهڻ لاءِ موڪليو ۽ اتان بئرسٽر ٿي آيو پوءِ انگريز سرڪار جي نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو. هاڻي سکر ۾ سٽي مئجسٽريٽ آهي. منشي سجانسنگ صلح پسند ۽ نرم طبع جو ماڻهو هو. منشي اُتم چند صاف دل ۽ پرهيز گار

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هو ۽ البته نرم مزاج ۽ رعب وارو مدبر هو. پارسي شعر به چوندو هو. مسلماني مذهب ۽ قرآن ۽ حديث مان چڱو واقف هو. شعر ۾ سندس تخلص صبا هوندو هو.[1] منشي چندا سنگ انگريزي، دان، تيز فهم، انشاءَ پرداز ۽ حاضر جواب شاعر هو ۽ قاعديدان به چڱو هو.

مير صاحب جي وفات کان پوءِ، جڏهن مير فيض محمد خان رياست جي واڳ ورتي ۽ انگريز سرڪار کيس مسٽر قادرداد خان وزير ڪري ڏنو، تڏهن منشي صاحبن کي نڪرڻو پيو. پهريون ڪم جو مسٽر قادر داد خان ڪيو سو اهو هو ته منشي صاحبن کي رياست مان روانو ڪيائين جو کيس پڪ هئي ته سندن هلندي ايتري قدر هئي، جو خود سندس هلي نه سگهندي، هن کي رواني ڪرڻ کان پوءِ ملڪ ۾ سڌارا ڪرڻ لڳو.

انهن منشين جي خاندان جو اصل باني نواب سورجمل ڪڪريجا هو جو قريب به سؤ ورهيه اڳي دهليءَ جي پاسي جو رهاڪو هو. سئو کن ورهيه ٿيندا جو انهيءَ خاندان جو منشي ڀڳوانداس ملتان مان سنڌ ۾ آيو ۽ مير سهراب خان وٽ اچي نوڪر ٿيو. انهيءَ جو پياءُ منشي لالداس قابل حڪيم ۽ طبيب هو ۽ پالڪيءَ ۾ چڙهندو هو. جنهن ڪري هن کي لعلداس پالڪيءَ وارو چوندا هئا.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

باب ويهون

مير فيض محمد خان، مير امام بخش خان ۽ مير علي نواز خان جا وزير

مٿئين باب ۾ مرحوم سر مير علي مراد خان جي وزيرن ۽ ٻين ڪامورن جو احوال ڏنو ويو آهي. هن باب ۾ سندس پوئين جانشينن جي وزيرن ۽ ٻين ڪن خاص ڪامورن جو ذڪر ڪجي ٿو. مٿي معلوم ٿيو هوندو تہ مرحوم مير سر فيض محمد خان کي پهرين انگريز سرڪار جي طرفان خان بهادر قادر داد خان وزير ٿي مليو جنهن ملڪ ۾ گهڻا سڌارا ڪيا. انهيءَ جي وفات کان پوءِ سندس وزير سردار محمد يعقوب ٿيو. جنهن انهن سڌارن کي وڌايو. انهيءَ جي وفات کان پوءِ شيخ صادق علي وزير ٿيو. جنهن جي وزارت جي ڏينهن ۾ مير فيض محمد خان وفات ڪئي ۽ مير امام بخش خان گادي تي ويٺو. انهيءَ جي حياتيءَ ۾ وري شيخ صادق علي وفات ڪئي، جنهن جي جاءِ تي ميان محمد ابراهيم وزير ٿيو. انهيءَ مير صاحب جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ميان محمد ابراهيم نڪري ويو ۽ شيخ محمد قادر وزير ٿي آيو جو اڃا هلندو اچي. سگهو ئي پوءِ مير امام بخش خان وفات ڪئي ۽ هز هائينس مير علي نواز خان گاديءَ تي ويٺو جنهن جي حڪومت پئي هلي.

مٿين وزيرن جي ڏينهن ۾ جيڪي سڌاري جا ڪم رياست ۾ ٿيا، سي مٿين مير صاحبن جي حڪومت جي احوال ۾ ڏنا ويا آهن.

هن باب ۾ مٿين سيني وزيرن جي حياتيءَ جو مختصر احوال يا سوانح عمري ڏني ويندي. مگر انهن جي احوال ڏيڻ کان اڳي وزيرن کان هيٺ ڪن مکيہ عملدارن جا نالا ڏينداسين جي مرحوم مير فيض محمد خان ۽ مير امام بخش خان جي ڏينهن ۾ هئا ۽ جن مان ڪي اجا بہ آهن ۽ ٻين جي جاءِ تي جيڪي نوان ٿيا سي هز هائينس مير علي نواز خان جي حڪومت جي احوال ۾ ڏنا ويا آهن.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

1. ميان محمد پريل خان نائب وزير مير واهہ ڊويزن جو ميان محمد ابرهيم وزير جي وقت ۾ انگريز سرڪار کان ورتو ويو. دادو تعلقي جو ويٺل آهي ۽ ذات جو پنوهر آهي. هن کان اڳي ڪمشنر صاحب بهادر جي آفيس ۾ مير منشي هو.

2. بابو غلام محمد خان نائب وزير خيرپور ڊويزن جو مرحوم خان بهادر قادر داد خان جي وقت کان رياست ۾ نوڪر ٿيو. اصل ضلع جلندهر چودرن جو ويٺل آهي. ذات جو اعواڻ آهي، پنجاب يونيورسٽيءَ جو بي اي آهي.

3. ملڪ شير دل جان رياست ۾ ناظم پوليس جو آهي، جو اڳوڻي ناظم مرزا نواز علي بيگ ولد مرزا محمد باقر بيگ گردي جي خرابي ڪري، وفات ڪرڻ تي انهيءَ جي جاءِ تي مقرر ٿي آيو. اڳي انگريز سرڪار جي ملڪ ۾ پوليس انسپيڪٽر هو. هو مشهور نومڙين جي خاندان مان آهي جو ڪوهستان جي ٿاڻي احمد خان جو ويٺل آهي. سندس وڏو ڀاءُ ملڪ صوبدار خان فرسٽ ڪلاس جاگيردار آهي. هن سن 1823ع ۾ وفات ڪئي آهي، ڪوٽري سندن جاگير ۾ آهي. سندس ننڍو ڀاءُ شاهنواز خان انگريز سرڪار وٽ پوليس انسپيڪٽر آهي.

4. ميان گل حسن خان نائب وزير ڪئمپ شاهيءَ جو جنهن کي هميشہ مير صاحبن جي خدمت ۾ رهڻو ٿو پوي. هو شڪارپور جو رهاڪو آهي ۽ پٺاڻن جي دراني خاندان مان آهي. هي نئين انتظام جي شروعات ۾ خان بهادر قادر داد خان جي زماني کان وٺي هليو اچي ۽ وزير ميان محمد ابراهيم سان گڏ رياست مان نڪتو.

5. ميان احمد رحمت الله متصدي جي عهدي تي رهيو. وڪالت جو امتحان پاس ڪيل هوس. ڪراچي جو ويٺل ۽ ميمڻ ذات جو آهي. هي بہ جهونو آهي ۽ مرحوم قادر داد خان جي زماني کان رياست ۾ نوڪر ٿي رهيو.

6. ميان محمد الياس ملٽري سيڪريٽري هو ۽ ميان محمد هارون جيلن جو سپرنٽينڊنٽ هو. اهي ٻئي ميان محمد دائود جا پٽ آهن، جو وزير ميان محمد ابراهيم جو ڀاءُ هو. اهي بہ وزير سان گڏ رياست مان نڪري ويا.

1 ـ خان بهادر قادر داد خان جو احوال

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هو ڪاڪڙ پٺاڻن جي خاندان مان هو. سندس وڏا اصل قندهار کان آيل هئا، جي اچي شڪارپور ۾ رهيا. سندس پيءُ ڏاڍو ڀٽي سوداگر هئا. سندس والد قندهار ۾ ڄائو هو. هو اجا اٺن ورهين جو هو تہ سندس پيءُ ٻار ٻچا وٺي سنڌ ۾ آيو. اڳي گهڻا پٺاڻ سياري جي موسم ۾ قافلا ڪري ميوا ۽ پوستينون ۽ ٻيو مال کڻي شڪارپور مان لنگهي سنڌ ۾ ايندا هئا ۽ گرميءَ جي موسم ۾ وري موٽي ويندا هئا. انهيءَ طرح هن جو پيءُ بہ آيو هو. پنهنجو سڀ مال وڪڻي وطن ڏي موٽڻ جي بدران سودي ڪرڻ لاءِ دهليءَ ڏي روانو ٿيو ۽ ٻار ٻچا شڪارپور ڇڏي ويو. رستي ۾ چورن اچي ورايس. مال بہ ڦري ويس ۽ ڪيس بہ ماري وڌائون. انهيءَ وقت قادر داد خان يتيم ٿي پيو. پيءُ جي ملڪيت مان ڪن ٿورن سون رپين کان سواءِ ٻيو وٽس ڪين بچيو. هن کي سندس والده ۽ سندس مامي رحمت خان پالي وڏو ڪيو ۽ پڙهايو. پندرهن ورهين تائين هن پارسي پڙهي پوءِ گذران لاءِ نوڪري جو خيال ڪرڻ لڳو ۽ اٺين رپئي پگهار تي هڪڙي سرڪاري آفيس ۾ دفتر بند ٿيو. پوءِ محنت ڪرڻ ۽ پاڻ کي سڌارڻ جي اهڙي ڪوشش ۽ جانفشاني ڪيائين جو ٿورن ئي ورهين ۾ منشگيري جي درجن مان لنگهي مختيارڪار ٿيو. نَوَ ورهيہ مختيارڪاري ڪيائين ۽ هوشياري ۽ چالاڪي ۽ ايمانداريءَ جي ڪري ڏاڍو نالو ڪڍيائين، جنهن ڪري سندس آفيسر منجهانس نهايت خوش ٿيا. پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. ارڙهن ورهين ۾ ڊپٽي جي درجي ۾ بہ چڙهي پهرئين درجي کي پهتو. سن 1892ع ۾ ڪيس سي. آءِ. اي جو خطاب مليو. خان بهادر جو لقب تہ اڳيئي مليو هوس. سن 1894ع ۾ نوشهره جي ڊپٽي ڪليڪٽريءَ تان رياست خيرپور ۾ وزير مقرر ٿيو. جڏهن مرحوم مير فيض محمد خان رياست جي گاديءَ تي هو. رياست ۾ هن کي اڳوٽي بندوبست جي بدران نئون بندوبست رکڻو هو. تنهن ڪري پهرين گهڻي مشڪلات پيش آيس، پر پوءِ آهستي آهستي ڪري هن سڀ ڪنهن ڪاتي ۾ نوان سڌارا ڪيا. اهڙا عمدا بندوبست رکيائين، جن جي نموني تي ڪانئس پوءِ ٻيا وزير هلندا آيا ۽ جن جو چڱو نتيجو اجا تائين معلوم پيو ٿئي. رستا واهہ، پليون، اسڪول ۽ ٻيون ضروري ۽ ڪمائتيون سرڪاري عمارتون جوڙايائين ۽ حڪومت جي سلسلي ۾ انتظام کي اهڙي پڪي پائي تي بيهاريائين جو اجا هلندو اچي. پهرين تاريخ جنوري سن 1903ع ۾ جڏهن دهلي ۾

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

دربار ٿي هئي، تڏهن پاڻ هز هائينس مير فيض محمد خان سان گڏ اُتي هو. ساڳئي سال جي مئي مهيني جي 31 تاريخ 57 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سندس نوڪري 32 ورهيه هئي، ڪيس ٻه پٽ آهن. هڪڙو غلام دستگير خان، جو بئريسٽر آهي ۽ سب ججيءَ جي عهدي تي آهي ۽ ٻيو غلام حسين خان، جنهن وڪالت جو امتحان پاس ڪيو آهي ۽ پهرين ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ ٿيو ۽ هاڻي مختيارڪار آهي.[②] قادر داد خان نهايت محنتي ۽ ايماندار ۽ هوشيار ۽ آزمودگار ۽ هر دلعزيز ماڻهو هو. تمام نهٺو ۽ ميلاپي هو ۽ احسان وسارڻ وارو نه هو. هن ڪي سندس مامي پالي وڏو ڪيو هو انهيءَ نظر ڪري هو پنهنجي حياتي جي وقت ۾ انهن پنهنجي مامي جي اولاد کي معقول تنخواهه ڏيندو رهيو ۽ انهن جي شادين غمن جو خرچ پيءُ وانگي سمورو پاڻ ڪندو هو. پنهنجي ٻي غريب برادريءَ سان به هميشه شادي غمي جي مجلسن ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ انهن کي عزت ڏيندو هو. پاڻ فخر ۽ وڏائي ڪڏهن ڪا نه ڪيائين. هو ديسي هنرن جو مددگار هو. نوشهري ڊويزن ۾ ڊيپوٽي هو، تڏهن اُتي ڪنڊياري ۽ نوشهري ۾ هنرن جا وڏا ڪارخانا جاري ڪيائين ۽ رياست ۾ به اچڻ شرط ساڳيا جاري ڪيائين، جي اجا هلندا اچن ۽ انهن مان ڪيترا غريب ماڻهو ڪاريگر ٿي نڪتا ۽ پنهجو چڱو گذران پيا ڪن. هو ڏاڍو سخي ۽ فياض هو هميشه بيواهه عورتن ۽ يتيم ٻارن کي مدد ڪندو هو ۽ ماهوار پگهار ڏيندو هو. رحمدل اهڙو هو جو سندس خانگي نوڪرن يا پٽيوالن مان ڪو بيمار ٿيندو هو ته انهيءَ جي جاءِ تي وڃي انهن کان پڇندو هو ۽ انهن جي دوا درمل جو بندوبست ڪندو هو.

انگريز سرڪار وٽ سندس ايتري عزت هئي جو هڪ دفعي جڏهن بمبئي جو گورنر صاحب رياست ۾ آيو هو ۽ خان بيمار هو ۽ ملاقات وقت حاضر نه ٿي سگهيو. تڏهن گورنر صاحب جي بدران خير عافيت پڇڻ لاءِ ڪمشنر صاحب سرجيمس سندس خانگي جاءِ تي ويو ۽ سندس وڏي پٽ غلام دستگير خان کي اسڪول مان گهرائي سندس بدران دربار ۾ ڪرسي تي ٻن صاحبزادن سان گڏ وهاريائون ۽ گورنر صاحب سان ملاقات ڪرايائون.

2۔ سردار محمد يعقوب خان جو احوال

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

هو شيخ محمد اسماعيل جو وڏو پٽ هو. جو فرسٽ بلوچي پلٽڻ ۾ ميجر صوبدار هو ۽ ورهين جا ورهيه ملٽري کاتي ۾ نوڪري ڪري ۽ گهڻيون جنگيون ڏسي انهيءَ عهدي تي رسيو هو ۽ پوءِ گهڻا ورهيه پينشن تي رهيو ۽ پير مرد ٿي وفات ڪيائين.

هو اصل دکن جي هڪڙي بني اسرائيل خاندان جو هو جو پوءِ مسلمان ٿيو. هن دهليءَ جي هڪ مغل خاندان مان شادي ڪئي هئي ۽ کيس چار پٽ هئا. جن مان وڏو محمد يعقوب خان هو. هو 14 اپريل سن 1858ع ۾ ڄائو هو ۽ سن 1875ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جو مٽريڪيوليشن امتحان پاس ڪيائين ۽ سنڌ جي سيني شاگردن کان مٿي آيو. 20 جون سن 1876ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ ڪلارڪ ٿي داخل ٿيو ۽ پوءِ درجي به درجي چڙهي مختيارڪار ٿيو. ڊپارٽمينٽ امتحان پاس ڪري 23 مئي سن 1891ع ۾ ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيو. تمام چڱي نوڪري ڏيڻ ڪري جنوري سن 1898ع ۾ سرداريءَ جو لقب مليس ۽ جنوري سن 1900ع ۾ سي. آءِ. اي جو خطاب مليس. سن 1901ع جي اپريل ۾ هو ٿرپارڪر جو ڊيپوٽي ڪمشنر ٿيو ۽ ساڳي سال جي ڊسمبر مهيني ۾ ڪالنائزيشن آفيسر جمڙائو ڪئنال جو مقرر ٿيو. سن 1903ع ۾ خان بهادر قادر داد خان جي وفات ڪرڻ تي، رياست خيرپور جو وزير مقرر ٿيو ۽ اتي جي ملڪي انتظام ۽ ٻين ڪمن ۾ گهڻا سڌارا ڪيائين ۽ جيڪي ڪم اڳوڻي خان بهادر اڻ پورا ڇڏيا هئا، سي پورا ڪيائين. خيرپور ۾ انگريزي اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جاري ڪيائين ۽ ميرواهه جي پل وارو رستو ۽ فيض محل ۽ ٻيون چڱيون عمارتون جوڙايائين. سن 1904ع ۾ هو سنڌ جي طرفان بمبئي جي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو يو ۽ سنڌ جي ماڻهن کي عام طرح ۽ زميندارن کي خاص طرح ڪيترا فائدا پهچايائين. ڍاڪا جي محمدن ايڊوڪيشنل ڪانفرنس ۾ پريزيڊنٽ چونڊيو ويو هو. ڪراچيءَ ۾ به ايڊوڪيشنل ڪانفرنس ٿيڻ لاءِ نواب محسن الملڪ بهادر سان لکپڙهه ڪئي هئائين، مگر عمر وفا نه ڪيس، تنهن ڪري جڏهن اها ڪانفرنس اتي ٿي تڏهن انهيءَ ۾ حاضر نه هو مگر ڪانفرنس سندس وفات جي نسبت ۾ افسوس ۽ معذرت جو هڪڙو ٺهراءُ پاس ڪيو. 24 جنوري سن 1907ع ۾ اوچتو دل جي بيماريءَ کان خيرپور ۾ وفات ڪيائين ۽ سندس لاش حيدرآباد ۾ آڻي دفن ڪيو ويو. هن

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

جيڪا نوڪري انگريز سرڪار وٽ يا رياست ۾ ڪئي تنهن جي ڪري هو هر دلعزيز ٿيو ۽ سرڪار وٽ هن جو ايترو قدر ۽ مان هو جيترو خان بهادر قادر داد خان جو هو.

سردار محمد يعقوب ڏاڍو هوشيار، چالاڪ، تجويز ۾ جرئت وارو ۽ چڱي طبيعت وارو ماڻهو هو. سڀ ڪم ايمانداريءَ ۽ هوشياريءَ سان ڪندو هو ۽ خلق جو خير خواهہ هوندو هو. هن کي هڪڙو پٽ محمد سليمان نالي هو جو جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو ۽ ٻيو ننڍو پٽ محمد لقمان نالي اٿس جو اسڪول ۾ پڙهي پيو. سورت ۾ نوابن جي ڪنهن خاندان مان شادي ڪئي هئائين، جنهن مان اهو پويون پٽ حيات اٿس. ڪيس تي ڀاءُ هئا. هڪڙو ميان محمد دائود جو پينشنر پوليس انسپيڪٽر هو ۽ هاڻي تازي وفات ڪيائين. ٻيو ميان محمد يوسف جو ڀاءُ هوس، جو مختياريءَ جي عهدي تي هو ۽ انهيءَ بہ جوانيءَ ۾ وفات ڪئي، ٽيون ڀاءُ ميان محمد ابراهيم هوس جو پريندي ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو ۽ پوءِ شيخ صادق علي جي وفات کان پوءِ خيرپور جو وزير ٿيو ۽ ڪن ورهين کان پوءِ موڪل تي ويو. سردار مرحوم جي انهن سڀني ڀائرن کي بہ گهڻو اولاد آهي.[3]

3_ خان بهادر شيخ صادق علي صاحب جو احوال

شيخ صادق علي صاحب شيخ شير علي جو پٽ هو جو انگريز سرڪار جي نوڪريءَ ۾ دفتر دار ٿي گذريو. هو انصاري خاندان مان هو جو چوٿيهين پيڙهي سان خواجه عبدالله انصاريءَ سان وڃي ٿي لڳو. هن جا وڏا انبهٽ ضلع سهارنپور جا وينل هئا، پوءِ شڪارپور ۾ اچي رهڻ لڳا. سندس چاچو شيخ جعفر علي مرحوم مير علي مراد خان وٽ وزير هو، جنهن جو ذڪر مير صاحب موصوف جي حوال ۾ آيو آهي ۽ جنهن جا پٽ شيخ هدايت علي ۽ شيخ ممتاز علي هئا. شيخ صاحب مئٽرڪيوليشن امتحان پاس ڪري 17 آڪٽوبر 1873ع جي سرڪاري نوڪريءَ ۾ منشي ٿي داخل ٿيو. 7 ڊسمبر 1881ع جي مختيارڪار ٿيو ۽ ڊپارٽمينٽ امتحان پاس ڪري 12 مئي سن 1888ع جي ڊپٽي ڪلڪٽر ٿيو. 11 مئي سن 1907ع جي رياست خيرپور جو وزير مقرر ٿيو. سن 1911ع ۾ هن کي خان، بهادريءَ جو خطاب مليو. رياست ۾ فيض امام لئبرريءَ جو جيم خاني جو بنياد وڌائين ۽ ٻيا گهڻا تعليمي ۽ قومي فائدي جهڙا ڪم ڪيائين. ڪوٽڏيجي ۾ خانگي شاهي محل ٺهرايائين. ڪراچيءَ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

۾ هڪڙو وڏو بنگلو خريد ڪري رياست جي ڪم لاءِ ۽ هز هائينس مير صاحب جي رهڻ لاءِ تيار ڪرايائين. 19 اپريل سن 1912ع ۾ لاهور ۾ وفات ڪيائين, جتي بيماريءَ جي سبب علاج لاءِ ويو هو. سندس لاءِ اتان آڻي شڪارپور ۾ علوين جي مقام ۾ دفن ڪيائون. ڪيس هينيان پنج پٽ آهن. شير علي, مظهر علي, محمد علي, احمد علي ۽ غلام لقمان انهن مان وڏو شيخ شير علي خان هيڊمنشي ۽ محالڪار ۽ مختيارڪار ٿيو ۽ هاڻي رياست ۾ نائب وزير آهي. ٻيو شيخ مظهر علي ولايت مان پڙهي آيو آهي. ڪين گهڻي زمين آهي, جنهن جي هو سنڀال ڪن ٿا. مرحوم شيخ صادق علي خان بهادر قادر داد خان جي زيردستي ۾ ڪلارڪ ٿي رهيو هو. جڏهن خان جيڪب آباد ۾ ڊپٽي ڪلڪٽر هو. انهن جي سنگت مان جن گهڻائي گڻ پرايا. انهيءَ وانگر هو ننگ پرور, ساده لباس, ساده طبع, ايماندار, سچو خداپرست, فياض ۽ خلق جو خير خواهه هو. پاڙي وارن غريب عزيزن ۽ ٻين سان شادي غميءَ ۾ شامل ٿيندو هو بلڪ پاڻ هنن سان گڏجي ڪم ڪندو هو. انهيءَ ڪري هو هر دلعزيز هوندو هو. تنهن ڪان سواءِ هو نمازي ۽ شريعت تي قائم هوندو هو ۽ دين مذهب مان چڱو واقف هو ۽ مذهبي تعليم پکيڙڻ ۾ گهڻي مدد ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ جيڪا آل انڊيا محمدن ايڊوڪيشنل ڪانفرنس ٿي هئي سا سندس وقت ۾ ٿي, جڏهن پاڻ رياست ۾ هو ۽ انهيءَ جي ڪم ۾ گهڻي مدد ڏنائين.[④]

4_ خان صاحب ميان محمد ابراهيم صاحب جو احوال

ميان محمد ابراهيم سردار محمد يعقوب خان جو ننڍو ڀاءُ آهي. هو 4_ نومبر سن 1874ع ۾ ڄائو هو. بمبئي يونيورسٽي جو مئٽرڪيوليشن امتحان پاس ڪيو هئائين. 4 جنوري 1901ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو. هو پنهنجي ڀاءُ سردار محمد يعقوب خان سان گڏ رهي سنڌ ۾ توڙي بمبئي ۾ پليگ ۽ ٻين سرڪاري ڪمن ۾ آزمودو حاصل ڪري پاڻ کي اهڙو لائق ڪيائين جو سرڪار مهرباني ڪري هن کي هڪدم آزمائشي طرح مختيارڪار ڪيو. ڊپارٽمينٽل امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ 13 جون سن 1902ع تي انهيءَ عهدي تي پڪو ڪيو ويو. سن 1906ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. 1912ع جي مئي مهيني جي 22 تاريخ مرحوم شيخ صادق علي جي جاءِ تي رياست خيرپور جو وزير مقرر ٿيو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

۽ سن 1919ع ۾ مير صاحب مير امام بخش سان ناسازيءَ جي ڪري موڪل وٺي وزيري ڇڏي ويو. هن صاحب پنهنجي وزيريءَ جي عرصي ۾ گهڻا وڏيڪ سڌاري جا ڪم ڪيا. شهر ۾ هن ڪي نيون سڙڪون ۽ عمارتون ۽ مسجدون ٺهرايون, جي شهر جو سينگار آهن. رياست جي ٻاهران آيلن عملدارن جي رهڻ لاءِ چڱيون جايون ٺهرايائين جتي هو معقول مسواڙ ڏئي آسودا ٿا گذارين. اڳي ڪچيون جايون بہ مشڪل سان مسواڙ تي ملنديون هيون. لوهہ جو ڪارخانو بہ چڱو چالو ڪيائين, جنهن ۾ رياست جا غريب يتيم ڇوڪرا ۽ وڏي ميعاد وارا قيدي ڪم پيا ڪن. ۽ ولايتي نموني جا لوهہ جا ڪم ٿا ٿين, جن لاءِ اڳي رياست کي هزارين رپيا خرچي ٻاهر ماڻهو موڪلڻا ٿيندا هئا. هاڻي تہ پاڻ ٻاهرين ڪارخانن جي سامان ٺهرائڻ لاءِ آرڊر ايندا آهن. ڪوري خانن ۾ نوان آڏاڻا جاري ڪرايا ويا. آبادي جي ڪم ۾ بہ ترقي ٿي جو عمدو اناج, ٻج لاءِ ٻاهران گهرائي هارين کي ڏبو هو ۽ خيرپور جي ويجهو هڪڙو فارم کوليو ويو آهي, جنهن ۾ چڱيون چڱيون جنسون آزمائش لاءِ پوکجن ٿيون ۽ زميندار اهي اچي ڏسن ٿا. ٻنائي جو بندوبست اهڙو سڌريل رکيائين جو تغلب جو امڪان ڪونهي. واهن مان خاص ڪري ميرواهہ جو هيڊ ريگيوليٽر تمام جلد ٺهرايائين, جنهن ڪري پهرئين ئي سال ۾ خلق کي چڱو فائدو پهتو. گهڻيون مهاڙيون شڪار گاهن کان آزاد ٿي آبادي هيٺ آيون. ملٽري کاتي ۾ بہ گهڻو سڌارو ٿيو ڪيڊٽ ڪور جو بندوبست ڪيائين, جيم خانو قائم ڪيائين, زناني اسپتال چڱي جوڙايائين, بجلي جي بتين ۽ پکن جو عام بندوبست ڪيائين, جو اڪثر سرڪاري جاين ۾ جاري ٿيو. انگريزي اسڪول جو درجو وڌائي هاءِ اسڪول ڪرايائين. هن جي ڏينهن ۾ انجمن حمايت اسلام لاهور کي هزار رپيا امداد مليو ۽ سن 1919ع ۾ آل انڊين محمدن ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس خيرپور ۾ ٿي, جنهن جو بندوبست تمام عمدو هو ۽ هندستان جي جدا جدا ڀاڱن مان ماڻهو آيل هئا.

مياں محمد ابراهيم خان کي چار پٽ آهن, محمد اسلم, محمد اعظم, محمد اڪرم, محمد آسام, سندس وڏو پٽ ڪراچي ڪاليج ۾ پڙهندو آهي ۽ انهيءَ کان ننڍو هاءِ اسڪول ۾ مئٽرڪيوليشن لاءِ پڙهي ٿو ۽ خيرپور ڪيڊٽ ڪور جو ڪپتان هو.

5_ شيخ محمد قادر صاحب جو احوال

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

شيخ محمد قادر صاحب تاريخ 12 جون سن 1976ع جي تولد ٿيو هو. هو اصل سورت شهر جو وينل آهي، بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ بي. اي ۾ ايل ايل بي امتحان پاس ڪيائين ۾ 27 تاريخ اپريل 1901ع ۾ سرڪاري نوڪري شروع ڪيائين 7 سن 1911ع تائين لوڻ جي ڪاتي، پوليٽيڪل ڪاتي ۾ روينيو ڪاتي ۾ ننڍيون نوڪريون ڪيائين ۾ ائڪٽنگ ڊپٽي ڪلڪٽر بہ ٿيو. جولاءِ 1904ع ۾ بدلي ٿي سنڌ ۾ آيو ۾ اتي پهرين مختيارڪار، پوءِ ڪمشنر صاحب جو مير منشي ۾ پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر ۾ پوءِ نيٽو اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو. جون سن 1912ع ۾ موڪل تي ويو. سن 1915ع ۾ بمبئي سرڪار جو اورينٽل ٽرانسليٽر مقرر ٿيو ۾ اتان 15 جولاءِ سن 1920ع ۾ رياست خيرپور جو وزير مقرر ٿي آيو. جنگ ۾ خدمتگذاري لاءِ هن کي ايم بي اي جو لقب مليو. يعني ميمبر آف برٽش ايمپائر.

رياست ۾ مير صاحب بہ نئون والي ٿيو ۾ وزير بہ نئون ٿيو. جنهن کي مير صاحب پسند ڪري پاڻ وٽ آندو آهي. بئي تعليم يافتہ ، ۾ هوشيار ۾ آزمودگار آهن. اڳيئي حڪومت جي سڌارڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو اٿن ۾ ڪي سڌارا ڪيا اٿن، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. وڌيڪ سڌارا هي بہ ٿيا آهن.

سن 1921ع جي مارچ جي پهرين تاريخ ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جو بندوبست پهريون دفعو رياست ۾ جاري ڪيو ويو. ۾ انهيءَ ڪم لاءِ رجسٽرار جو عهدو مقرر ڪيو ويو. انهيءَ عهديدار کي حيدرآباد ڏي روانو ڪيو ويو تہ خان بهادر عظيم خان اسسٽنٽ رجسٽرار اِن سنڌ جي نظر هيٺ ڪم سکي اچي. پهرين ڪوآپريٽو سوسائٽي 19 مارچ جي نري ۾ قائم ڪئي وئي ۾ سگهو ئي پوءِ خيرپور ۾ بہ قائم ڪئي وئي ۾ پوءِ سال جي اندر ٽيهہ ٻيون سوسائٽيون بہ جاري ٿيون.

خيرپور ۾ ورهين کان پيئڻ جي پاڻيءَ جو گهڻو اهنج هو. انهيءَ جي دور ڪرڻ لاءِ هاڻوڪي وزير صاحب جي ڏينهن ۾ نلڪن جاري ڪرڻ جو بندوبست جاري ڪيو ويو آهي، جنهن تي ساليانو خرچ اٽڪل پنج هزار رپيا ٿيندو.

اصل ماڙي شاخ 16 ميل هئي جا پوري طرح پاڻي پهچائي نہ سگهندي هئي، جنهن جي يارهن ميلن ۾ ڦڙيٽائي سادا ارڙهن ميل ناپٽ ڪڍي ساري زمين کي آباد ڪيو ويو آهي، جن

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ٻنهي ڀاڱن کي گڏي علي نواز واهه سڏڻ ۾ اچي ٿو جنهن جي ڊيگهه اٽڪل 30 ميل ٿيندي، علي نواز واهه تي خرچ اٽڪل هڪ لک رپيا ٿيو آهي.

آبادي وڌائڻ لاءِ واهن جون گهٽيون نيون شاخون ڪڍيون ويون آهن، جن جي ڊگهائي اٽڪل پنجويهه ميل ٿيندي.

صاحبزادي مير فيض محمد خان جي تعليم ۽ سنڀال لاءِ ولايت مان هڪڙي فرينچ ليڊي ميڊ مئازل ڊفلو نالي گهرائي ويئي آهي، جنهن کي اٽڪل هڪ هزار رپيا پگهار ۽ ڪاڌو وغيره لاءِ ملي ٿو.

سيشن ۽ ڊسٽرڪٽ جج جي جاءِ نئي کولي ويئي، جنهن تي مسٽر امداد علي قاضي بئرسٽر، جو اڳي حيدرآباد ضلعي جو سب جج هو، تنهن کي رکيو ويو آهي. مير واهه ڊويزن جي لاءِ به هڪڙو ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ نئون مقرر ڪيو ويو آهي.

مير الهداد خان جي وفات ڪري پنج جاگيرون موٽائي ورتيون ويون ۽ سندس پس ماندن کي مناسب گذران لاءِ هڪڙي جاگير ۽ پينشن مقرر ڪيل آهي. گذريل سال کان اٽڪل اٺ هزار ايڪڙ زمين وڌيڪ آبادي هيٺ آئي. اميد ڪجي ٿي ته اڳتي به ٻيا سڌاري جا ڪم ڪندا رهندا، جنهن ڪري ملڪ جي توڙي اُتي جي ماڻهن جي حالت بهتر ٿيندي ويندي.

[①] انهن منشين مان منشي اُتم چند سان منهنجي گهڻي معرفت هئي، خاص ڪري ان وقت جڏهن هو گوشه نشين ٿيو. مون کي به شعر جو شوق هو ۽ هن کي به، هڪ ٻئي کي پنهنجو شعر ڏيکاريندا هئاسين. هن جي صحبت مون کي گهڻي پسند هئي، هو ڏاڍو قابل ۽ هوشيار ماڻهو هو. جيڪو هندو ماڻهو پارسي ۽ عربي ۾ اهڙو قابل ٿورو هوندو، خاص ڪري سنڌ ۾.

[②] مرحوم قادر داد خان سان منهنجي گهڻي قدر واقفيت هئي جو هو گهڻا ڏينهن منهنجي مامي مرزا علي محمد بيگ، ڊپٽي ڪليڪٽر هيٺ مختيارڪار ٿي رهيو هو. جڏهن کان نوشهري ڊويزن مان وزير مقرر ٿي ويو، تڏهن آئون سنڌس جاءِ تي نوشهري ۾ مقرر ٿيس. اگرچه سندس هوندي منهنجو خيرپور وڃڻ نه ٿيو تڏهن به ٻين گهڻن هنڌن تي گڏيا هئاسون ۽ هڪ ٻئي سان سرڪاري ۽ خانگي ڪمن ۾ صلاح مصلحت وٺندا هئاسين. اسان جو پاڻ ۾ اهڙو دوستيءَ جو رشتو هو جو مير فيض محمد خان جي ساڻس ناسازي ٿيڻ تي جڏهن مير صاحب مون کي وزير ٿيڻ لاءِ چيو، تڏهن منهنجي ناڪار ڪرڻ جو هڪڙو سبب اهو به هو.

[③] سردار محمد يعقوب منهنجو عزيز هو، هن طرح ته سندس همشيره منهنجي گهر ۾ هئي، پر انهيءَ کان اڳي نندي هوندي کان اسان جي پاڻ ۾ دوستي هئي. بلڪ سندس والد جو منهنجي والد سان گهڻو رستو هو. شاديءَ وقت اسين ٽئي مختيارڪار هئاسين، تنهن کان پوءِ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

ته اڳي کان زياده واقفيت ۽ گهرائي ٿي. حقيقت ڪري هو نهايت چڱو ۽ نيڪ ۽ چڱي دل وارو ماڻهو خلق جو خير خواهه قابل، هوشيار، چالاڪ ۽ ايماندار ماڻهو هو جنهن ڪري هو وسرڻ جو ناهي.

[④] مرحوم شيخ صادق علي صاحب منهنجو ننڍي هوندي جو سنگتي هو. اسين ٻئي هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ گڏ پڙهياسين ۽ مئٽرڪيوليشن امتحان ۾ به گڏ هئاسين پوءِ هن وڃي نوڪري ڪئي ۽ آئون ڪاليج ۾ داخل ٿيس. نوڪريءَ ۾ به اڪثر پيا گڏبا هئاسين ۽ هڪ ٻئي سان صلاح مصلحت ڪندا هئاسين. پاڻ جيڪب آباد ۾ ڊپٽي ڪلڪٽر هو. تڏهن مون وٽ ڪائنس اها چارج ورتي. سندس هوندي به منهنجو خيرپور ۾ وڃڻ ٿيو هو ۽ هڪ ٻه ڏينهن اتي گڏ گذاريا هئاسين.

(پورو ٿيو)

پيشڪش : آن لائين ڪتاب گهر

ترتيب : قاسم سنڌي

نوٽ: (هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان ڪٽي پي ڊي ايف جي صورت ۾ آٽي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ رکيو ويو)

14/10/2014

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944